حُر مَکيءَ جا (١٩١٤) ڪهاڻيءَ

جي ليکڪ

لعلچند اَمرڏِنومل جڳتياڻيءَ جي

ياد ۾ سِنڌيِ ڪهاڻيءَ جي

١٠٠

سوَ سالن جي جشن طور سنڌي

ڪهاڻين جو مجموعو

# وِرَڪِتيِ

(٢٠١٤)

نامديو تاراچنداڻي

Unfiled Notes Page

हुर मखीअ जा (1914) कहाणीअ

जे लेखक

लालचंद अमरड̱िनोमल जग̱तियाणीअ जी

याद में सिन्धी कहाणीअ जे

**100**

सौ सालनि जे जश्न तोर सिन्धी

कहाणियुनि जो मजमूओ

# विरक्ति

(2014)

## नामदेव ताराचंदाणी

# آتم - ڪٿن

مون کي تہ هونءَ بہ مُهاڳ لکائڻ ۽ لکڻ ٻئي ڪم ’ڌرم سنڪٽ‘ جا لڳندا آهن. ان ڪري هيءُ آتم-ڪٿن:

منهنجو پهريون ڪهاڻين جو مجموعو ’وِکُون‘ ٣٣ سال اَڳ ’سنڌي ٽائيمس‘ پاران شايع ٿيو هو.

پوءِ بہ ڪهاڻين جو لکجڻ تہ جاري رهيو، پر وچوٽيون پونديون رهيون.

شامل ڪهاڻين مان ڪيتريون پاڻ مُرادو وري شايع ڪيوُن ويون. ڪي ترجمو ڪري بہ شايع ڪيون ويون. ڪن جو مون بہ ترجمو ڪيو. ڪي ٻين ٻولين ۾ بہ پسند ڪيون ويون. ڪيتريون ڪهاڻيون تنقيدي مقالن ۾ اڪثر ذڪرجنديون رهيون. ڪي ڪهاڻيون سينٽرل ساهت اڪادميءَ جي زونل رائيٽرس ميٽ جي ريڊنگ ۾ پيش ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ سنڌي ٽوٽي هنديءَ جي نئشنل Anthologies ۾ بہ شامل ڪيون ويون. سنڌيءَ جي اهڙين چئن چوند ڪهاڻين جي Anthologies ۾ شامل ٿيون. ’رچنا‘ مخزن جي ١٠٠ نمبر ۾ الڳ الڳ سمپادڪن بهتر رچنائون وري شايع ڪرڻ واري خاص پرچي جي چوند ۾ ڪويتا، آلوچنا سان ڪهاڻي بہ شامل ڪئي هئي!

پر ٣٣ سالن تائين، وجهہ وسيلا هوندي بہ ٻيو مجموعو شايع ڪرڻ جو اُتساهہ نہ رهيو!

هاڻ تہ kindle، E.Book، Audio Book، ويب سائيٽ، Whats App جي زماني ۾ ڪتاب شايد درلڀ ٿيندو وڃي. اسان سنڌين لاءِ هند توڙي سنڌ ۾ Audio Book جو آپشن بهتر آهي. عربي ديوناگري (يا هاڻ وري رومن) لپيءَ جو مسئلو ئي نہ رهي! البت اردو ۽ هندي لفظن لاءِ ٿورو ڪمپرومائيز ڪرڻو پوندو! مون بہ پنهنجي ويب سائيٽ تي ڪجهہ ڪتاب عربي، ديوناگريءَ ۽ آڊيو ۾ رکيا آهن (www.tarachandani.com)

شامل ڪهاڻين ۾ اوس نئين ڪهاڻيءَ جو ۽ ڪٿي علامتي ڪهاڻيءَ جو تاثر نظر اَچي سگهي ٿو. ڪٿي ڪنهن کي ماڊرن ڪهاڻي، ڪنهن کي الٽرا ماڊرن ڪهاڻي يا اَڪهاڻي، جديد ڪهاڻي يا بعد جديد ڪهاڻي بہ نظر اَچي وڃي. ايترو ئي نہ، هت ترقي پسند ڪهاڻيءَ جي Flavour ملڻ

جي بہ گنجائش رهي ٿي! رومانٽڪ ڪهاڻي تہ رهڻي ئي آهي. سماجڪ ڪهاڻيءَ کان وڌيڪ سماج نَوَ رچنا Social Reconstruction يا وري فلسفہ-حيات بہ ملي ويندو.

مونکي نہ ڪنهن کان اِنڪار آهي نہ پرهيز ۽ نہ وري ڪا دعويٰ ئي آهي! صداقت پري ڳالهہ اِها آهي تہ مون تہ فقط سهج سڀاويڪ ڪهاڻيون لکيون آهن. برابر مون سڀ کان وڌيڪ تنقيد لکي آهي، پر ڪهاڻي لکڻ وقت منهنجو نقاد منهنجو دوست گهٽ دشمن وڌيڪ رهيو آهي! شايد ان ڪري ڪيتريون ڪهاڻيون (سلسلو، برسات جي رات، شرارت، ڇايا، مون کي نندِ آهي، لاٽري، احساس، لوڪشاهي، تماشو وغيره) هٿ شامل ڪانہ ٿيون آهن. البت 'سلسلو' گهٽ ئي ليکڪن جي پهرين ڪهاڻيءَ واري مجموعي ۾ آئي هئي!

مان مڃان ٿو-

هر اديب، اِنسان کي انسان بڻائڻ ۽ بڻائي رکڻ جو خواهشمند هئڻ گهرجي. اِنساني مَن-وِرتِين جي ذَهِين ۽ مَهِين ڪهاڻيءَ ۾ بہ اهو جذبو سمايل رهي سگهي ٿو. اَن لاءِ ڪا سڄاڳ ڪوشش Conscious Effort وٺڻ جي ضرورت ڪانہ آهي. اسان اهو جذبو Promote ڀل نہ ڪريون، پر Support تہ ڪرڻ گهرجي.

شايد اسان مان گهڻن جي وقت ۾ ئي اهو امڪان آهي تہ ميوزيم ۾ ڪي سياڻا سمجهائيندا تہ اڳ ماڻهو پنهنجي ساڄي هٿ جي ٻن آڱرين ۾ ڪنهن قسم جي پين پڪڙي هڪ هڪ اکر لکندا هئا. تڏهن وائس ڪمانڊ ۽ Think Commond جهڙيون چيزون اُسريون ڪانہ هيون ۽ ترجما ڪرڻ لاءِ بہ الڳ الڳ ٻوليون سکڻيون پونديون هيون!

۽ شايد 'ساهتيہ رچنا' جو سرجن بہ اهڙا Tools ڪندا! اڄ.... ها اَڄ بہ اسان مان گهڻا قبول ڪن ٿا تہ ساهتيہ (خاص ڪري سنڌي ساهتيہ)، ڪير ڪونہ ٿو پڙهي!

توهان اسان مان اهڙن گهڻن کي غلط ثابت ڪري سگهو ٿا!

**نامديو تاراچنداڻي**
namdev@tarachandani.com

### نامديو تاراچنداڻيءَ جي ڪهاڻي - مرتيوءُ-اُتسوءُ

’مرتيوءُ-اُتسوءُ‘ نامديو جي ڪهاڻي پڙهندي پهريون تاثر اِهو اُڀريو تہ ڪاش! اِن ڪهاڻيءَ جو ليکڪ مان هجان ها. ڪهاڻيءَ جي گهرائيءَ ۽ گنڀيرتا کي ماڻڻ لاءِ هڪ دفعو ٻيهر ايڪانت ۾ پڙهڻ جي لالسا جاڳي. لڳو تہ مان جڻ ڪهاڻيءَ جي رهسميہ دارشنڪ فضا ۾ ويڙهجندو ٿو وڃان. هڪ مرڻينگ مريض جي ذهني لوچ پوچ ۽ سوچ تڙپ ليکڪ نهايت قابليت سان بيان ڪئي آهي. هڪ سُڄاڳ، گنڀير ليکڪ جي مڪمل ڪهاڻي محسوس ٿئي ٿي، جنهن مان رچناڪار جي مطالعي ۽ انڀوَ کي شدت سان محسوسي سگهي ٿو. تخليقي ٻوليءَ جو خوبصورت اِستعمال ۽ ادائگيءَ جو علحدو انداز نظر اچي ٿو.

**هري همٿاڻي**
(مقالا ۽ تبصرا)

مان قبول ٿو ڪريان تہ ’ورڪتي‘ اِن ڏهاڪي جي اهم تر ڪهاڻي آهي. پڙهي تہ رچنا ۾ اُن وقت بہ هئم، پر ’فقط پڙهڻ لاءِ‘ تنهنجي نوٽ (۽ اُن لاءِ مان تنهنجو ٿورائتو آهيان) ۽ اُن اِشاري منهنجو وري ممڪن حل تائين سمورو ڌيان ڇڪي ورتو. مان قبول ٿو ڪريان تہ اِن جائزي ۾ سڀ کان اول ’وِرڪتي‘ جو ڀرپور ذڪر ٿيڻ کپندو هو.

**هيرو شيوڪاڻي**
(خط مان ڪوريل سِٽون)

## Story as an Art Form

In this post modernistic period of two decades, there is a good crop of many excellent short stories, which reach the artistic heights, justifying the claim of short story as an art form.

Namdev Tarachandani's 'Hik Khubsoorat Budhi Aurat' (One beautiful old lady - 2006) is a Rajasthani miniature painting, every aspect of the old woman's beauty has been painted in detail with loving care, not with the brush, but with the words.

The beholder of this beautiful woman, is a poet, who is so much captivated by her charm that he remains spellbound for quite a while, looking at her feet, and at her face. He reverently bows his head in salutation, and tells himself "one should worship not the gods, but the creations of God, in such a beautiful human form".

**Lakhmi Khilani**

(Sindhi short story in Post Modernist Period 1980-2008)

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| 1- ڌرتي ۽ آڪاش | 1981 | ڪونج | 1 |
| 2- پينگهو | 1981 | رچنا | 8 |
| 3- وِساڻ کان اَڳ | 1985 | ڪونج | 16 |
| 4- ڏينيوُ | 1987 | رِهاڻ | 23 |
| 5- رتيِ | 1991 | رچنا | 29 |
| 6- ڏينهن رات ۽ شهر | 1992 | رچنا | 35 |
| 7- گهر | 1997 | ڪونج | 39 |
| 8- چرڪ | 1997 | ڪونج | 46 |
| 9- انعام | 1999 | رچنا | 52 |
| 10- فور ويلر | 2000 | سِپوُن | 58 |
| 11- ورَڪتيِ | 2002 | رچنا | 63 |
| 12- لَو ائٽ فرسٽ سائيٽ | 2002 | ڪونج | 83 |
| 13- ڪرفيوُ | 2003 | سِپوُن | 89 |
| 14- ڪجهہ نہ چاهڻ جو سُکُ | 2004 | ڪونج | 94 |
| 15- ميوزيم | 2004 | رچنا | 99 |
| 16- مرتيو اُتسو | 2005 | رچنا | 104 |
| 17- مردن جي دنيا | 2006 | ڪونج | 114 |
| 18- ريڊيو | 2008 | رچنا | 119 |
| 19- نہ روشني نہ اوندهہ | 2009 | ڪونج | 123 |
| 20- هڪ خوبصورت ٻڍي عورت | 2010 | رچنا | 130 |
| 21- صفائيءَ وارو اَنڪل | 2011 | رچنا | 135 |
| 22- مُنيءَ پر ممتا | 2012 | سِپوُن | 141 |
| 23- فرق | 2014 | ڪونج | 147 |
| 24- هريش واسواڻي 'وکون' تنقيد | (1981) | | 155 |

# ڌرتيءَ آڪاش

تڏهن ڌرتي ڳُهري رهي هئي
پر آڪاش ڏيئي نہ رهيو هو.

پريم سوڌو-ڪجهہ بہ.

اُن ڳالهہ کي بہ سال ٿي ويا.

بہ سال اَڳ ئي، چاهي ها تہ، آڪاش، ڌرتيءَ کي ٽڏو ڪري سگهي ها، پر هنکي اهو سڀ، اِئين، برساتي-موسمي-وسڻ، اُن وقت، پسند نہ آيو هو.

تڏهن
جڏهن ڌرتي گهري رهي هئي.
هوءَ وڏيڪ جوان ٿي رهي هئي.
پر آڪاش وسي نہ رهيو هو.
هو بہ وڏيڪ جوان ٿي رهيو هو.

ڏرتي آخر سڪي رک ٿيڻ لڳي. هن جون سڀ اکيون جوان آڪاش جي هيڏي نردئي وهنوار لاءِ، حقارت ڀري نظر سان، ڏسڻ لڳيون هيون. اِها غير رواجي نفرت، ٻنهي وچ ۾، آڪاش جي ضد مان، پيدا ٿي هئي. ان نفرت، ڏرتي ۽ آڪاش ٻنهي کي، سجاڳ ڪري ڇڏيو.

ڏرتي آڪاش طرف، آڪاش ڏرتيءَ طرف، هميشهہ، سڌِي نظر سان ٿي، ڏسڻ لڳا. ٻنهي کي جڻ پڪ ٿي ويئي تہ هو ٻئي ڪڏهن ٻہ، نظر نہ هٽائيندا. هڪ ٻئي کي ڪڏهن معاف نہ ڪندا. هنن جي اِها نظر ساڳي، ڪشمڪش ڀري، کهرِي، رُکي، پر ساڻ ساڻ، ڪنهن فرق جي انتظار واري هئي-پر وٽن سبب اَلڳ هئا. هنن مان ڏرتيءَ، جنهن، آڪاش سان اُفق ۾ ملڻ جا سپنا، هار ناهي، ڳچيءَ ۾ پائي رکيا هئا، پنهنجي ٽڪل، پريشان، ڊنل، پياسي، اُداس نظر لاءِ، سڀ ڏوهہ، آڪاش حوالي سمجهيو هو- هنن مان آڪاش، جنهن اُفق ۾ ڏرتيءَ سان ملڻ جي خواهش کي، ضد هيٺ لڪائي، دٻائي، ڍڪي ۽ سسائي ڇڏيو هو، ڏرتيءَ کي، البت، ڪوئي نازڪ ڏوهہ اِن لاءِ ڏيئي نہ رهيو هو.

ٻنهي کي، ان ڪري، لڳي رهيو هو، اُفق جو ملڻ، ڀرم آهي.

اهو ڀرم، اول ڏرتيءَ کي ٿي ٿيو.

هن آڪاش جي وسڻ جو انتظار ڪيو. پر پنهنجي اکين جي وسڻ تائين، آڪاش هڪ بوند ٻہ، هيٺ نہ جهڪيو. هن جون نظرون سڌيون رهيون. اُنهن نظرن جي سڌائيءَ ۾، آڪاش، پنهنجي پريم وغيره جو، ڪوبہ وسڪارو ڪونہ ڪيو، جنهنجو، ڏرتيءَ کي انتظار هو. هو نہ گرجيو-نہ وسيو. ڀرم جي خلقجڻ لاءِ، ڏرتيءَ پوءِ، پڇتاءُ ڪيو. هن پاڻ کان ان جا سبب پڇيا:

هڪ: ڏرتي هڪ عرصي کان ڪنواري هئي.

ٻہ : ڏرتي هڪ عرصي کان پياسي هئي.

ٽي : ڏرتي هڪ عرصي کان جوان هئي.

Unfiled Notes Page

چار: ڌرتي هڪ عرصي ڪان اڪيلي هئي.
پنج: ڌرتي هڪ عرصي ڪان سندر هئي.

ڌرتي هڪ عرصي ڪان ڌرتي هئي. اڳ تہ هوءَ صرف ڌرتي هئي، پر هاڻ تہ هوءَ ڌرتي بڻجي چڪي هئي. هنجي چهري تي چپ ڦٽي نڪتا هئا، اَڳ تہ اُهي صرف چپ هئا. هنجي چهري تي اکيون تري آيون هيون، اَڳ تہ اُهي صرف اکيون هيون. هنجي چهري تي ڳل اُڀري آيا هئا، اڳ اُهي صرف ڳل هئا. ان ڪري هنجي نہ تڙقڻ ڪي ڪا بہ معنيٰ نہ هئي.

پر آڪاش جي نہ تڙقڻ ڪي معنيٰ هئي.

هن اِتهاس ۽ فلاسافيءَ جي اکرن ۾ پنهنجو چهرو ڏنو. هنڪي ڏسڻ ۾ آيو تہ هو صدين ڪان اُباڻڪو هو. صدين ڪان وسڻ لاءِ گجندو رهيو هو. پر اُن لاءِ هنڪي سخت اِنتظار ڪرڻو پوندو هو. نماڻو ٿيڻو پوندو هو. ڌرتيءَ جي عاجزي ڪرڻي پوندي هئي. پريم ڪرڻو پوندو هو. پوءِ بہ هو جڏهن بہ وسڻ چاهيندو هو، هن تي مهرباني ڪئي ويندي هئي.

اِتهاس ۽ فلاسافيءَ جي اکرن هنڪي ٻڌايو تہ اصل ۾ آڪاس توري تڪڙ سبب مورک ثابت ٿيندو هو. ڌرتي جڏهن چاهي، جتي چاهي، جئن چاهي، جيترو چاهي، آڪاش ڪي تڏهن، اُتي، تئن، اوترو، وسڻ جو وجهہ ڏيئي، هن آڪاش ڪي پنهنجي وس ۾ رکيو هو. آڪاش ڪي هن ڪڏهن اهو چاڻڻ نہ ڏنو تہ وسڻ ڪان پسڻ گهٽ قدرتي نہ آهي.

اِتهاس ۽ فلاسافيءَ جي اکرن هنڪي ٻڌايو تہ هو جنهن لاءِ مجبور پئي رهندو آيو آهي، اهو قدرتي هوندي بہ، ڪا گهرج نہ آهي. پوءِ بہ وسڻ لاءِ هن ڪڏهن پنهنجو راڄ ڏنو آهي. پوءِ بہ وسڻ لاءِ ڪڏهن هن سر ڏنو آهي.

اِتهاس ۽ فلاسافيءَ جي اکرن هنکي ٻڌايو تہ ڌرتي بہ پسڻ لاءِ تڙفندي آهي پر گجندي نہ آهي. گجندي آهي بہ تہ ٻڌائيندي کانہ آهي. ٻڌائيندي بہ آهي تہ ڪَوِيُن کان لڪائيندي آهي. ڪوين کي خبر پئجي بہ ويندي آهي تہ هوءَ هننکي نالو کانہ ٻڌائيندي آهي. نالو ٻڌائيندي بہ آهي تہ اُهو سچو نہ هوندو آهي. جي اِهو سچو هوندو بہ آهي تہ هوءَ اِئين کانہ چوندي آهي تہ اهو سچو آهي.

پوءِ بہ، آڪاش کي، اِتهاس ۽ فلاسافيءَ جي اکرن اهڙا ڪيترا نالا ٻڌايا جيڪي سچا هئا، اِتهاس ۽ فلاسافيءَ گڏجي، آڪاش کي، اهو بہ ٻڌايو تہ اُهي نالا سچا هئا.

ان ڪري، ٻہ سال، هو وسڻ کان، انڪار ڪندو رهيو.

هن ڌسڻ چاهيو تہ، ڌرتي، ڪيستائين، سهاري سگهي ٿي. هن فيصلو ڪيو تہ هو تيستائين نہ وسندو، جيستائين هن کي وسڻو نہ هوندو. پل ڌرتي سڪي رک ٿي وڃي.

پر آڪاش جي نہ وسڻ کو ڌکر ڪونہ ڪيو.

ٻن سالن کان رک ٿيندي ٿيندي، ڌرتيءَ تي، هڪ ڌينهن وسڪارا پيا. آڪاش ڌسي دنگ رهجي ويو. هن ڌٺو تہ برابر ڌرتيءَ تي وسڪارا پيا. هن ڌٺو تہ ڪي گل بہ ڌرتيءَ تي اُڀريا هئا. هن ڌٺو تہ ڌرتيءَ جي ڇاتيءَ تي بہ گل اُڀريا هئا. هن ڌٺو تہ ڌرتيءَ جي ڪپڙن تي بہ گل اُڀريا هئا. هن ڌٺو تہ ڌرتيءَ جي ڇهري تي گل اُڀريا هئا. هن ڌٺو تہ گلن تي بہ گل اُڀريا هئا.

پر گلن آڪاش کي سرهاڻ کانہ ڌني.

هاڻ هن کي لڳو تہ هو ڦرجي ويو هو. هن پنهنجو پاڻ ۾ فرق محسوس ڪيو. هن هاڻ ڌرتيءَ کي پسائڻ چاهيو. هو هاڻ وسڻ لاءِ گرجڻ لڳو. هن کي پاڻ تي عجب لڳو. هن ڌرتي گم ڏٺي. هو ڌرتيءَ جي ڳولها ۾ نڪتو. رستي تي ڀيانڪ ۽ ڀيانڪ نظارا هئا. جيڪي ڀيانڪ بہ هئا تہ ڀيانڪ بہ هئا. دوُر تائين ڪجھہ نہ ڏسي هن اکيون کوليون. چشمو پائي آڪاش نهاريو تہ هن کي دوُر جو نظارو چٽو ڏسڻ ۾ آيو. اُتي ڌرتي ۽ آڪاش گلي ملي رهيا هئا. پر هو پاڻ اُتي ڪونہ هو. آڪاش ڏنو تہ آڪاش اتي برابر وسي رهيو هوندو. هن پاڻ بہ وَسڻ چاهيو.

هڪ ڏينهن هو ڌرتيءَ وٽ ويو. ڌرتي هاڻ پسي چڪي هئي. آلي ڌرتيءَ جي سرهي ۽ سائي چهري جي رونق ڏسي آڪاش جو چهرو پهرين پيلو، پوءِ لعل ۽ بعد ۾ اَڇو ٿي ويو. اَڇو منهن ڪٺي هن ڌرتيءَ جي سائي منهن جي پير ۾ آندو. ڪجھہ گجگوڙ ٻڌڻ جو اول هنن کي ڀرم ٿيو، پر جڏهن ڏٺائون ڏيڏرن جي ٽي اِها ٽان ٽان هئي، هنن منهن هڪ ٻئي جي ويجهو آندو. سائي منهن سان جڏهن اَڇو منهن مليو تڏهن ٻئي ڪارا ٿي ويا. ڌرتي هاڻ آڪاش کان دوُر ٿي ويئي. وسجي چڪل آڪاش اِن ۾ بہ پنهنجي هار ڏٺي. هن کي لڳو، جيت وري بہ ڌرتيءَ جي ٿي. آڪاش هارايو. ڌرتيءَ کٽيو. آڪاش کي اِئين محسوس ٿيو تہ وسڻ خود ۾ هڪ ڪمزوري آهي، گهرج نہ آهي. نہ تہ هو ڌرتيءَ کان تہ ڇا پر خود ڌرتيءَ کان بہ هارائي ها.

هن پوءِ نہ وسڻ جو فيصلو ڪيو.

ٻئي ڏينهن اخبارن ۾ صرف اهو هڪ ئي سماچار آيو-

اخبارن جو باقي حصو خالي آيو.

اهو ٻڌي ڌرتي ڊڪندي آئي. اَڇڻ شرط هن آڪاش کي گلي لڳايو. هر هنڌ چميو. معافي ورتي، پنهنجي وهنوار تي پڇتايو. هميشہ لاءِ پنهنجو

پاڻ هن کي حوالي ڪرڻ جو پرڻ ڪيو. آڪاش ڏٺو تہ هاڻ وري هن کي پريم ڪرڻو پوندو. هن هر ڳالھ کان اِنڪار ڪيو. وسڻ کان اِنڪار ڪيو. پريم ڪرڻ کان اِنڪار ڪيو. سڃاڻڻ کان اِنڪار ڪيو. سماجڪ جيون کان اِنڪار ڪيو. ڪنهن کي بہ اپنائڻ کان اِنڪار ڪيو. آڪاش پوءِ سڄ کان پيلا وستر ورتا . هن هماليہ طرف هلڻ شروع ڪيو. ڌرتي ڏسندي رهي. هن کي محسوس ٿيو، هوءَ آڪاش کان هارائي رهي هئي. هن کي محسوس ٿيو، هن جو وهنوار ڊونگ پريو هو. هنکي محسوس ٿيو، آڪاش کي تڙقائي هن بي اِنصافي ڪئي هئي. هنکي محسوس ٿيو، هوءَ غلط ثابت ٿي رهي هئي. هن اُن ڳالھ کان بچڻ جا اُپاوَ سوچڻ شروع ڪيا. هن بہ آڪاش کي ڪئن بہ واپس آڻڻ جو فيصلو ڪيو. هن پنهنجا سڀ وستر سڄ کي موٽائي ڏنا. هن ڦتڪڻ شروع ڪيو. آڪاش ڏٺو تہ ڌرتي نچي رهي هئي. هو اڳتي وڌندو رهيو. پر هنجا حواس پنتي موٽندا رهيا. هن ڪجھ دير ترسي ڌرتيءَ تي سوچڻ ۽ غور ڪرڻ چاهيو. تيستائين ڌرتي اُتي پهچي ويئي. هن آڪاش کي اتي جو اتي، وسڻ لاءِ مجبور ڪيو. آڪاش کي محسوس ٿيو تہ هنکي نيٺ پريم ڪرڻو پوندو. آڪاش پريم ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. هن بہ سڄ کي وستر واپس ڪيا. سرشٽي نچي رهي هئي. آڪاش نچي رهيو هو. ڌرتي نچي رهي هئي. جڏهن بہ هنن جون اکيون سڄ جي اکين سان ملي ٿي ويون، سڄ پنهنجون اکيون بند ٿي ڪيون.

هنن جي اکين جو سڄ جي اکين سان ملڻ

۽ سڄ جو اکين کي بند ڪرڻ

جاري رهيو.

جاري رهندو آيو. چاهي آڪاش کي خبر پئجي وئي تہ ان ۾ بہ جيت ڌرتيءَ جي ئي آهي. پر هو پنهنجي هار تي هري ويو آهي. هو اندر ئي اندر پنهنجي هار تي خوش آهي. ڌرتيءَ کي هن اهو نہ ٻڌايو تہ اِها هار

هن گهرِي ورتي آهي. ڌرتي پنهنجي جيت تي خوش آهي. ڌرتي خود آڪاش وٽ ان لاءِ وئي، ان ڳالهه تي به هوءَ اندر ۾ خوش آهي. آڪاش کي اِهو ڪونه ڀڄايو آهي ته هن آڪاش جي ڪمزورِي سڃاڻي ورتي آهي.

اڄا به، ڌرتي ۽ آڪاش جي اکين سان، سچ جون اکيون، جڏهن به ملنديون آهن، سچ پنهنجون اکيون بند ڪندو آهي.

هاڻ آڪاش کي پرواهه نه آهي. اِتهاس ۽ فلاسافيءَ جا اکر هن جي، هن طرح جي پريم لاءِ ڪجهه به چون. هاڻ ڌرتي جتي، جتي، جڏهن ۽ جيترو چاهيندي آهي، آڪاش اُتي، تتي، تڏهن ۽ اوترو وسندو آهي. آڪاش کي سڀ منظور آهي.

دور اُفق ۾
هڪ اِستريِ هڪ پرش
پريم ڪري رهيا هئا.

سچ، ڪڏهن ڪڏهن، پنهنجون اکيون، بند ڪري رهيو هو.

(ڪونج- ١٩٨١)

# پينگهو

پاپا ڪيڏانهن ويو؟

تون روئين ڇو ٿي ممي؟

ڊاڪٽر ڇو ٻاهران ئي موٽي ويو؟

پنجن سالن جي ننڍي مايا جي هڪ به سوال جو ڪو به جواب نه ڏيئي رهيو هو. ممي سرلا به نه. بهادر سرلا. مايا جو پپا سرلا کي بهادر چوندو هو. هو پنهنجن پريه شاگردن کي به بهادر چوندو هو، پر اڄ بهادر سرلا مايا کان منهن بچائڻ لڳي. هن جو شوڪ مايا کي ڏسي ٻيٽو ٿي رهيو هو. ان ڪري هن مايا جي منهن پوڻ نه پئي چاهيو. پنجن سالن جي مايا کي ڪير به سمجهائي نه پئي سگهيو ته هن جو پاپا ڪيڏانهن ويو؟ ته هو اڄ روز جيان پينگهي ۾ اخبار ڇو نه پڙهي رهيو آهي؟ ته ڇو اڄ پينگهو خالي لڏي رهيو آهي؟

ڇو؟

ڇو؟

پر سياڻي مايا جلد سمجهڻ لڳي. سڀ ڪجهه. هڪ ڪن ۾ ٽي دفعا ڪلڻ واري مايا کي هنجي پيءُ ڊاڪٽر بڻائڻ چاهيو هو. مايا کي هن ڪوڙا ڊاڪٽري سادن به آڻي ڏنا هئا، جن سان هوءَ تيستائين پنهنجي پيءُ جي

جاچ ڪندي رهي جيستائين هو سچ پچ بيمار نہ ٿيو هو. پر هاڻ هوءَ سمجهي وئي هئي تہ ڪوڙا تہ ڇا پر سچا ساڌن بہ ڇپ تي ويا هئا.

تمام جلد سڀ ڇپ ٽيڻ لڳو هو. مايا بہ ڇپ ٽيڻ ۾ اڳري ثابت ٿي. هڪ ڪن جي ٽئين حصي تي ٺهڪ ڏيڻ واري مايا هاڻ ڇپ هئي. هوءَ ڪافي گنڀير ٿي وئي هئي. اچانڪ سياڻي ۽ گنڀير ٿيڻ کان پوءِ هن کان ٺهڪ ڏيڻ بلڪل وسري ويا. ڇڻ هوءَ پنجن سالن جي نہ پر پنجويهن سالن جي هئي!

پنجويهن سالن جي ٿيڻ تي بہ هن جي اها گنڀيرتا قائم رهي. هڪ ڊاڪٽر کي هئڻ گهرجي، اهڙي، ڊاڪٽر مايا، جئن هن جي پيءُ چاهيو هو. پر هوءَ زالن جي ڊاڪٽر نہ ٿي هئي، جئن ڪيس اڪثر چيو ويندو هو. هن جنم سان نہ پر موت سان ساڪياتڪار ڪرڻ چاهيو هو. موت جيڪو هوءَ ڪنهنجو بہ سهي ڪانہ سگهندي آهي. ڊاڪٽر ٿيندي ۽ ٿيڻ کان پوءِ ساڪياتڪار ڪندي هوءَ هر موت ۾ هڪ دفعو وري پنهنجي پيءُ کي مرندو ڏسندي هئي. ڪچڙي من تي وينل موت جي ڀيانڪتا کان هوءَ مڪت ٿي نہ سگهي هئي، پر پوءِ بہ هن موت کي بنهہ قريبيءَ تان ڏسڻ چاهيو هو. موت کي صرف تڏهن تو ڏسي سگهجي، جڏهن اهو ٻين وٽ ٿو اچي. پاڻ وٽ آيل موت کي ڏسڻ ممڪن ڪونهي. ان ڪري ڊاڪٽري هن جو پيشو نہ پر نشو ٿي ويو. هر موت هن لاءِ نئين ڪهاڻي هو. موت جي قريب اچي هن کي لڳو، عام طور ڊاڪٽر لاءِ رواجي ٿي ويندڙ مرتيو، هن لاءِ وڏيڪ سنجيده معاملو هو. هر اهو موت، جيڪو ڊاڪٽر جي هٿان (!) ٿئي ٿو، مريض ڊاڪٽر ۽ ايشور وچ۾ جنگ آهي- جنهن ۾ مرندڙ ۽ ايشور ٻئي ڊاڪٽر کي شڪست ڏيندڙ آهن. اول مايا ايشور کي ان جنگ ۾ نظر انداز ڪري ڇڏيو هو. پر جڏهن هن ڪيترا دفعا نيڪ ناڪ تي ويل مريض ٻئي ڏينهن 'پنهنجو پاڻ ۾ غير-حاضر' ڏٺا، تڏهن اهڙن ڪيترن موتن تي هن کي ڪيترن قسمن جي مونجهہ محسوس ٿي. هن ان مونجهہ کي ڪو ڳڌيل

نالو ڏيڻ چاهيو. هنکي لڳو ’ايشور‘ ئي، ان مونجهہ جو بهتر نالو آهي. ائين موت ۽ هنجو رشتو ڪافي ’آپسي‘ هو.

هن کي جن گهڻن قسمن جي مونجهہ محسوس ٿيندي هئي، ان ۾ هڪ اها بہ هئي تہ اچانڪ، ڀيانڪ، خوفناڪ ۽ يقينن موت کان پوءِ بہ ماڻهو، ماڻهوءَ سان ناتو ڇو رکندو آهي؟ ڇڻ کين پڪ آهي تہ هو ڪافي زندگيءَ جا مالڪ آهن! يا ڇڻ کين ان بابت ڪا (خاص) خبر ڪانهي!

ناتو ڇا هوندو آهي، اها خبر نہ هوندي بہ مايا سان ناتو رکڻ وارن مان هڪ ڊاڪٽر بمل کي مايا پنهنجي گهر اچڻ ڏنو هو. بمل کي پوءِ هن گهر گهرايو هو. بعد ۾ هوءَ بہ بمل وٽ وئي هئي ۽ پوءِ تہ هنن جو گهر بہ هڪ هو.

اول ڊاڪٽريءَ جي ايياس، پوءِ پيشي لاءِ ڊاڪٽر بمل پنهنجي ڪٽنب کي هڪ وڏي مفاصلي تي ڇڏي آيو هو. هنجي گهر جي ٻاهران لان ۾ هڪ پينگهو هو، جنهن تي ويهي هو اڪثر اخبار پڙهندو رهندو هو. ڊاڪٽر مايا پنهنجي ڪار اتان لنگهندي اول ڏيري ڪري وڻندي هئي ۽ پوءِ تہ روڪڻ بہ لڳي هئي. ائين ڪڏهن ڪڏهن مايا جي حاضري ڀرڻ وارو اهو ننڍڙو گهر مايا جو (بہ) ٿي ويو. ننڍي گهر اڳيان وڏو گارڊن جيڪو اڳ سڪل پنن سان ٽٽيل هوندو هو، مايا جي اچڻ کان پوءِ اُهو ساون پنن سان سهڻو ٿيڻ لڳو مايا جيان. گهڻا ماڻهو هاڻ باغيچو ڏسڻ ايندا هئا ۽ مايا کي ڏسندا (رهندا) هئا. ڇپ چاپ هڪ ڇهرو گلن جي وچ ۾ گم ٿي ويندو هو. پوءِ گلن مان هڪ اُٿي ايندو هو، ۽ اها مايا هوندي هئي. ڊاڪٽر بمل کي هيءُ سڀ ايترو وڻندو هو جو هو ان بابت بلڪل ڪجهہ نہ سگهندو هو. پينگهي ۾ لڏندڙ ڊاڪٽر بمل جي پورين اکين سان مايا جا ٽلها ڇپ ملي روز هڪ نئين صبح کي جنم ڏيندا هئا ۽ شام جو چار اکيون ملي اُفق جي دوريءَ ۾ ڪجهہ ڳولهينديون هيون.

شايد هو پنهنجي هن زندگيءَ جا گذري رهيل ڏينهن ڳولهيندا هئا.

پر ان سڀ لاءِ وٽن بس خير ڪو وقت ليي پوندو هو. باقي وقت ۾ هنن وٽ گلن جي خوشبوءِ بجاءِ دوائن جي ڳنڌ هئي جيڪا هو پنهنجي اندر ۾ ان خوشيءَ سان کڻي گهمندا هئا تہ ان سان ڪي شخص پنهنجن جي ويجهو آهن-يا وڌيڪ وقت لاءِ ويجهو آهن.

خود پاڻ هڪ ٻئي جي ويجهو رهڻ لاءِ ڪين درليپ موڪلن جي ضرورت پوندي هئي ۽ تڏهن هو برفيلي سردين جي پناهہ ۾ هڪ ٻئي جي وڌيڪ ويجهو رهندا هئا. هونءَ تہ انهن سردين ۾ بہ هنن جي اها ويجهائي رواجي ويجهائيءَ کان وڌيڪ ڪجهہ نہ هوندي هئي، پر هڪ زوردار سرد لهر هڪ مايا کي هڪ ٻمل اڳيان جهڪائي ڇڏيو. اهڙي ڪنهن ڪومل ڪڻ مايا دنيا طرف سخت رخ کي پنهنجو رنگ ڏنو ۽ مايا پوءِ ماءُ بڻجڻ بہ چاهيو هو هڪ دفعو ئي سهين! لنبين موڪلن کي گهٽائي جڏهن هنن کي جلد واپس اچڻو پيو، هنن ڏٺو، هڪ وڏي ريل درگهٽنا هاسپيٽل کي ريلوي اسٽيشن بڻائي ڇڏيو هو. ٻمل رات ڏينهن بچيل مسافرن کي بچائڻ ۾ لڳي ويو. مايا کي پهريون دفعو محسوس ٿيو تہ موت هئن جلوس بہ ڪڍي سگهي ٿو. هوءَ هيءُ سڀ ڏسي سهي نہ سگهي ۽ سخت الٽيون ڪرڻ سبب هنڪي بہ اسپيشل روم جي بيڊ تي گلوڪوس چاڙهيو ويو. گهايلن جي سهايتا نہ ڪري سگهڻ سبب هنڪي ٿوري وقت لاءِ پنهنجو ڊاڪٽر ٿيڻ اجايو لڳو. هوءَ اندر ۾ ان نئين مونجهہ تي ڦٽڪڻ لڳي. هنجي ان طرح ڦٽڪڻ تي هوءَ سوچڻ لڳي-هن اهڙو ڪو گناهہ تہ نہ ڪري ورتو هو؟ هن کي عجيب خياليءَ ۾ محسوس ٿيڻ لڳو تہ جي هن وٽ ان وقت موت اچي تہ اهو ڪيترو نہ بي وقتائتو ٿيندو! اجا هاڻ تہ هن ماءُ ٿيڻ چاهيو آهي! وري ٻار بہ تہ وڏو ڪرڻو آهي. ائين تہ هنن جي شاديءَ جو پهريون سالگرهہ بہ اجان پري هو.

پنهنجو پاڻ ۾ هن کي محسوس ٿيڻ لڳو تہ هن وقت هوءَ پنهنجي لاءِ ڪيتري ضروري آهي!

پر هوءَ اهو سڀ ڪنهنکي ٻڌائي!

ٻن ڏينهن ۾ طبيعت ڪجهه ٺيڪ ٿيڻ تي هوءَ گهر رهي، ٻمل جو انتظار ڪندي پينگهي جي پير ۾ ڇٻر تي ليٽي آسمان جي خاليپڻي ۾ ارٿ ڳولهڻ لڳندي هئي. زندگي به آسمان جيان خالي پائي هن کي خيال ايندو هو. ڪي خالي يا پريل بادل گرجي يا وسي يا ائين هليا ٿا وڃن- بس. زندگي باقي ته آسمان جيان خالي آهي.

هوا جي جهونڪي تي لڏندڙ پينگهي کي هوءَ جهلڻ لڳي. پينگهي جو هئن خالي لڏڻ ٻمل به روڪيندو آهي ان لاءِ ته شايد ان طرح جو پينگهي جو لڏڻ مايا کي نه وڻي. پر ڊاڪٽر مايا پينگهي کي خالي به لڏڻ ڏيندي آهي ۽ ائين ٻمل جو وهم هوءَ هوا ۾ لوڏائي ڇڏيندي آهي پر هاڻ هوءَ خود ئي پينگهي کي بي خياليءَ ۾ خالي لڏڻ کان روڪڻ لڳي.

هن قسم جي اداس اڪيلائيءَ ۾ مايا کي رکي رکي پنهنجي پيءُ جي وري ياد اچڻ لڳي. هن اهي ڊاڪٽريءَ جا ڪوڙا ساڏن هڪ شوڪيس ۾ سجائي رکيا آهن- ۽ انهن وچ ۾ پنهنجو سرٽيفڪيٽ به رکيو آهي. هن کي لڳو، هن طرح اهي ڪوڙا ساڏن پڻ هڪ ارٿ پائي ٿا وڃن. ڊاڪٽر ٿيڻ کان پوءِ مايا کي پهرين خوشي اها ٿي ته هن اهو ڪم ڪيو هو جيڪو هن جي پيءُ کي پسند هو، جيڪو هن جي پيءُ چاهيو هو. هوءَ اچانڪ پل پر لاءِ پيءُ کي ٻڌائڻ جو خيال ڪري وئي هئي، پل پر لاءِ ٿيل اُهو خيال مايا کي هڪ لنبي اُداسي ڏيئي ويو. اهڙي اُداسي هوءَ وري وري محسوس ڪري وڃندي هئي.

ڇهن ڏينهن کان پوءِ هوءَ وري ڊيوٽيءَ تي ويئي ته هاسپيٽل ۾ اڳ جهڙي شانتي هئي. ريل درگهٽنا جي گهايلن مان ڪن پنهنجو گهر (وري) وسايو هو ۽ ٻين ڪيترن سرڳ. مايا کي ٿيو، سرڳ ۽ گهر جو نه پر سرڳ ۽ هاسپيٽل جو پاڻ ۾ ڪو رشتو آهي! تمام ٿورا جي باقي رهيا پيا هئا تن جي ڪيس هسٽريءَ ۽ ڇهري مان مايا سمجهڻ چاهيو ته هو گهر ويندا يا

سرڳ پر هن کي وري ان طرح جو ڪجھ بہ سمجھڻ، نہ سمجھڻ کان گھڻو پري نہ لڳو.

هن پنهنجين ڪوشش ۾ ممڪن تيزي آندي. هڪ ڊاڪٽر جڏهن مريض کي بچائڻ لاءِ سرجوشي تو ڪري، تڏهن، مايا کي لڳندو آهي، جڻ هو هڪ طرح سان، مارڻ واري سان ڪامپيٽيشن تو ڪري. هوءَ چرڪي ويئي. ان قسم جو خيال هن جي ذهن ۾ هڪ خال تو پيدا ڪري ڇڏي. پر ڪيئن بہ همٿ ڪري هوءَ فيصلو ڪري تي وني. هوءَ جيڪو ڪري رهي آهي وڏيڪ برابر آهي. هڪ ڊاڪٽر جي لاءِ ڪنهن کي بہ موت کان بچائڻ جي ڪوشش، هن لاءِ پيشو نہ گھڻو ڪجھ ٻيو بہ آهي. مايا لاءِ تہ اِهو ئي وڏيڪ آهي. پر هن کي اها خبر نہ هئي تہ ايترو جلد هن کي اها ڪوشش خود بمل لاءِ بہ ڪرڻي پوندي.

۽ هوءَ بمل کي بچائي نہ سگھي.

هوءَ بمل کي بچائي نہ سگھي.

بمل کي بچائي نہ سگھي.

بچائي نہ سگھي.

نہ سگھي.

مايا بمل کي بچائي نہ سگھي تہ هن لاءِ خود کي سنڀالڻ جو بہ سوال پيدا ٿيو. بمل جي موت، جيڪو بي وقتائتو اچانڪ ڀيانڪ خوفناڪ هو، هن کي هڪ دفعو وري پنجن سالن جي مايا ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. پيءُ جي موت هن کي تڏهن ٻاهران چپ ڪري ڇڏيو هو. هوءَ دل کولي ڳالهائڻ ۽ ٺهڪ ڏيڻ وساري ويئي. بمل جي موت هن جي اندر کي چپ چاپ ڪري ڇڏيو. چاهيو ويو تہ هوءَ روئي چلائي اکيون خالي ڪري. پر هن سڀ ڪجھ پي ڇڏيو. هن جي اها چپ دهلائيندڙ هئي. هن جي سڏڪن ٻڌڻ لاءِ آتا هنجا گھڻا پنهنجا هئا ، هڪ وڪيل پرمود بہ هو - پر هن کي هو نہ روئاري سگھيا ۽ نہ ماٺ ڪرائي سگھيا. پرمود کان وڌيڪ هن کي روئارڻ وارو

ويجهو شخص ٻيو نہ هو. هن جي ماءُ سرلا ٻہ نہ. پرمود مايا کي ننڍپڻ کان لڳاتار ڏسندو آيو هو جڏهن کان هن آڱوٺو ڏائڻ، ڪپڙا پائڻ ۽ چاڪليٽ کائڻ شروع ڪيا هئا. پرمود هنجي پپا جو پيارو شاگرد هو. مايا جي پيءُ جي موت بعد هو هنن وٽ تمام گهٽ ايندو هو، پر هن جي من ۾ مايا لاءِ ننڍپڻ ۾ جا همدردي هئي، اها وڏي آسڪتي بڻجي ويئي ۽ اها مايا سان گڏوگڏ وَڏِي ٿيندي رهي. ليڪن پرمود اٽيچمينٽ جو ڪو روپ بدلائي سگهي ان کان اڳ دير ٿي چڪي هئي. پر هو مايا کان عمر ۾ ڀل ٿورو وڏو هو، وهنوار ۾ هو ڪافي وڏو هو. هن پنهنجي اندر کي ڪڏهن ٻاهر نہ ڪڍيو هو. هڪ پاڙيسريءَ ناتي هو مايا جي شاديءَ تي بہ ٿي آيو هو. پر هينئر مايا تي ٿيل چوٽ هن کي وري ان اڳين همدرديءَ تائين ڇڪي ويئي. مايا کي سنڀالڻ جا هن پنهنجا گهڻا حيلا هلايا. هڪ پاڙيسريءَ کان گهڻو وڌيڪ هن مايا کي سنڀالڻ جي ڪوشش ورتي. پر ڪنهن کي ڪونہ سڄهي رهيو هو تہ مايا کي ڪيئن سنڀالين. پرمود کي بہ نہ. هن پنهنجا ڪن مايا جي وڌيڪ ويجهو رهندڙ شخص جي چپن تي رکي ڇڏيا. هن کي معلوم ٿي سگهيو تہ هنجي گهڻن ٽٽل سپنن مان هڪ سپنو اڃا سڄو هو. هوءَ ماءُ ٿيڻ واري هئي.

پرمود هڪ ننڍڙي ٻار کي ير ۾ رکيل خالي پينگهي ۾ وهاري لوڏائڻ شروع ڪيو. مايا اهو ڏسي سهي نہ سگهي.

اندر بيڊروم ۾ وڃي هوءَ روئڻ لڳي. مايا جي روئڻ جو سپ کان وڌيڪ آٿت پرمود کي ٿيو.

پرمود کي پوءِ خبر پيئي تہ ڊاڪٽر بمل تي پهريون ئي دفعو هارٽ اٽيڪ ٿيو هو ۽ هو جوان اڳ ڪڏهن بيمار بہ نہ ٿيو هو. سپ ٻڌي هو مايا کي سنڀاليندي پاڻ وڃائي رهيو هو. هن جو ائين اچانڪ ڇرڪي روئي پوڻ هن لاءِ جيترو سڀاويڪ هو، ٻين لاءِ ان کان وڌيڪ اَسڀاويڪ. پرمود تڏهن بہ برابر رنو هو جڏهن مايا جو پاپا مري ويو هو. پر اهو صرف سرلا کي ئي ياد

اچي سگهيو هو.

ساعت پوءِ مايا ٻاهر آئي. هن ڏٺو، پينگهي ۾ ڪو ٻار ڪو نہ هو، پر خالي پينگهو لڏي رهيو هو. مايا اڳتي وڌي پينگهو بيهارڻ چاهيو-پر پوءِ هن ان کي لڏڻ ڏنو. هن کي خيال آيو - جڻ ان پينگهي ۾ هوءَ پنهنجي اڇڻ واري ٻار کي لوڏي رهي آهي ۽ پڙ ۾ ڪو هن ڏانهن نهاري هلڪو مشڪي رهيو هو.

هن کي ائين لڳو زندگي پل موت جو انتظار ئي چو نہ هجي، اها هن خالي پينگهي جيان آهي. هوا جو هڪ جهونڪو بہ هن کي هلائي سگهي ٿو. نہ تہ..............

(رچنا- ١٩٨١ ۽ ٢٠٠٣)

# وسامڻ ڪان اڳ

اَڌ رجيل ميڻ بتيِ.
ڏيمي روشنيءَ جيان لڏندڙ من.
ٽيبل تي جهڪيل نونٽ.
اڪيلي نار جي - پنهنجو پاڻ ۾ ٽٻي.
پنهنجي پاڇي ۾ ٽڪيل نظر.
اَکين ۾ ويران نديِ.
سڀ شڪايتون - پنهنجو پاڻ سان.
ڇٽيهن سالن جو پيڇو ڪندڙ ذهن.
مائٽ. واقفڪار. ساهڙيون. واقعا. اتفاق.
مان- اَپمان. اَيمان. سويڪار. اَسويڪار.
ميڻ بتيءَ جي جيوت. باهه. ايرڪا. ٻڪ.
رڪ. ڍير.
بنا آواز سڏڪا.
ذهن جو پيڇو جاري.
وهندڙ ٻڪ ۾ جهليل جواني.

۽ سنجها جو وسامڻ کان اڳ وسڻ لاءِ ڦٽڪڻ.

سج جا ڪرڻا ذري گهٽ سمنڊ پار ڪري چڪا هئا. آرام ڪرڻ لاءِ قدرت اوندهه جو پلئه ڇنڊي وڇائي رهي هئي.

سنجها کي وئڪيشن هئي. هر سال جي لنبي وئڪيشن ۾ هوءَ وڏيڪ اَڪيلي ٿي ويندي هئي. هن کان پڙهائڻ وسري ويندو هو. پاڻ کي اڪيلو ڇڏڻ کان هوءَ ڇرڪندي هئي. وئڪيشن ۾ اڪيلائيءَ جو وڏيل بار هلڪو ڪرڻ لاءِ هوءَ اُشا وٽ آئي هئي. اُشا به هر پندرهين ڏينهن پندرهن ڏينهن لاءِ اڪيلي ٿي وينديِ آهي. اُشا جي هن هل اِسٽيشن جهڙِي مٽيري گهر ۾ سنجها پنهنجو پاڻ ۾ گم پئي ٿي وئي. پاڻ کي وري ڳولهي هن اُشا اَڳيان بيهڻ جا يتن ڪيا پر هوءَ پاڻ کي پورو ڳولهي نه پئي سگهي. اِئين اُشا جي گهر جي اڪيلائي دور ڪندي سنجها پاڻ کان به اڪيلي پئي ٿي وئي.

اُشا هن کان هنجو درد ونڊ لاءِ بيچين هئي، پر هن سوچيل طريقن کي اَپنائڻ ۾ پاڻ کي سنجها اَڳيان ڪجهه ننڍو پئي پاتو. اُشا اَنيوَ جي ڏاکي تي هئي پر سنجها وٽ طيءِ ٿيل مفاصلي جو اَنيوَ هو. عمر جي ايتري وڇوٽيءَ کان پاڻ کي هنن هڪ ٻئي جي بنه قريب ئي پاتو. اهو شايد پريچيه کان پنهنجائپ جو سلسلو هو. سنجها پڻ هن جي مونجهه ۾ مدد ڪرڻ لاءِ واٽون ڳولهي رهي هئي.

۽ اِئين اُشا ۽ سنجها هڪ ٻئي کي ڪجهه ڏيڻ ونڻ جي تاڪ ۾ هيون.

اُشا لاءِ هر پندرهين ڏينهن ڪم تان موٽڻ جو سک ڪٽي ايندڙ سوجهرو اَجا کي ڏينهن دوُر هو. سوجهرو سنجها جو به ڏٺل هو. سنهڙو. سٻاجهڙو. سهڻو. ڪمل جيان ٽڙيل. تازي گلاب جيان مهڪيل. پر هن وقت هن کي اوندهه سان اوندهه ۾ نياڻو هو. اُشا هن کي اِهو ته ٻڌايو هو ته هوءَ ڪنهن شخص کي هن وٽ هن لاءِ اَچڻ لاءِ تيار ڪري سگهي آهي پر هن ڪيس اهو ڪونه ٻڌايو ته هو ڪيترو تيار ٿيو هو يا ڪيس ڪيترو تيار رهڻو آهي. هن

ڪي خاص پڪ نہ هئي تہ شخص وٽس ايندو يا نہ. ايندو بہ تہ ڀرجي ايندو ۽ خالي ٿي موٽندو يا خالي ايندو ۽ ڀرجي موٽندو يا.... هن کي هر اِستٽي ڪٿان نہ ڪٿان ڪائي رهي هئي. پر اِهو هنجو واحد نصيب هو جيڪو هن پاڻ لاءِ ٺهندو ڏٺو هو. نصيب جو ٻيو ڪجهہ ٿي سگهڻ بہ هاڻ سنجها تي مدار رکي رهيو هو.

سنجها هاڻ تيزيءَ سان پنهنجو پاڻ تي سوچي رهي هئي. پنهنجو جائزو وٺڻ لاءِ هن کي هاڻ خاص طور نہ روشنيءَ جي ضرورت هئي ۽ نہ اکيون پٽي نهارڻ جي. هوءَ قريب قريب روز اِئين ڪرڻ جي عادت پالي چڪي هئي. باٿ روم اَندر سنان ڪندي هنجو سڄو پاڻ پنهنجي نظر ماڻيندو رهندو هو. پاڻ کي هاڻ هوءَ ٻين جي نظر سان ڏسڻ لڳي هئي. اَڃا بہ سچ تہ اِهو آهي پاڻ کي هاڻ هوءَ پرش جي نظر سان ڏسڻ لڳي هئي. پاڻي هنجي اَنگن تان گسڪندو ڏسڻ هن کي سڪون ڏيندو هو. اِها آلاڻ ڪڏهن هوءَ رشڪ ڀرئي اَنداز سان چمي وٺندي هئي. هنجو حساس من اَهڙا اَنيڪ منظر ڪڙا ڪندو رهندو هو. پوءِ وقت بوَقت تصور ۾ اَهڙا ٻيا منظر ڪڙا ڪرڻ جي ضرورت مان هن اِهو بہ هڪ سمجهي ورتو هو. پنهنجو پاڻ کي ماپڻ جا اُهي اَنداز شروعاتي جوانيءَ کان شروع ٿيا هئا پوءِ بہ ويهن سالن تائين اَڃا اُهي پراڻا ٿي نہ سگهيا هئا.

هنجي رنگ روپ کي اَڃو ڪارو چوڻ وارن جي هن پرواهہ نہ ڪئي هئي. پر هن کي افسوس هو تہ ان سڀ کان سواءِ بہ اِنسان اِنسان آهي. اِستريِ اِستري آهي. جواني جواني آهي. اهو ڪير ڪنهن کي چوءِ ڪٺن چوي؟ اهڙا ويچار ڪڏهن تہ هن کي جوش ۾ آڻي ڇڏيندا هئا ۽ هوءَ نہ سوچڻ وهنديِ هئي. هن کي لڳندو هو ڪن ڳالهين ۾ هوءَ پاڻ شهہ ڏيئي سگهي ٿي. پر هاڻ هن جي اهڙي جوش کي ٺڏو ٿئي بہ وقت ٿي ويو هو. هوءَ هاڻ اهڙي نديِ هئي جنهنجو پاڻي مٿان ٻيٺل-ٻيٺل لڳندو هو پر هيٺان انجو وهڪرو جوان هو.

هوءَ پاڻ کي ان وهڪري سان ئي سچائيندي هئي. پنهنجي ان اهڙي سچائپ جو اجا ڪو قدر نہ ٿي سگهيو هو اِها بي ڳالھہ آهي. ان ڪري ئي مان اپمان جي ڊپ سبب اول تہ هن کي ڪنهن جي سامهون ٿيڻ ۾ سنڪوچ جو درياھہ پار ڪرڻو پوندو هو. اڳتي هلي ان درياھہ ۾ هن ٽپي پوڻ جي بہ ڪوشش ڪري ڏٺي. بار بار ٽپڻ کان پوءِ بہ جڏهن هن پاڻ کي سائيٽي ڪناري تي بيٺل ڏٺو تڏهن هن جا قدم ڏيما پوندا ويا. مان اپمان جي اهڙن حادثن ۾ هوءَ ڪجهہ دفعا ڇپياڻجي ويئي. اِئين ڇپياڻجڻ هن لاءِ وري وري وس ۾ نہ هو. پر پوءِ وقت بہ وقت هن کي ننڍي وڏي چوٽ سهڻي پئي پئي. اهڙي هر چوٽ کي اَڇڻ کان اڳ هن آخري سمجهيو هو.

هن لاءِ اِهو مشڪل هو تہ هوءَ پنهنجو ڪوبہ طرف پيش ڪري. هن لاءِ اِهو بہ مشڪل هو تہ پنهنجو طرف پيش ڪرڻ جي ضرورت پوي اهڙي گهٽ سمڪ واري پرش کي اَپنائي. هوءَ سڀ کان ڇڻل رهڻ لاءِ بہ تيار ٿئي پر هن جو من ان قدرتي هار کي قبولڻ کان بچڻ ٿو چاهي. هن لاءِ حيلا هلائڻ وارا هن لاءِ لائيف بيلٽ ڳولهي نہ سگهيا-جيڪو هاڻ هن کي صرف ان ڪري گهربل هو جو اهو هن لاءِ پنهنجو پاڻ سان کيل چئلينج هو.

ءِ اِئين جواني وک کڻڻ لڳي هئي. يا هنجي من ۾ اهڙو ڊپ پيدا ٿيڻ لڳو هو. هن جي ودروهي من ۾ ڪجهہ مونجهہ ٿيڻ لڳي هئي، ان ڪري اڄ هوءَ وري پاڻ کي پاڻ ڏسڻ لڳي هئي.

هن پاڻ پسند ڪيو تہ ان قسم جي هاڻ لڳ ڀڳ گهٽيا لڳندڙ ملاقات ڏينهن جي شفاف روشنيءَ جي محتاج نہ بڻجي. سنجها ٽيبل تي ٿونٽ رکي اَڌ رجيل ميڻ بتيءَ جي جلڻ کي جاچي رهي هئي. رکي رکي هن ان مڌم روشنيءَ ۾ پاڻ تي نظر پئي اُڇلائي. هن پاڻ کي ڏسڻ وقت پنهنجي بجاءِ ڪنهن اَجنبيءَ جي نظر سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. وري پنهنجي اَپياس مطابق پنهنجو پاڻ کي هڪ پرش جي نظر سان ڏسڻ جي ڪوشش

ڪئي. هن کي ڪجهہ تسڪين تہ ٿي. هن وٽ بہ ڪجهہ تہ اَهڙو آهي جيڪو ڏسڻ وٽان آهي. پنهنجن تجرباتي چٽيهن سالن جي اَنيو سان هوءَ پرش جي نظر جون ڪمزوريون ڳڻڻ لڳي.

هڪ

بہ

ٽي

چار.

يا

هڪ

ٽي

چار

بہ

۽ هن پنهنجو بلائوز ٺيڪ ڪيو. هن کي پڪ هئي هن اهو ٺيڪ ڪان وڌيڪ غير ٺيڪ ڪيو هو. پر هنجي حسابي ڪتابي نظر هن کي اِئين ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو. ان طرح هن پاڻ کي ٺيڪ ٺاڪ يا غير ٺيڪ ٺاڪ ڪرڻ جو سلسلو جارِي رکيو. اچانڪ هن کي لڳو، اُشا هن لاءِ رڪاوٽ آهي. هن چاهيو اُشا پنهنجي گهر ۾ پنهنجن مهمانن اَڳيان غير حاضر هجي. چاهي هنجي ان چاهڻ پٺيان هنجي سوارٿ جي زيادتي هجي، پر اُشا سان هنجي لنبي ۽ گهري رشتي جي پنهنجائيءَ هن کي ان لاءِ ڪو بهانو ڳولهڻ جي ڇوٽ نہ ڏني. اُشا هن سان شامل راءِ ٿي. هن پاڻ بہ اِئين ئي چاهيو پئي.

سنجها هاڻ اڪيلي هئي بتيون بہ هن پاڻ گل ڪري رکيون هيون. جهل مل روشني پکنڪ جو واتاورڻ ڪڙو ڪري رهي هئي. ميڻ بتي اَجا وسامڻ کان اَڳ تيز چمڪڻ واري هئي. سنجها پاڻ بہ ميڻ بتيءَ جي ان تيز چمڪڻ جي موڊ ۾ اَچڻ لڳي. هيءُ هنجو پڻ وسامڻ کان اَڳ جو لنبو

هن سنجها طرفان ڏيل من سان اَنگيڪار ڪرڻ جو خطرو کڻڻ جو ساهس ڪيو هو.

هل اِسٽيشن جهڙي علائقي ۾ متاهين گهر ۾ اُشا جي اُپڪار هيٺ سنجها کي هڪ نئون گهر ملڻ جي ننڍڙي جشن ۾ سوجهرو پڻ شامل ٿيو. سنجها ان گهر جي ڪمري مان اها تصوير نہ هٽائي جيڪا هن لاءِ اها جڳهہ خالي ڪري ويئي هئي. هن ان سان پنهنجي پيٽ نہ ڪئي. هر اِنسان پنهنجو پاڻ ۾ هڪ اَلڳ هڪ مڪمل دنيا آهي. هن پنهنجو سنسار پاڻ تائين محدود رکيو.

نئين گهر ۾ رهي هن محسوس ڪيو هن لائيف کي هڪ بيلٽ ٻڌي ڇڏيو هو جنهنجي ابلاڪا هن ويهن سالن کان سانڍي هئي.

اُشا جي اُپڪار جو بار هلڪو ڪرڻ جي هن جي من ۾ چاهنا هئي. هن ان لاءِ پنهنجي ڪمري جي اها کڙڪي کولي ڇڏي جيڪا سوجهري جي ڪمري طرف کلندي هئي. هن ان ڏينهن جو انتظار ڪرڻ شورع ڪيو جڏهن اُشا جو سوجهرو سنجها جو بہ ٿي سگهي. پاڻ کي ارپڻ جي هنجي اها پاونا وسارڻ کان اڳ روشنيءَ جو ورِي تيز ٿيڻ جهڙو هو. برڻ جي هن جي اها چاهہ جڻ پڙڪي هئي. اُشا کي اهو سڀ ڄاڻڻ تي لڳو هن ۾ ۽ سنجها ۾ وڏو فرق نہ هو.

(آڪاشواڻي احمداباد تان پرسارت.)

# ڏينيوُ

اَچو تہ مان توهان کي کهاڻي ٻڌايان.

ٻڌو.

هڪڙو هو راجا.

نہ، اِها اَچ ڪلهہ پراڻي ٿي ويئي آهي. پوءِ اُن ۾ وري راجا جي هڪ راڻي هوندي. راجا جو هڪ وزير بہ هوندو. راجا شڪار جو شوقين هوندو. وغيره. ڇڏيو اُن کي.

مان توهان کي ٻي کهاڻي ٻڌايان.

هڪڙو هو راجڪمار.

پر، اُن کي بہ ڇڏيون. اُن ۾ بہ ساڳيءَ طرح هڪ راجڪماري هوندي- خوبصورت. ٻنهي جو نينهن ٿي ويندو. پر راج گهراڻي جو ڪو آپسي وير هوندو. وغيره وغيره.

اچ ڪلهہ اهڙيون ڪهاڻيون بہ عجيب پيو لڳن.

مان توهان کي هڪ ٻي کهاڻي ٿو ٻڌايان.

هڪڙي هئي پري. نہ، سون پري. تمام سهڻي. نہ، پري نہ، هڪڙو هو جِنُ يا هڪڙو هو ڀوت. اَڙي اُن ۾ ڊپ ڇاجو. هن جو ساهہ تہ هڪ طوطي

جي پيٽ ۾ - چڱو، ياد آيو. هڪڙو هو طوطو- هڪڙي هئي مئنا. طوطو سون جي پڃري ۾ پيو مٺو مٺو ڪندو هو. سيتارام چوندو هو.

لڳي ٿو، اِهي ڪهاڻيون اڄ ڪلهہ ٻارن کي بہ ڪو خاص ڪونہ ٿيون وڻن.

چڱو ، اَچو. مان توهان کي توهان جون ڪهاڻيون ٿو ٻڌايان. هڪڙو آهي جوان. توهان جهڙو. هڪڙي آهي جوانڙي توهان جهڙي. هو پڙهندا آهن. توهان جيان ڪاليج ۾، ڪين گهر جو اونو لڳو رهندو آهي. جوان کي پنهنجي ماءُ جو خيال آهي. هوءَ گهر ۾ بيمار آهي. ڪاليج مان ڇٽي هن کي دوا وٺي وڃڻي آهي. جوانڙيءَ کي پنهنجي ننڍي اپنگ ڀيڻ جو فڪر آهي. هوءَ گهر ويندي تڏهن ئي هن جي ننڍي ڀيڻ جي سنهڙين ٽنگن ۾ ساهہ پوندو يا اهڙو ٻيو ڪجهہ.

اهي آهن اڄ ڪلهہ جون ڪهاڻيون. توهان جون پنهنجون ڪهاڻيون.

پروفيسر منشي ”اڄ جي ڪهاڻيءَ“ بابت آرٽس ڪاليج ۾ گجراتي وشيہ جو پيريڊ وٺي ئي رهيو هو تہ بيل لڳو. پيريڊ پورو ٿيو. هونءَ اڄ جو اهو چوٿون پيريڊ ئي هو پر ذري گهٽ پوءِ ڪو پيريڊ ورتو نہ ويندو آهي. هن کي بيحد افسوس ٿيو تہ ”اڄ جي ڪهاڻيءَ“ تي هو جيتري مانسڪ تياري ڪري آيو هو، هو اڌ ڪم بہ پورو نہ ڪري سگهيو هو. خاص وقت بچائي نہ سگهيو. وري سياڻي ڪان ڪاليج ۾ هڙتال آهي. هو وڏيڪ اُباڻڪو ٿي ويو. هن کي ارمان هو. اڄ هو خاص ڪم ڪري نہ سگهيو هو. ڪيس ڦريون پيريڊ فري هو. ڪجهہ اُن ڪري ۽ ڪجهہ رات ننڊ نہ اچڻ ڪري سستيءَ سبب هو صبح جو ڪاليج ۾ انين بجاءِ سادي انين مس پهتو هو. هن کي پهچڻ شرط ياد آيو- سياڻي ڪان ڪاليج ۾ هڙتال آهي. ويتر هن کي سستي وٺي ويئي. ٻئين پيريڊ ۾ ڪاليج جي ڇوڪرين جي ڪا انٽر ڪاليج ليڪچر چٽاڀيٽيءَ جي سليڪشن هئي. هنن مٺو پيريڊ اُن ۾ ئي ختم ڪيو. هو پيريڊ وٺڻ ويو پر صرف پندرهن منٽن ۾ ڪجهہ بہ ڍنگ جو ٿي سگهڻ جي

نہ کيس اُميد هئي نہ ئي ڇوڪرين کي. هو موٽي آيو.

ٽئين پيريڊ ۾ هن سان ڪو پروفيسر ملڻ آيو- ڪنهن ڏڪئي ٽيڪسٽ بوڪ کي بدلائي اڳ ۾ هلندڙ ڪتاب بابت هن کان زوريءَ سهمتي وٺڻ لاءِ. اها اڌ منٽ جي ڳالهہ فون تي ڪنهن بہ وقت ٿيڻ کپندي هئي. پر هنن ٻنهي اُن لاءِ پنهنجو هڪ هڪ پيريڊ وڃائي ڇڏيو. هن جو موڊ اهڙي رانديگر جيان اُداس ٿيڻ لڳو جنهن کي تمام ٿوري وقت ۾ بازي کٽڻ لاءِ جفاڪشي ڪرڻي آهي ۽ وقت هن کان کسڪي رهيو آهي.

چوٿين پيريڊ ۾ ڇوڪريون هونءَ ئي اڌ ٿي ويندِيون آهن. هڪ تہ جن کي بک لڳندي آهي، اُهي هلي ويندِيون آهن. جيڪي نہ ويندِيون آهن اُهي وري بک ۾ اڌ ٿي ويندِيون آهن. وري اڄ هن پيريڊ ۾ پهريان پندرهن منٽ سياڻي کان شروع ٿيندڙ هڙتال تي اجايون سڄايون ڳالهيون ٿيون. تنهن کان پوءِ ”اڄ جي ڪهاڻي“ جي ساهتيڪ مضمون جي ٽاپڪ تي هن ليڪچر شروع ڪيو. باقي بچيل ڇوڪرين مان بہ جيڪي صبح جو سويل ڀر وارن ننڍن ڳوٺن مان ٽرين پڪڙي ايندِيون آهن اُهي جهوٽا کائڻ لڳيون. هن کي لڳو، هن جو ليڪچر باقي جاڳندڙ ڇوڪرين جي مٿان مٿان وڃي رهيو هو. هونءَ هو ٻنهي حالتن سان منهن ڏيڻ لاءِ هنن کان سوال پڇندو ويندو آهي. هنن سان ڊائلاگ ڪندو ويندو آهي. پر اڄ ٽاپڪ پوري ڪرڻ جي فڪر ۾ هو پنهنجو ليڪچر ڏيندو ويو. بنا ڪن خاص مثالن جي-لس ئي لس جئن هو اڄ جو ايسي جو ٽاپڪ پورو ڪري سگهي ۽ پنهنجي ڊائريءَ ۾ ڪجهہ لکي سگهي.

اِها ڊائري هن پنهنجي تسڪين لاءِ رکي آهي. جئن هو پنهنجو پاڻ کي دلاسو ڏيئي سگهي تہ هو ڪجهہ اهميت ڀريو ڪم ڪري رهيو آهي. پر اڄ هن جو هڪ بہ پيريڊ ۾ پورو ڪم ٿي نہ سگهيو ۽ هيءُ ٽاپڪ بہ پورو نہ ٿيو. هن چاهيو تہ هو ڪين ايڪسٽرا وقت وهاري جيڪر. پر هڪ تہ هن جو سڏانت هو، هو ايڪسٽرا تڏهن ئي وٺندو آهي جڏهن پورو ڪلاس اڳوات

واقف هجي ۽ شاگرد پاڻ بہ اُتساهت هجن. هن پيريڊ هلندي سوچيو هو تہ پيريڊ پورو ٿيڻ بابت هو هڙتال جا ٿلهي ليکي سبب ڄاڻي وٺندو. کيس پوري خبر بہ ڪانہ هئي تہ ايڏي وڏي هڙتال آخر ڪهڙين ڏمانڊس تي ٿي رهي آهي. هن کي سڌ نہ هئي تہ هن کي ڇا ڇا نہ ملي رهيو آهي. پر هو اهو سڀ ڄاڻڻ جو اُتساه بہ وڃائي ويٺو. هڙتال ۾ شامل ٿيڻ جي سهمتي تہ هو ڏيئي چڪو آهي. هن لاءِ اُن کان سواءِ ڪو وڪلپ رکيل بہ نہ هو.

پيريڊ پوري ٿيڻ تي ٻاهر نڪري هن ڏٺو-گهٽو ڪري سڀ هڙتال ۾ هينئر کان ئي شامل آهن. اسٽاف روم ۾ پنکو اڪيلو ڦري رهيو آهي.

بي دليو گهر اَچي هو پلنگ تي ڪريو. هن جي هميشه اِڇا رهي آهي- هو سخت محنت ڪري ٿڪجي ٽٽجي گهر اچي. گهر ۾ هنجي ڪم ۾ محنت سبب هنجو خاص قدر ٿئي. ڪڏهن هنجي پتني هنجا بوٽ لاهي، جوراب لاهي کيس ترت چانهہ ٺاهي آڻي ڏئي. هنجي ٿڪل چهري طرف هوءَ همدرديءَ سان نهاري. پر هت ڪم اُبتو هو. هو پنهنجي گهر ۾ ذري گهٽ ”نڪمٽو“ ليکيو ويندو هو. هنجي پتني هاءِ اسڪول ۾ ڪلارڪ هئي. هن وٽ ڪم جا انبار هوندا هئا. اڪائونٽ بوڪس، نقشا، لئبرري، لئبارٽري، فرنيچر-سڀ جهنجهٽ هنجي سر تي سوار هوندا هئا. هوءَ اڪثر گهر ۾ بہ ڪونہ ڪو ڪم کڻي ايندي هئي. هو هن طرف همدرديءَ سان نهاريندو هو. چاهيندو هو- کيس ڪم ۾ هٿ وٺائي. پر هن کي صرف پنڃين ۽ ڏهين جو ئي ڪوڙو ايندو هو. دنياداري حساب ڪتاب ۾ هو ٻار جيان معصوم هو. ڪئلڪيوليٽر کي هو ٽي.ويءَ جو رموٽ ڪنٽرولر سمجهندو هو.

هو ڪڏهن ڪڏهن چانهہ ٺاهي پتنيءَ اَڳيان فخر سان پيش ڪندو هو. رنڌڻي جو اهو هڪ ئي سبق هو سکي سگهيو هو. پاڙي وارا هن جي اُن اُدارتا تي ئي گهورجي ويندا هئا.

ائين، ڪرڻ لاءِ تہ هن وٽ اٿاهہ چنتن هو. پر في الحال کيس پنهنجي

شڪتي اُن نلڪي جيان وٺرڻ ويندي نظر ايندي هئي، جيڪو رات ڏينهن سمندو رهندو آهي. هو اڄ ان ڪري خاص اُداس ٿي ويو. اول تہ هو دير سان ڪاليج آيو. هو پنهنجا پيريڊ نہ وٺي سگهيو. هن صرف اڌ پيريڊ پڙهايو. اهو بہ ذري گهٽ ٻاڦ ٿي ويو. ائين تہ، هن سوچيو، اَڄ هو جيڪر مسٽر ٽي موڪل تي رهي. پنهنجو وويڪ جو بار هلڪو ڪري. پر هڪ تہ ان سان هو ٻين لاءِ ڏکيو شخص بڻجندو. ٻيو اُن طرح جي Abnormality ڪيس پسند بہ نہ هئي. ان بجاءِ هو پنهنجي وويڪ جي هدايت تي پنهنجي ڪم ۾ وڌ ۾ وڌ مشغول رهندو هو ۽ فالتو وقت شاگردن جي طرح طرح جي تڪليفن ۾ سونهو ٿي ٻيهندو هو پر چپ چاپ. ائين هو پنهنجو پاڻ سان Adjust ڪندو هو. ٻيءَ حالت ۾ هن کي اندر جو وويڪ سک سان سمهڻ نہ ڏيندو هو. اڄ هو سوچي رهيو هو تہ سياڻي کان شروع ٿيندڙ هڙتال جي باوجود هو روز برابر ڪاليج ويندو رهندو. ڪم هن لاءِ اُتي ڪونہ ڪو نڪرندو رهندو. هن ائين ڪجهہ سوچي فون ڪئيو. هن پنهنجي هڪ دوست کي هلو هلو ڪرڻ کان پوءِ ٻڌايو تہ اڄ هو بيچئن آهي. ڪيس مزو ئي نٿو اَچي. ڇو نہ سياڻي کان هو فائينل وارن کي ايڪسٽرا گهرائي. هن کي دوست روڪيو- ''پائي منشي صاحب، مون وٽ اٺ ڏهہ ويڊيو ڪئسيٽ نيون آيون آهن. دل بهلائڻ لاءِ بہ اُن ۾ هڪ بہ آهي. باقي ڪجهہ ڪلاسڪس آهن. ٢- ٣ ائڪشن- هڪ اڌ هارر. ڏرا ٻارن کان سنڀالي رکڻيون پونديون. باقي اها پڙهائڻ جي بيماري سٺي تہ نہ آهي.``

هن مفت ۾ ئي ''نو-ٿئنڪيو`` چوندي فون رکيو. بنا ڪم ڪار جي هن جو تن سست ۽ من اُداس هو. ائين هن کي نہ بک لڳندي آهي ۽ نہ ننڊ ايندي آهي. وويڪ هن کي ائين چڪ پائيندو آهي جئن ڏينپوءُ. هن کي لڳندو آهي-هنجا هٿ پير بنا ڪم ڪار جي ٿلها ٿي ويا آهن. جڻ سڄي ويا آهن، ڏينپوءَ جي چڪ جيان. هن جي سوچڻ جي شڪتيءَ تي اثر پوندو آهي. دنيا ۾ پاڻ کي ويڳاڻو، نڪمو ۽ مايوس سمجهندو آهي.

شايد سوچ جي شڪتيءَ تي اثر پوڻ سبب هن ڪجهہ عجيب سوچڻ شروع ڪيو. هو هڙتال ۾ هڪ نئين قسم جي ڊمانڊ ڪري-پگهار بجاءِ ڪم وڌائڻ جي. چاهي هو دنيا جي اول نمبر چرين ۾ شماريو وڃي.

رات جو هن ڪامپوز ورتي. هو ورلي وڻندو آهي. پر پوءِ بہ اڄ ڪيس ننڊ نہ آئي. يا ڪيس ائين لڳي رهيو هو.

صبح جو هڙتال جي سرگس ۾ هن پاڻ کي تڪل محسوس ڪيو. سرگس جا سڀ ماڻهو سلوگن-سوتر چوڻ وقت ساڄو هٿ مٿي ڪري جوش ڏيکاري رهيا هئا. هن کي شايد خبر ئي نہ پئي هو کابو هٿ مٿي ڪري رهيو هو. سرگس جي سوتر جي آواز جي شور ۾ هن جو آواز بہ ٻڌجي نہ رهيو هو. ايترو ئي نہ، هنجا چپ الائي ڇا چئي رهيا، هنجي لپ-ريڊنگ پين سان نہ ملي رهي هئي.

سرگس ۾ هلندي هو سوچي رهيو آهي- هن کان پوءِ ڪيس ڇا ڪرڻو آهي. پر ڪيس اجا ڪجهہ سُجهي نہ رهيو آهي.

(رهاڻ-١٩٨٧ء چونڊ سنڌي ڪهاڻيون-٢٠٠١)

# رتي

’’ڊريم لئنڊ‘‘ جي مڌم روشنيءَ ۾، آخرين ٻن ڪرسين واري ٽيبل. مٿان ڇت جي هڪ گول اڇي باڪس مان سنهڙو ’’پاپ‘‘ جو آواز- جنهن ۾ وچ وچ ۾ ڊرمس تيز ٿي ويندڙ، دل جي ڌڙڪڻ جيان. ٽيبل تي شينهن جي ڪل مٿان رکيل فرائڊ مَٽن ليور جي تسري، اڌ ڀريل ’’ٿنڊر فال‘‘ جي بوتل، ايپل جيوس جو وڏو شاهي گلاس ۽ ڪاجو راهوءَ جي مورتيءَ جهڙي، شفاف ڪاچ جي سرمائي رنگ جي ايش ٽري، جنهن ۾ وڏي ساهي پٽيندڙ ۽ دونهين ڪيڻ ۾ شرمائيندڙ ’’گولڊ فنگر‘‘ ۽ انهن سيني کي نمت ٻڌائيندڙ ٻه چهرا- آمهون سامهون هڪ ٻئي کي ٻاهران ۽ اندران جاچيندڙ هڪ منو ۽ ... ها، هيءَ شرڌا آهي. ڪلهه هت چيتنا هئي. ڪلهه فرق صرف اهو هو تہ جيوس جي جڳهہ تي ’’بلئڪ ليبل‘‘ هو جيڪو چيتنا کي خاص پسند هو. هوءَ منوءَ کي ’’گولڊ فنگر‘‘ ۾ بہ ڪمپني ڏيئي رهي هئي. جنهنجو منوءَ تي ڪو خاص پرڀاءُ نہ پئي ٿيو. منوءَ جي ڊيٽنگ ۾ هن کان اڳ بہ سگريٽ پيئندڙ ڇوڪرين جي صحبت مهيا ٿي آهي پر... شرڌا جي ٻي ڳالهہ آهي.

- شرڌا، توکي ڪائون سال آهي؟

- اڙي، تون پڇين تہ اهڙي لچاري نموني ٿو، ڄڻ ڪنهن ڪنواري ڇوڪريءَ کان پڇندو هجين ’’توکي ڪائون مهنو آهي؟‘‘

شرڌا جي ڪامينٽ ٻڌي منو وائڙو ٿي ويو. ڪجهہ ساوڌان پڻ. در اصل

شرڊا سان هنجي هيءَ ٻين ملاقات ٿي هئي. پهريون دفعو هو ”نيو اِسٽارس ميٽ“ ۾ گڏيا هئا جتي ڪيترا جوان ۽ جوانڙيون هر مهني جي پهرين ڇنڇر جي شام جو پاڻ مرادو اچي گڏ ٿيندا آهن ۽ هوٽل هنن کي گريٽ ڪندي آهي. هوٽل جو اهو سرشتو نهي ويو آهي. بعد ۾ ڪافي جوڙا اُتي پاڻ مرادو نهي ايندڙ پنهنجي پهرين ڊيٽ ماڻيندا آهن. هوٽل جو ڪمپيوٽر هنن جون ڊٽيلس ۽ ڪانٽيڪٽ نمبر ڊسپلي ڪندو آهي. گهڻا دفعا اُهي ڊيٽس فالو اَپ ٿينديون آهن. پهرين ملاقات وقت منوءَ ڇنڇر جي فالو اَپ لاءِ چيتنا کي ”ها“ چئي هئي ان ڪري هن پاڻ شرڊا کي اڄ آرتوار تي اِنوائيٽ ڪيو هو.

شرڊا جي اهڙي ڪامينٽ تي منو ائين سولو هار مڃڻ وارو ته ڪونه هو- سوبه اهڙي ڇوڪريءَ اڳيان، جيڪا نالي ۽ روش مان ته اڃان سيمي ماڊرن گرل لڳي رهي هئي ڪيس، ويشنو ڇوڪري! سلي گرل.

- ها، يل، تون مهنو ۽ سال ٻئي ٻڌاءِ. منو پڻ واتاورڻ هلڪو رهڻ ڏنو. هن کي ائين به لڳندو آهي ته ڪيتريون گنيير ڳالهيون کلندي کلندي ئي ڪري سگهبيون آهن.

- نه. مان صرف سال ٻڌائيندس. جيڪو تو پڇيو آهي. منهنجو هت آخرين سال آهي. امتحان ۾ صرف ٻه مهنا پيا آهن. مان هفتي کان پوءِ في الحال گهر هلي ويندس. هت پڙهڻ لاءِ مامي جي گهر رهندي آهيان. ٽن سالن کان.

- اسٽڊيز؟

- سافٽ ويئر. هاڻ ته ڪمپيوٽر منهنجو گهرو دوست ٿي ويو آهي. منهنجو گائيڊ ٿومس چوندو آهي ته مان ڪي- بورڊ آپريٽ نه ڪندي آهيان، ڇڻ ڪو ميوزيڪل انسٽرومينٽ وڄائيندي آهيان. تون؟ منوءَ ڪليجيءَ مان هڪ ٽڪرو ڪٽي اول اهو ڪائي ورتو.

- مان وڳيان يون جي سترهين ماڙي تي هيومن اِنجنيرنگ ۾ ريسرچ ڪندو آهيان. توکي ڪو اعتراض؟

- ها، ان کي... ان کي... ها ان کي ته ڪجهه جينيٽڪ....

- ها- ها. اهوئي.
- تہ تون جينيٽسسٽ - Geneticist آهين.
- واہ تون تہ ڪافي سمجهدار آهين.
- ڊاڪٽر منو ماڪيجا. جينيٽسسٽ پر هٽ صرف منوا!
منوءَ کي من هلڪو هلڪو محسوس ٿيڻ لڳو. هن ڪش هڻي چيو:
- نيو اسٽارس ميٽ ۾ تو پنهنجي عمر ٻاويهہ ٻڌائي آهي. لڳين تہ نہ ٿي!
منوءَ جيوس جو گلاس شرڌا جي ويجهو ڪري رکيو.
- مان هيلٿ مئنٽيننگ سينٽر جي انسٽرڪٽر رهي آهيان. نيوٽريشن ۾ ڊپلوما ڪيو آهي ۽....
- بس، بس. هي تہ جسٽ ائين ئي. ها، پر توسان ملڻ تي اول ائين لڳو... چڱو ٻڌاءِ- ايوريج آرٿوڊوڪس عورت ۾ ۽ تو ۾ ڪيترو فرق آهي؟
- بلڪل ٿورو. صرف... هڪ ميٽر.
- ڇا مطلب؟
- هڪ ميٽر فقط. لائيڪ اي ميٽر گيج ريلوي لائين!
- جي ڪڏهن بہ نہ ملنديون آهن. ويري سمارٽ.
منوءَ شرڌا کي چيڙڻ لاءِ اهڙو سوال پڇيو هو. پر شرڌا تي ان جو ڪو بہ اُلٽو اثر نہ ٿيو. هوءَ جيوس سپ ڪرڻ لڳي. ٻئي ڪجهہ ڳالهہ سوچي ٽهڪ ڏيئي ويٺا. ان تي ڪين وري ٽهڪ اچي ويا. ان سلسلي ۾ منوءَ جو ڌيان هن جي روپ طرف ويو. هن جي نظر شرڌا جي سهڻي نوڪدار نڪ طرف ويئي. نڪ مٿان ٻنهي اکين جي مٿان گول ڪارين سنهڙين ڪمانن تي ويئي. هن شرڌا جي اکين ۾ شرڌا ڏٺي. پنهنجين اکين سان بہ شرڌا ڏٺي. هن کي لڳو هوءَ شرڌا نہ پر رتي آهي. رتيءَ جيان سندر. البت منوءَ هن کي سندس گفتگو کان متاثر ٿي ئي انوائيٽ ڪيو هو. چيتنا جي ٻي ڳالهہ هئي. هوءَ تہ هونءَ بہ هڪ ”ماڊل“ هئي. ماڊلنگ کان سواءِ هن کي تير هلائڻ جو شوق هو. هوءَ اڪثر اکين سان ڪيترن ئي جوانن کي تير ماريندي رهندي هئي. هن کي اها شڪتي حاصل هئي تہ هوءَ ڪنهن سان بہ نظرون ملائڻ تي لنبي وقت تائين اکين ۾ اکيون کپائي سگهندي آهي

هن تي ڪو اثر نہ ٿيندو آهي. البت سامهون وارو پهرين مسڪرائي پوءِ لڇي ٿيندو آهي ۽ بعد ۾ ٻڇي ويندو آهي. آخر ۾ پڇي ويندو آهي. جيڪو نہ پڇي ويندو آهي، ان کي هوءَ ٻيڻ ڏيندي آهي ۽ ائين ئي هن منوءَ کي انوائيٽ ڪيو هو. منوءَ جي اکين ۾ اکيون کپائي نهارڻ سان ”نيو اِسٽارس ميٽ“ ۾ منو اول مسڪرايو هو، پوءِ بہ مسڪرايو هو ۽ آخر بہ مسڪرايو هو. چيتنا کي اهڙن بهادرن جوانن لاءِ آدر هو جيڪي هن جي تيرن جي تيز ڌارا ۾ بہ اڏول رهندا هئا. منو انهن ۾ هو. ڪلهہ چيتنا سان هنجي ملاقات ساڍا چار ڪلاڪ هلي. پر اچانڪ ”ڊريم لئنڊ“ ۾ ئي منوءَ لاءِ اوورسيز ڪال آيو. هن کي ڪي ٽيليڪس مئسيج پاس ڪرڻا هئا ۽ ڪيس ترت ئي وڃڻو هو. جيتوڻيڪ اڙهين ائين ورلي ٿيندو آهي. پر جڏهن اهڙو ڪجهہ بہ ٿيندو آهي تہ هو ڊيوٽي نڀائيندو آهي. ان وقت هو سڀ ڪجهہ ڇڏي سگهندو آهي. چاهي اها چيتنا هجي. پر اڄ هن کي اهڙي ڪابہ تڪڙ نہ هئي. ان ڪري ئي اڄ هو وڏي فرصت سان سگريٽ کي پيئڻ بجاءِ ڏسي ۽ جاچي رهيو هو. ڇڻ ڪيس ان جي ٽيسٽ جي ٽيسٽ پاس ڪرڻي آهي. رکي رکي هن ’گولڊ فنگر‘ ايش ٽري ۾ اٽڪائي ننڍڙو سهڻو ٿلهي ڪاچ جو چورس گلاس ڪٽي ’ٿنڊرفال‘ پي تي ورتو. فرائڊ مٽن ليور جي ڪاري ٽڪنڊي ٽڪري کي نزاڪت سان پڪڙي شرڌا جي چپن تائين آڻي هن جي مشڪندڙ پري پڇندڙ ويشنو چپن جي سرخيءَ جي احساس ساڻ پنهنجن چپن ۾ رکي تي ورتو. هن ستاويهہ سال دنيا کي ڏٺو آهي. پر شرڌا ۾ کيس ڪجهہ نئون ڪجهہ خاص نظر آيو کيس محسوس ٿيو تہ هوءَ ڪن نرالن ٽڪرن سان جڙيل آهي. اَڄ جي زماني جي ترڪ ۾ محفوظ شرڌا جڏهن پنهنجين اکين تي، ٽيبل تي لاهي رکيل منوءَ جو سفيد فريم وارو اکين جو چشمو پاتو تہ ايڪسٽرا سمارٽ لڳي رهي هئي. هنجي سفيد ڪناريءَ واري ڊارڪ نيوي بلو ڪلر جي ساڙهي هنجي شرير سان ڪنٽراسٽ ڪري رهي هئي ۽ هيءُ سفيد چشمو مئچ ڪري رهيو هو. منوءَ وري شرڌا جي گول گول وڏن ڪاچن وارو باٽل گرين چشمو پائي ورتو جنهنجي ڪمان تي ايش گري،

Unfiled Notes Page 2

سيڪس بلو ۽ ميجينٽا ڪلرس جا آڏا اُبتا نَنڍا پر ٿلها ليڪا پيل هئا. ٿوري لنبي چپ بعد شرڌا چشمو لاهي ساڄي هٿ ۾ اُنجي ڪمان پڪڙي منوءَ جي نهار سان سر ملائيندي پڇيو، باءِ دي وي، منو، هڪ خاص ڳالهہ، ٻارن بابت تنهنجو ڇا خيال آهي؟

سوال ٻڌي منوءَ ڇرڪ ڀريو. پر ڇرڪ جو ڀاڱ مائيلڊ ڪرڻ لاءِ هن اول سگريٽ ڪڍي دکايو ۽ اُن جو دونهون شرڌا جي منهن اڳيان ڦهلائي هلڪڙي شرارتي مسڪراهٽ ايڪسيچينج ڪئي.

- ڏس، ان لاءِ تہ منهنجا ڪي خاص رزرويشنس آهن، يو نو اڄڪلهہ ٻارن جي سليڪشن بہ ممڪن آهي!

- يو مين گرل آر بواءِ؟

- نہ. هڪ ٻي خاص چونڊ جنهن خاص پرڪار جي دماغي ۽ شريري اِنسان جي پسندگي ڪرڻي هجي... يو وانٽ اي سائنٽسٽ- ائن آرٽسٽ آر....

- او! يو مين- ٽيسٽ ٽيوب بيبي؟

- واه. تون بيشڪ ڪافي سمجھدار آهين.

شرڌا ڪجھہ هالٽ ڪيو. هن بہ ٿي ڍڪ جيوس پيتو. پنهنجي مٿان سنهو همينگ جو آواز ڪندڙ ايئر ڪنڊيشن مشين طرف ڪنڌ ورائي نهاريو. منوءَ جو گلاس ’ٿنڊر فال‘ سان ٿمٿار ڪيائين ۽ ٿورو گنڀير ٿي ويئي.

- ويل. توکي ٻڌي خوشي بہ ٿي سگھي ٿي تہ مان ’سائنس-ايسٽ‘ مخزن جي ’مائيل اسٽونس‘ ڪالم لاءِ فري لانس ڪندي آهيان ۽ گذريل مهني ئي ’مس ٽيسٽ ٽيوب‘ ڪور اسٽوري پبلش ٿي آهي. ان ۾ تنهنجي آفيس جو پڻ ذڪر آهي.

منوءَ جو هٿ ۾ ڪنيل گلاس هٿ ۾ ئي رهجي ويو ۽ اهو هن بنا ڍڪ پرڻ جي ٽيبل تي رکي ڇڏيو. هو تڪڙو ڪجھہ ڪڇي نہ سگھيو. پر پوءِ ڇڻ همٿ ٻڌائين-

- اَڇا- اَڇا، ويري نائيس. وات اي ونڊرفل سرپرائيز!

منوءَ محسوس ڪيو تہ هيءَ ڇوڪري تہ سچ پچ هڪ عجيب سنيوگ آهي. هن جي چهري تي ايتري خوشي ڏسي شرڌا وري ڪجھہ گنڀير ٿي ويئي:

- پر...

- ييس....
- پر وات اباؤوٽ ممتا؟
- اها ڪا سمسيا نہ آهي- ۽ اهڙي پرابليم جا ڪيترائي سماڌان بہ هوندا آهي. جيڪي شايد اڃ سوچي نہ سگهبا آهن.
- پوءِ بہ؟
-ڏس. ڪجهہ سال اڳ فئملي پلاننگ لاءِ جڏهن پهرين پهرين ڪي ساڌن پروپوز ٿيا هوندا، تڏهن ضرور سوال اُٿيو هوندو، وات اباؤوٽ ريئل سيڪس!
منوءَ جي دليلن باوجود شرڌا منجهيل لڳي. پر هن اجا بہ پنهنجو بچاءُ جاري رکيو:
- ائين تہ مهايارت ۾ نيوگ پڌتيءَ سان پرايت ڪيل سنتان جي پرمپرا ان وقت جي سماج ۾ بہ قبول هئي ۽ اُنهن کي ڇا ممتا نہ ملي؟
منوءَ ڏٺو- شرڌا اڃا بہ برابر منجهيل آهي.
تون شايد اهو سوال بہ اُٿارين- ان حالت ۾ تہ مئريج جي پرمپرا تي بہ اَثر پوي. مان مڃان ٿو. پر اهي ڳالهيون سوشل رسڪ جون نہ آهن، سوشل چينج جون آهن. ليٽ دير ڊسڪور نيو فيسز!
شرڌا ڪجهہ ڪجهہ هلڪي ٿيڻ لڳي. هن جي منهن جا گهنج گهٽجي رهيا هئا.
- او.ڪي. مون کي لڳي ٿو تنهنجون ڳالهيون ائگريئيبل آهن.
- دئٽ از لائيڪ اي نائيس گرل!
ٻنهي کان هڪ هلڪڙو ٽهڪ نڪري ويو. منو پڻ بلڪل ايزي ٿي ويو.
- چڱو ٻڌاءِ ، هيءَ گهڙي ڪئن سيليبريٽ ڪريون؟
شرڌا منوءَ جو گلاس کڻي ان ۾ ٿورو بيئر وجهي هٿ ۾ مٿيرو جهلي ’چيئرس‘ چئي اڌ خالي ڪري هن جي چپن سان لڳايو. گلاس خالي ٿيڻ تي هن منوءَ سان هٿ ملائي هن کي ننڍڙي ڪس ڪئي! منوءَ چئي مدهوشيءَ ۾ چيو- ماءِ ڊيئر شرڌا.... تون شرڌا نہ آهين. تون رتي آهين. ماءِ ڊيئر رتي...
- ييس ڊاڪٽر ڪامديو! مون کي تنهنجو اهو نالو بہ قبول آهي- آءِ ايم رتي! هاڻي خوش؟

(رچنا- ١٩٩١)

# ڏينهن، رات ۽ شهر

ڏينهن هڪ شخص. رات هڪ شخص. شهر هڪ شخص. ڏينهن جي اچڻ سان شهر ٻڪڻ لڳو.

اُن ڀڄ ڊڪ ۾، خبر ئي نہ پيئي، رات ڪيڏانهن ڀڄي ويئي.

ڏينهن کيس ڳولهيندو رهيو- ڳولهيندو ئي رهيو. ڳولهيندي ڳولهيندي هو ساڻو ٿي پيو. هو سهڪڻ لڳو. سهڪندي هو سڙڪ جي ڪناري هڪ وڻ هيٺان پٿر تي ويهي ساهي پٽڻ لڳو.

اَچانڪ هن پري کان رات کي ڏسي ورتو. هن کيس پريان ئي سڃاتو. دوُر اُفق ۾ هوءَ ، سج جي پٺيان لڪ ڇپ راند ڪري رهي هئي.

ڏينهن دٻيل پيرن سان جڏهن وٽن پهتو تڏهن سج شرم ۾ لعل ٿي ويو! ۽ هو ٻڪ ڀر سمنڊ ۾ ٻڏي ويو.

ڪافي دير تائين ڏينهن رات کي ۽ رات ڏينهن کي تڪيندا رهيا. نيٺ هو ٻئي پرچي ويا. ڏينهن رات جي آغوش ۾ سمائجي ويو. تارا هنن کي ڏسي اِشارا ڪرڻ لڳا. ڪاري ڪاري رات پوءِ پنهنجي چهري تي چنڊ جو گول گول پيلو چمڪندڙ تلڪ لڳايو. هوءَ سهڻي ٿي پيئي ۽ ٻهڪڻ لڳي. تارا کيس ڏسندا ئي رهجي ويا ۽ ذري گهٽ چپ ٿي ويا.

ائين ڏينهن پٺيان شهر بہ ٻڪندو رهيو. ٻڪي ٻڪي هو پڻ ساڻو ٿي پيو. سهاري تي پهچي هو ليٽي پيو. کيس ننڊ اچي ويئي. صبح جو سوير

جڏهن شهر کي ڏينهن اُٺاريو تہ هو چرڪ ڀري اُٿيو.

شهر پوءِ جهٽ ئي ڏندڻ ڪيو. ٿري ويل چانهہ پيتي. ٿوري دير ۾ اخبارن کان پڇيو تہ ڪهڙن ديشن کي ڏک لڳا آهن. ڪهڙا سمنڊ لاپتا آهن. ڪهڙا آسمان هيٺ جهڪي آيا آهن. ڪهڙيون ڏرتيون رت ۾ آليون ٿيون آهن. ڪهڙيون سنسنائون شانتيءَ لاءِ لڙي رهيون آهن. هن پوءِ بالٽيءَ ۾ ٽبي ڏيئي ٿاءِ ٻڌي، بريڊ سلائيس وات ۾ رکي. سائيڪل ۾ هوا ڀري شهر اِسٽيشن تي آيو ۽ پاڻ کي هڪ قطار ۾ ٻهاريو. پاس ڪڍي گاڏيءَ ۾ لٽڪي هن هڪ ڪلاڪ پاڻ بچائي رکيو ۽ پوءِ ڪيترا ڪلاڪ ڪرسين ۽ ٽيبلن آس پاس ليڪا پائيندو رهيو.

ڏينهن وري رات جي پنيان ڀٽڪندو رهيو. رات وري سج پنيان لڪل ملي. سج جي شرم سان لعل ٿيڻ ۽ ٻڪ ڀر سمنڊ ۾ ٻڏڻ سان ڏينهن رات جي آغوش ۾ اَچي ويو. ڏينهن ۽ رات پرچي ويا تہ تارا اِشارا ڪرڻ لڳا. رات چنڊ جو تلڪ لڳايو تہ سهڻي ٿي پيئي. شهر ڏينهن ڀٽڪندي سمهي پيو ۽ ڏينهن جڏهن کيس اٿاريو تہ هو چرڪ ڀري اُٿي ويٺو.

ڪن ڏينهن کان پوءِ ائين نہ ٿيو.

تنهن ڏينهن صبح سوير ڏينهن جڏهن شهر کي اٿاريو تہ هو جاڳي بہ سمهيو رهيو. سياري جي هڪ آرتوار سبب هو اجان ننڊاکڙو هو. چڱي دير سمهيل رهڻ کانپوءِ ان صبوح شهر ڏندڻ ڪرڻ کان سواءِ چانهہ پيتي. چانهہ گرم هئي. ڪهڙن ديشن کي ڏک لڳا آهن اهو ڄاڻڻ کان پوءِ شهر اَخبار کان اِهو بہ پڇيو تہ انهن کي ڏک ڇو لڳا آهن ۽ اڳ ڪڏهن لڳا هئا ۽ اڳتي ڇا ٿو ٿي سگهي. شهر اڄ اخبار کان ڪي انٽرويو پڻ ورتا. اخبارن اڄ ڪي رنگين ڳالهيون پڻ ڪيون. شهر اڄ ڪي راڳ بہ ٻڌا ۽ ڪسرتن جهڙا ڪي ناچ بہ ڏٺا. ڏرمي ايڪتا جي ناٽڪن کي اَڌ ۾ ڇڏي شهر اڄ آرام سان ڏندڻ ڪرڻ لڳو. شهر اڄ هڪ وڏيڪ چانهہ پيتي.

شهر پوءِ ڳوٺري ڪٺي قسم قسم جون شيون وٺڻ نڪتو. پر هو اڌ ۾ موٽي آيو. جيڪي شيون هن وٺڻ چاهيون اُنهن مان اڄ ڪي موڪل تي هيون ۽ ڪي وڏيڪ مهانگيون هيون. ڪجهہ شيون وني ٿيلهي ڪلهي تي

ڪٽي هو واپس اَچي تيل لڳائي سنان ڪرڻ لڳو. اڇو، ڪفني لينگهو پائي ساهه وارو طعام کائي هو منجهند جو آرام ڪرڻ لڳو. هن پوءِ وري به چانهه پيتي. ٻارن کي وٺي هو ڪي ڪلاڪ لطيف آيو پر ٻارن کي پرچائي ڪونه سگهيو.

شهر اڄ ڏينهن کي ٻلجي ويو هو. ياد اَچڻ تي هن ڏٺو. ڏينهن رات کي ڳولهي ورتو هو. هو چپ چاپ ڇڪيوان ٻار جيان نائيٽ ڊريس پائي ويهي رهيو. ويهي پوءِ ليٽي پيو. ليٽي پوءِ سمهي پيو. اڄ هنکي ڪافي دير سان ننڊ آئي. صبح سوير جڏهن ڏينهن شهر کي اُٿارڻ آيو ته هو ڇرڪ ڀري اُٿيو. ڇرڪ ڀري اُٿڻ تي هن کي سمڪ پيئي ته هو هڪ سپنو ڏسي رهيو هو.

سپني ۾ شهر هڪ وڏيڪ شادي ڪئي هئي. هڪ وڏو ۽ سهڻو گهر ورتو هو، جنهن ۾ باغيچو پينگهو بالڪني ۽ سويمنگ پوُل به هئا. گهر ۾ فقط ٽيليويزن ۽ ويڊيو ئي نه، سڄو سيٽيلائيٽ يونٽ هو. هن جي نئين پتنيءَ لاءِ الڳ شاهي ڪمرو ۽ هنجي ٽيندڙ ٻان لاءِ به ٻيا به ڪمرا رانديڪن ۽ ڪتابن سان سجايل هئا. هنجي پهرين پتنيءَ جو سٺو وهنوار هن کي خاص طور عجيب خوشي ڏيئي رهيو هو. ڪيس ڊپ هو ته هوءَ شايد منهن موڙيندي. هو ڪنهن قيمت تي پنهنجي پهرين پتنيءَ جو پيار يا اهڙو ڪجهه به وڃائڻ لاءِ تيار نه هو. نه- نئين پتنيءَ جي قيمت تي پڻ نه! هو هن ۽ هن جي ٻارن سان هري ويو هو. هن هنن سان ڏکيا سکيا ڏينهن ڪاٽيا هئا. شهر کي اهو سڀ به ايترو ئي پيارو هو. پوءِ به سپني ۾ هن ٻي به هڪ وڏيڪ سهڻي ۽ وڏيڪ جوان پتني حاصل ڪئي هئي. ان جو ڪيس آنند هو.

هن جي نئين گهر جي نئين بيڊ روم مان هڪ ننڍو سڌو رستو سويمنگ پوُل طرف وڃي رهيو هو. ٻنهي طرفن کان سائو لان هو، وچ ۾ اڇي ٽڏي سنهي ريتي. هو پنهنجي نئين پتنيءَ سان ’لڱ ڀڳ ائين ئي‘ تري رهيو هو. مٿان بالڪنيءَ مان هنجي پهرين پتني مسڪرائيندي هٿ لوڏائي ڪين وش ڪري رهي هئي. شهر کي من ۾ خيال آيو- هو پنهنجو هيءُ سک

پنهنجن دوستن کان بلڪل ڳجهو رکندو. هن جا سڀ دوست ڏاڍي اير ڪا ڪندا ۽ گهر ۾ اچي ٻنهي پتنين کي پڙڪائيندا. وري شهر کي خيال آيو تہ نہ- هو دوستن کي خاص دعوت تي گهرائيندو ۽ کين هيءُ سک ڏيکاريندو. هو عجب ڪائيندا. وري کيس خيال آيو- کيس تہ اهڙا دوست آهن ئي ڪونہ. اهو خيال ايندي ئي هو اُداس ٿي ويو. هو پنهنجو سک ڪنهنکي ڏيکاريندو؟ جتي ڪنهنکي بہ خبر نہ پوي تہ اهڙي سک جي معنيٰ ئي ڪهڙي آهي!

هنکي پوءِ ان خيال تي آٿت ٿيو تہ هو پنهنجي سک کي اخبارن ۾ انٽرويو جي روپ ۾ ظاهر ڪري اڻ سڃاتل ماڻهن اڳيان وڏائي حاصل ڪندو. البت ان ۾ شهر کي سڃاتل ماڻهن جهڙو آنند نہ اچڻ تي ٿورو افسوس اوس ٿيندو. ڇو تہ ڪنهن کي هارائڻ کان سواءِ جيت ڪهڙي ڪم جي! شهر ان سوچ ۾ وري بہ اُداس ٿي ويو. اوچتو هن ڏٺو- هنجي پهرين پتنيءَ جو ڪو جهونو يار ساڻس هٿ ملائي هنکي وش ڪرڻ آيو هو. شهر جو منهن ئي لهي ويو. جيتڻ کان اول ئي جڻ هارائڻ لڳو هو. هن کان نئين پتنيءَ جو هٿ ڇڏائجي ويو.

شرم کان هو ٻئي پنهنجو پاڻ کي پاٽيءَ ۾ سمائڻ لڳا. شهر ڏٺو- پنهنجي پهرين پتني بہ مسڪرائي رهي هئي ۽ سندس يار پڻ مسڪرائي رهيو هو. شهر محسوس ڪيو ڪوئي کيس هن پاٽيءَ مان ڇڪي ٻاهر ڪڍي رهيو آهي. هو آنا ڪاني ڪري رهيو آهي، هن کي اجا ڇٽي گهري ننڊ آهي. هو دير رات سان سمهيو آهي. پر نيٺ ڏينهن شهر کي جاڳايو. هو ڇرڪ ڀري اُٿيو. هو سامهون نهاري ٿو. گهر ۾ ڪوبہ ڪونہ آهي. کير وارو لوٽو رکي ويو آهي. اَخبار هوا ۾ لڏي رهي آهي. سڄ دريءَ کان ڏند ڪڍي کلي رهيو آهي. ڏينهن کيس ٻڌايو تہ سندس پتني رجني، ٻارن سوڌو زيور ڪپڙا کڻي ان ڀانوُ پرڪاش ساڻ ڀڄي ويئي آهي- جيڪو وٽن روز صبح جو ايندو آهي.

شهر اکيون مهٽيون.

هيءُ سپنو نہ هو.

(رچنا- ١٩٨٢)

# ڳهرُ

شاديءَ بنا، رويءَ ساڻ رهڻ، چاهيندي بہ رجني قبول نہ ڪري سگهي هئي.

۽- رجنيءَ سان، ’شادي‘ ڪرڻ، چاهيندي بہ روي قبول نہ ڪري سگهيو هو.

پنهنجي زندگي پنهنجي نموني جيئڻ لاءِ، پريوگ ئي سهي، رويءَ جو هڪ اِرادو ٿي ويو هو. هن وٽ هاڻ صرف هڪ دقت هئي- رجني!

هنجو، ڳهرَ بابت، هڪ نجو پنهنجو ، نئون تصور هو- اي مئن وداڻوٽ هوم! ۽ اُن جو ٻيو وڪلپ هو-

اي هوم وداڻوٽ اي وائيف! اِها تہ هن لاءِ وري بہ هڪ ننڍي ماجرا هئي. در اصل زندگيءَ ۾ ’ڪجهہ تيڻ‘ جي حاصلات کي هو هڪ خوشفهميءَ جي نظر سان ڏسڻ لڳو هو. اگر هن جو اهو نظريو قبول ڪري ڏٺو وڃي تہ هن لاءِ زندگي هڪ ’گذرڻ‘ جي ڪريا کانساوءِ ڪجهہ نہ هئي! البت هو اُن کي بنا ڪنهن سنگهرش جي، ٽڪراوَ، چٽاپيٽيءَ ۽ جهنجهلاهٽ جي، بنه سهج سڀاوَ سان ’ماڻڻ‘ جي حق ۾ هو. اهو هڪ سوڪيم اتفاق هو تہ هڪ هوٽل ۾ وڃي ڪڏهن ڪڏهن رهڻ جي ڪري پريچيہ ۾ آيل هڪ سانوري

سڀاڄهي رجنيءَ ڪي هنجي اهڙين ڳالهين ۾ بيحد دلچسپي ٿيڻ لڳي. رجني ان هوٽل جي رسيپشنسٽ هئي.

رجنيءَ بابت سوچيندي سوچيندي هو ڀلجي ويو تہ هو ڇا سوچي رهيو هو. هو اَچانڪ اُداس ٿي ويو. هن سوچڻ جو سلسلو جوڙڻ ڇڏي اهو ويچار ڪيو تہ هو آخر ڪهڙي ڳالهہ ڪري اُداس ٿي ويو. آخر هن کي وري اُداسيءَ جو ڪارڻ بہ اهو ئي مليو-رجني.

رجني هن لاءِ مسئلو نہ هئي. هوءَ تہ پاڻ حَلُ هئي. پر هن پاڻ هن کي مسئلو بڻائي ڇڏيو هو. رجنيءَ سان پريچيہ گهرو ۽ اوُنهو ٿيڻ تائين هن وٽ ان قسم جو ڪوبہ وڏو مسئلو نہ هو. ماءُ پيءُ جي گهر ڪان هو سالن ڪان، اڪثر، اِلڳ رهندو آيو هو. ڪڏهن پڙهڻ لاءِ، ڪڏهن نوڪريءَ لاءِ. ۽ پوءِ اها هن لاءِ عادت بڻجي ويئي. ماءُ پيءُ بہ هنجي مجبوري سمجهندي سهندا آيا ۽ هنن لاءِ بہ هو ذري گهٽ غير ضروري ٿيندو ويو.

اُداسيءَ مان نڪرڻ لاءِ هن کي لڳو- هو پنهنجي اُداسي رجنيءَ سان ئي شيئر ڪري سگهي ٿو. اهو سَچاٽائيءَ ۾ هن کي ڪٽڪيو بہ تہ رجني هن لاءِ هڪ ضرورت جو روپ وٺي رهي آهي. پر هن پاڻ کي اهڙين حالتن ۾ چيڪ ڪرڻ لاءِ تيار رکيو هو.

هن آفيس ۾ پنهنجا ڪم نپٽايا. آفيس ڇڏڻ ۾ اَجا اڌ ڪلاڪ دير هئي. گهڻا ڪلارڪ پنهنجا ڪم اَڌورا ڇڏي يا ٻين کي سونپي وڃي بہ چڪا هئا. پر هو پنهنجن ئاهيل ڪجهہ نيمن تي چُستيءَ سان عمل ڪندو هو. جن ۾ هن جا فرض شامل هئا. اَڌ ڪلاڪ جيترو وقت هوُ پنهنجي هيڊ ڪلارڪ وٽ سپاٽي جي ڪمن لاءِ فائيل نظر مان ڪڍڻ لاءِ ويٺو. اتي بہ هن وقت هيڊ ڪلارڪ وڃڻ جا سانباها ڪري رهيو هو. هن وٽ بہ ڪلارڪ ۽ هڪ پٽيوالو سپاٽي دير سان اَچڻ جي اَڳوات رضامندي وٺڻ لاءِ وينا هئا. بہ ٻيا ڪلارڪ منجهند ڪان پوءِ نہ آيا هئا. رويءَ ڪرسيءَ تان اُٿي ڪولر مان پاڻيءَ جو گلاس ڀري پيتو. هن جي آفيس ۾ هن پنهنجي لاءِ ڪجهہ اَهڙا

نوان دستور قائم ڪيا هئا- اُنهن ۾ اِهو بہ هڪ هو تہ هوُ پاڻي پاڻ اُتي پري پيئندو هو. ڪنهن دوست سان آفيس ۾ ڳالهيون نہ ڪندو هو. دير سان اَچڻ ۽ سويل وڃڻ هن ڪڏهن پسند نہ ڪيو هو. ساڳئي وقت هن هڪ سمجهوتو پڻ ڪيو هو. هو ٻين کي سڌارڻ يا اُنهن لاءِ شڪايت ڪرڻ پنهنجي دائري کان ٻاهر سمجهندو هو. گھٽو ڪري هو 'پيوُن' کي بس ڪيڪاريندو رهندو هو. باقي فائيل کڻڻ-پهچائڻ، صحيون وٺڻ، ليٽر ڊسپيچ ۾ ڏيڻ، هو اهو سڀ ٻي ڪنهن فالتو ڪسرت جي عيوض ڪرڻ وڌيڪ صحيح سمجهندو هو. پٽيوالي کي هو اڪثر 'سيوڪ ڀائي' چوندو هو. پر هن جي اهڙي سادي سڀاجهي سڀاءَ باوجود هن جي گهري ذهنيت، خبرداري، حاضر جوابيءَ سبب ڪير هن تي ذرو بہ طنزي نگاهہ سان ڏسڻ جو ساهس نہ ڪندو هو.

هو آفيس جو ٽائيم ٿيڻ تي ئي، آفيس مان نڪتو. جيتوڻيڪ هن من ۾ طيءِ ڪيو تہ اڄ هو سڌو رجنيءَ وٽ ويندو. ڪيس جيڪو لنبو سفر پنڌ طيءَ ڪرڻو آهي، ان ۾ رجنيءَ جو هوٽل مان نڪري وڃڻ جو بہ چانس آهي، پر پوءِ بہ هن ٽئڪسي نہ ڪئي. هو 'گهٽ ۾ گهٽ' گُهرجن واري جيون شئليءَ طرف مائل هو. هن سوچيو، رجني اڄ اگر نڪري ويئي هوندي تہ هو سياڻي ٽراءِ ڪندو. اِن ڪري نہ ئي هو نارمل لهجي کان وڌيڪ تڪڙو هلي رهيو هو ۽ نہ ئي رجنيءَ جي نڪري وڃڻ جو ڪيس وڏو اونو هو. ڪجهہ ان طرح جي غير اونائي زندگي هن جو شُغُل هئي، جنهن ۾ اُتساهہ جو اَڀاو تہ ڪونہ هو پر جوش جو اَڀاو اَوس هو.

ٽاور کان اڳتي وڌي هن سرڪل پارڪ جي وچان شارٽ ڪٽ ورتو. هونءَ اڪثر سرڪل جي گول ڦرڻ ۾ هو ان جي چوگرد وينل ڪيترن جوڙن کي گهوري نهارڻ پسند ڪندو هو. اهو هنجو اسٽڊي ويو ٿي ويو هو تہ پٽي يا پريميءَ جي ڇهري جا ڀاوَ هو جاچيندو رهندو هو. پر اَڄ هن رجنيءَ سان ملڻ جي چانس وڌائڻ کي ترجيح ڏني. سامهون ڇهہ ماڙ هوٽل جي بلڊنگ

جي مين گيٽ طرف ھن دور کان درشٽي لڳائي، جٿان رجنيءَ جو نڪرڻ ھن جي ڌيان تي رھي سگھي. ھوٽل جي پھرئين ماڙي تي پھچي ھن ڏٺو تہ رجني پنھنجي ڪرت ۾ لڳل ھئي. ھوءَ رڪي رڪي انٽر ڪام تي پنھنجي ڪفايتي مرڪ ساڻ تمام آھستي ۽ تمام مٺو ڪجھہ ڳالھائيندي بہ پئي ويئي ۽ ڪجھہ نوٽس بہ پئي ورتائين. وچ وچ ۾ آيل گيسٽ کي روم جي چابي، بنا نمبر پڇڻ جي ڏيئي رھي ھئي. گيسٽ ڪجھہ خوشي ڪجھہ عجب وچان چابي کڻي ھن طرف ھلڪي شڪريہ جي مُدرا ڏيئي تي ويا. رجنيءَ ان جو سويڪار اکين جي ڇَپَر پل-پر مٿي ڪري اِظھاريو پئي. ھن رويءَ طرف اک کڻي اک ملائي پنھنجون چار ننڍڙيون سنھڙيون آڱريون تورو مٿي کڻي 'ھلو' چوڻ جو ھلڪو آڀاس ڏنو. روي ويٽنگ چيئر تي ويھي رھيو. ھن کي خبر ھئي، نائيٽ ڊيوٽي اِسٽاف جي اَچڻ تائين ھن لاءِ ڪائونٽر ڇڏڻ ممڪن نہ آھي. پر ھن کي تسليِ تي تہ رجني ھلي نہ ويئي آھي؛ اھو ئي ڪافي آھي.

ڪجھہ منٽن بعد رجني ڪائونٽر کان نڪري پنھنجي اسٽاف جي ريسٽنگ روم ۾ ويئي. سامھون رويءَ ڏٺو، ھوءَ فريش ٿيڻ ويئي ھئي. اَندر وچي باٿ روم جو دروازو کولڻ ۽ بند ڪرڻ جو اندازو ھن رجنيءَ جي پاڇن مان لڳايو.

رجنيءَ کي بہ خبر ھئي تہ روي ھن کي ٽيسٽائين ڊسٽرب نہ ڪندو جيسٽائين ھوءَ وٽس نہ وئي آھي. رويءَ جي ھن قسم جي مئنرس تي ھوءَ پڻ موھت ھئي. البت موھت ھئڻ رويءَ جي سياوَ ۾ شامل نہ آھي. ھو رجنيءَ کي اڪثر ھت گڏيو آھي. اول ھت گڏيو آھي. رجنيءَ جي گھر ھو ڪڏھن ويو نہ آھي. پر ھوءَ ھنجي ننڍڙي گھر کان واقف آھي. ھنجا بہ پائر، ٻئي ھن کان ننڍا ۽ ٻئي شادي ڪيل. رجني ھنن جي اڪيلي گارڊين. پر ھاڻ ھو ٻئي پنھنجي بيڪري اسٽور جي ڪم ۾ پيرن تي بيٺل. رجني ڪڏھن ڪڏھن نائيٽ ڊيوٽيءَ لاءِ گيسٽ ھائوس ۾ رھي بہ

پوندي آهي. ان وچ ۾ ڪجهہ موقعا اَهڙا بہ آيا - هوءَ گيسٽ هائوس ۾ رهي پئي پر نائيٽ ڊيوٽيءَ لاءِ نہ. رويءَ لاءِ. ڪيس ڪمپني ڏيڻ لاءِ.

رجني فريش ٿي ڪائونٽر تي اَچي پنهنجو اَچو پرس سنڀاليو. ڪجهہ هدايتون پاس ڪري تازگيءَ ڀري مسڪان سان رويءَ اڳيان اَچي ويٺي.

’هلو! روي.‘

’هلو!‘ هو ٻئي اُٿيا. رويءَ هيٺ لهي هڪ ڪافي هائوس طرف رخ رکيو. رجني هن کي فالو ڪرڻ لڳي. ڪافي هائوس جي گارڊن ۾ نويڪلي جڳهہ تي ٻن ڪرسين جي هڪ ڪنڊ کي اَچي هنن وسايو.

- اَڄ ڪجهہ ٿڌ وڌيڪ آهي.

- توکي انتظار ڪرائي بور تہ نہ ڪيو.

- نو. ڊيوٽي مسٽ بي ڊن ويل ائنڊ گُڊ.

- نئچرلي، سڄي دنيا جا سڀ ماڻهو ٻيا دان پڇ ڪجهہ نہ ڪن، صرف ڊيوٽي برابر ڪن تہ سڄي دُنيا سُکي ٿي وڃي.

- في الحال پاڻ کي سکي ڪرڻ جو فڪر هرويرو غلط تہ نہ ٿيندو؟

- نو. نو. نات ائٽ آل- تون تہ پاڻ کي وڌيڪ سکي ڪرڻ جي چڪر ۾ ٿي نہ پوندو آهين.

- وڌيڪ سکي مون ڪٿي ڇيو پئي!

- رجني رويءَ جي لفظن ۾ پڪڙجي پئي. هن کي ان طرح پڪڙجڻ ۾ انوکو آنند ايندو آهي. هن ڪان زور سان کل نڪري ويئي.

ڪافي پيئندي هو ڪڏهن آهستي ڪڏهن ڏاڍيان ڳالهيون ڪرڻ لڳا. ٻنهي مان ڪنهن کي ڪابہ تڪڙ نہ هئي. مٿي آسمان ڪليل هو. ڪاري آسمان ۾ ٿورا تارا پاڻ ٽمٽمائڻ ۾ ٻزي هئا. وچ وچ ۾ ٻنهي کي مٿي نهاري وٺندو ڏسي ويٽر پڻ مٿي نهارڻ لڳو. هن کي ائين ٿيو تہ شايد بارش جي تياري ٿي لڳي. ٿڌي هوا بہ اهوئي ٿي ٻڌايو.

رجني ۽ رويءَ بل چڪائي اُٿان اُٿي سمنڊ جي ڪناري طرف پنڌ

سرشتي ۾ لبرٽي ۽ آسڪتيءَ کي بہ پنهنجون سيمائون آهن. جئن نراسڪت آسڪتي. آزادي- هڪ بنيادي حق جي روپ ۾. اسان کي ڏسڻو آهي تہ هن قسم جو ڪو سرشتو ڇا وڏيڪ وهنوارڪ نہ ٿو ٿي سگهي؟ جڙ ٿي ويل ڪٽنب سنستا جي ڀيٽ ۾!'

رجني هن جي ايترن سارن دليلن کي غور سان ٻڌندي رهي. اَچانڪ هن پنهنجي نڙيءَ ۾ مڇيءَ جو ڪنڊو اٽڪندو محسوس ڪيو. ٽيبل تي پاڻي ذري گهٽ ختم هو. رويءَ اُٿي پر واري ٽيبل تان هڪ ڀريل گلاس کڻي رجنيءَ کي پيئڻ لاءِ ڏنو. رجني ٻيٽ ڏيئي پاڻي پي ويئي. هن سامت جو ساهہ کنيو. هن کي لڳو ٻاهران نراسڪت ۽ سُست لڳندڙ روي اندران آسڪت ۽ چست بہ آهي. ۽ هن چيو- او.ڪي.'

روي کلندي کلندي رجنيءَ جي هٿ کي پڪڙي چيو- 'هاڻي گهڻو ڪجهہ توکي بہ طيءِ ڪرڻو آهي. ڇو جو مان توکي گهٽ خوش ڏسڻ لاءِ بہ تيار نہ آهيان. ڇگو ٻڌاءِ. هن قسم جي سِرشتي ۾ 'هني مون' جهڙو بہ ڪجهہ آهي يا نہ؟'

نظرون جهڪائي رجنيءَ شرمائيندڙ انداز ۾ چيو- 'ڇو نہ؟'

(رچنا-١٩٩٧)

# چرڪ

برسات جي

بوند

بوند

جاري هئي. رڪي رڪي ڪاچ جي دريءَ مان چمڪندڙ پاڻيءَ جا ڦڙا دريءَ جي آس پاس مان اندر اچي رهيا هئا ۽ اسان جي وچ ۾ نهيل هڪ ننڍي ٽيبل ڪائونٽر تي ٻه ڪري رهيا هئا. وچ وچ ۾ هن پنهنجن سنهن ۽ سُهڻن هٿن سان ٽلهو پر ننڍڙو نئپڪن کڻي اُن ڪائونٽر تي رکيل ڪافيءَ جو ٿرماس پري ڪري، اُن کي سُڪائي تي ڇڏيو. اُن جو ڪو خاص ضرور تہ نہ هو، پر هن کي ائين ڪرڻ ۾ ڪو من جو سڪون ملندو هوندو. ان سان هن جي شخصيت ۾ هڪ نرم مناس ۽ ڏيرج ڀري پنهنجائيءَ جو سڪيم ڀاؤ ئي جهلڪي رهيو هو. هلندي هلندي اوچتو ٽرين وچ جهنگل ۾ خاموش ٿي وئي. اها هاڻ رڪجي بہ وئي هئي. ڏينهن جي مسافريءَ ۾ جڻ اسان جو فرسٽ ڪلاس جو ڪمپارٽمينٽ ئي نہ پر سڄي ٽرين خالي خالي لڳي رهي هئي. اسان جي ڪئبن ۾ اسين فقط ٻہ مسافر آمهون سامهون ويٺل هئاسين. ايتري معمولي ڳالهہ بہ جڻ هڪ سنيوگ لڳي رهي

هئي. ٻين ڪئبنس ۾ تہ هڪ هڪ مسافر هو يا تہ ڪوبہ مسافر نہ هو. هن ڪمپارٽمينٽ جو اٽينڊنٽ اهو چئي هليو ويو هو تہ ڪنهن ٻئي گاڏي ۾ سندس ماءُ سفر ڪري رهي آهي ۽ ان ڪري هو ذرا اُتي وڃي رهيو آهي.

ضرور اِهو هن سيني کي چيو هوندو ۽ هاڻ شايد ڏسڻ ۾ ئي نہ ايندو. ٽرين جو اندر جو واتاورڻ چپ چپ يا شانت شانت ٿي ويو هو. ٽرين جي بيهڪ وچڻ سان بہ ڪا خاص حرڪت اَندر يا ٻاهر نظر نہ اَچي رهي هئي. اَسان ٻئي بہ پنهنجي ليکي آرام ڪري چڪا هياسين ۽ هاڻي ٿورو اڳ مون هنکي ٿوري ڪافي آفر ڪئي هئي ۽ اِها هن ٿوري مسڪراهٽ سان سويڪار ڪندي چپن ۾ ٿئنڪس چيو هو. جيڪو هنجي لپ ريڊنگ مان ئي محسوس ٿي سگهيو. ڪافي پي ننڊو ڪوپ رکندي هن مونکان آهستي ۽ سياويڪ نموني پڇيو هو- ’توهان ڇا ڪندا آهيو؟‘‘

’توهان ڇا ڪندا آهيو؟‘ اِهو سوال اڪثر پڇيو ويندو آهي. مونکان بہ ماڻهو پڇندا رهندا آهن. البت مونکي ٻين کان اِهو پڇڻ ۾ ڪڏهن اُتساهہ محسوس نہ ٿيو آهي. آخر اِهو ڄاڻي بہ ڇا ڪرڻو آهي؟ يا تہ اِتي جو اِتي پلجي وڃڻو آهي، يا تہ هنجي جواب ۾ پنهنجو ڪو لاڀ تلاش ڪرڻو آهي. سمجهو تہ هو ڪجهہ ڪم اچي سگهي ٿو تہ هن سان پريچيہ وڌائي هنجو ٽيليفون نمبر نوٽ ڪري پوءِ ڪڏهن هنکي ياد ڏيارڻو آهي- ’توهان مونکي شايد نہ سڃاتو. توهان مون کي ڪجهہ وقت اڳ فلاڻي ٽرين ۾ گڏيا هئا ۽ پنهنجو فون نمبر ڏيئي چيو هو- ڪوبہ ڪم پئي تہ ضرور چئجو، يا وري ائين لڳي تہ سامهون وارو ماڻهو ڪو خاص ڪم جو نہ آهي تہ بہ ڳالهائڻ لاءِ، شروعات ڪرڻ لاءِ اهي ئي تہ ٻہ ٽي لفظ آهن- توهان ڇا ڪندا آهيو؟ توهان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟ اڇا- تہ توهان بہ هتي رهندا آهيو! ۽ ٻيو تہ اَڄ گرمي گهڻي آهي- وغيره.

هونءَ تہ اهڙن ششٽاچار جي لفظن ۾ بہ اهو پڇڻ تہ ’’توهان ڇا ڪندا آهيو؟‘‘ ڪجهہ ذاتي معاملو آهي. مون کي تہ پنهنجي ڳالهہ سيني کي

ٻڌائڻ سولي نہ لڳندي آهي. پر پوءِ بہ ماڻهو پڇي وهندا آهن تہ ڇا تو ڪري سگهجي؟ هاڻ بہ هن اِهو ئي پڇيو آهي. ڇا تو ڪري سگهجي؟ جواب تہ ڏيڻو آهي، ۽ ائين مڃي ڏيڻو آهي تہ سامهون واري کي اِهو پڇڻ جو پورو حق آهي ۽ هنڪي سنتوش ٿيڻ تائين انجا پورا تفصيل بہ... ائين تہ هنجي چهري تي منهنجي جواب لاءِ ڪا خاص اُڪير ڪانہ ٿي نظر آئي. هن بہ شايد ششتاچار خاطر پڇيو هوندو. پوءِ بہ مون ڪيس صحيح جواب ڏيڻ مناسب سمجهيو.

’مان آئيڊيا ڪنسلٽنٽ آهيان.‘ مون هن کي ٻڌايو. رواجي طرح منهنجو اِهو جواب ٻڌي عجيب رد عمل ٿيندا آهن. پر هن پنهنجا وار ڻاهڻ بدستور جاري رکيا. فقط ايترو چيو- ’اڇا. گوڊ‘ پهريون لفظ اِهو ظاهر ٿو ڪري تہ هن منهنجو جواب ٻڌو آهي ۽ ٻيو لفظ اِهو ظاهر ٿو ڪري تہ هن اِهو سمجهيو بہ آهي. جيتوڻيڪ اِهو بہ ممڪن آهي تہ هن اِهو پورو نہ بہ ٻڌو هجي ۽ ’گوڊ‘ بہ ائين ئي چيو هجائين. ڇو جو هنجي منهن تي هنجو ڪوبہ تاثر ڏسڻ ۾ نہ آيو. مان ڪجهہ نراس ٿيس. گهڻا دفعا ورجائي پڇڻ ۽ نہ سمجهڻ بابت ماڻهو خاص سَيان هوندا آهن. اِنڪري هنڪي اُميد هوندي تہ مان هنڪان اَهڙو ڪجهہ پڇندس.

بيئل ٽرين ڪڏهن هلڻ شروع ڪيو- سمڪ ئي نہ پيئي. ٻاهر برسات هاڻ نہ جهڙي هئي. مون دري اَڌ کولي ڇڏي. ٿڌي هوا اَچڻ لڳي. هن پنهنجا وار ناهڻ بند ڪيا ۽ هاڻي هن بہ پنهنجي پاسي جي اڌ دري کولي. مان هنجي شڪل مان هنجي عمر جو اندازو لڳائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس. هنجي چپن جي ٻنهي ڪنڊن کان نظر ايندڙ سنهو گُهنج ۽ ٿوري ڪڏ تي منهنجو پورو ڌيان هو. ائين تہ هوءَ ذري گهٽ پوري جوان لڳي رهي هئي ، پر عمر ۾ هرويرو ايتري ننڍي بہ نہ هئي. ڪاٽن لائيٽ ڪلر ڊريس سبب هوءَ ڪجهہ وڌيڪ سمارٽ لڳي رهي هئي. هنجي چهري جا اُهي گُهنج هنجي عمر چاليهہ ڇئي رهيا هئا ۽ هنجو شريري-

پرياڻُ ۽ سياڻُ توڙي هنجي ڳلن جي ڏيکاءَ مان هنجي عمر اٽڪل ڏهه سال گهٽجي نظر اچي رهي هئي. اوچتو مونکي خيال آيو ترين جي ٻاهران لڳل رزرويشن سيٽن چارٽ ۾ نالي ساڻ عمر به لکيل هوندي آهي- ۽ مونکي پنهنجي ذهني محنت تي کِل اچي ويئي. پر اِها عمر گهٽ ڏيکاريل به ٿي سگهي ٿي. منهنجو اُتساهه ٿورو وڌيو. برابر مان هڪ آئيڊيا ڪنسلٽنٽ آهيان ۽ ڊٽيڪٽو نه آهيان. پر اِنساني شرير ۾ انٽريسٽ وٺڻ ۽ ماڻهن جي چهري تي عمر جو اَندازو لڳائڻ هرويرو غير فطرتي به نه آهي. مون کي پنهنجو اَنومان چيڪ ڪرڻ جي اِڇا ٿي. ڇو نه هنڪان ئي اِهو پڇي وٺجي! ان ۾ ڇا آهي؟ زالن کان عمر ئي نه پڇبي آهي. نه ته ٻيو پڇڻ ۾ ڇا رکيو آهي! منهنجي لطيف خيالي اَڳتي وڌي؛ 'توهانجي عمر ڪيتري آهي؟'

مون سمجهيو ته اَول هنڪان هلڪو ڇرڪ نڪري ويندو. پوءِ شايد جواب ٽاري ويندي. يا سنهي اڻ لڪي ناراضگي ڏيکاري ڇوڻ خاطر ڪجهه به چوندي. اِهو به ته ضروري نه آهي ته هوءَ سچ ٻڌائي. پر هن اَهڙو ڪجهه به نه ڪيو. اِن بجاءِ هن پاڻ چيو- 'توهان اَنومان ته لڳايو هوندو!'

هاڻ پاڻ مون کان ڇرڪ نڪري ويو! هيءُ ته اُلٽو ٿيو. پر پوءِ پاڻ سنڀالي ورتم. هن کي خوش ڪرڻ لاءِ گهٽ انگ ٻڌائڻ صحيح سمجهي مون چيو: 'ها-بس اهائي اٽڪل اٺاويهه ٽيهه سال.'

'توهان جو انومان غلط آهي.'

'مطلب'

مطلب توهان اِهو انومان نه ڪيو آهي!'

مون کان وري به ٿورو ڇرڪ نڪري ويو. سچ ته اِهو آهي ته مون اٽڪل چاليهه انومان ڪيو هو ۽ هنکي ٽيهه ٻڌايو هو. پر هوءَ اِهو آتم وشواس سان ڪيئن ٿي چئي سگهي ته مون اهو انومان نه ڪيو هو. مونکي وڌيڪ ڪجهه ڇوڻ ڏکيو لڳو. مون چيو 'توهان سچ ٿا چئو. مون انومان اٽڪل چاليهه آسپاس ڪيو هو.'

’اِهو انومان ئي توهان ڪيو هوندو ۽ اِهو ئي صحيح بہ آهي؟‘ هن چيو.

’پر توهانکي اِهو ڪيئن لڳو تہ مون توهانکي صحيح انومان نہ ٻڌايو آهي؟‘

’’مان چهرو پڙهي سگهندي آهيان.‘‘ هن چيو.

وري بہ مونکان هلڪو چرڪ نڪري ويو. مون پاڻ کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي. مونکي وري بہ ڪافي پي فريش ٿيڻ جي ضرورت محسوس ٿي. مون هنکان بہ اِشاري ۾ پڇيو. هن - ’’نو ٿئنڪس‘‘ چئي پنهنجي ڪپڙن جا گهنج لاهڻ جي ڪوشش ڪئي.

ڪافي پي مون کي لڳي رهيو هو تہ هن سان وڌيڪ نہ ڳالهائڻ ئي سلامتيءَ وارو رستو آهي. هوءَ چهرا پڙهي سگهندي آهي. شايد اِهو ڪنهن حد تائين ممڪن هجي. هنجي بدن مان شرارتي خوشبو اچي رهي هئي. ائين تہ پاڻ هوءَ هاڻ وڌيڪ دلچسپ بہ لڳي رهي آهي. هوءَ هاڻ ڪجهہ سيٺجي ويني آهي تہ پاڻ وڌيڪ جوان لڳي رهي آهي. هوءَ شايد هاڻي منهنجي دپ جا پاوَ منهنجي چهري تي پڙهي رهي هوندي. مونکي چادر پائي ليٽي پوڻ تي دل ٿي. نہ تہ شايد هاڻ مونکان هزار سوال ڪندي. ائين تہ هوءَ بلڪل چپ هئي.

’توهان آئيڊيا ڪنسلٽنٽ آهيو!‘ هن نہ چيو.

’اِهو پلا ڇا ٿيندو آهي؟‘ هن اِهو بہ نہ چيو.

پر هوءَ اهڙو ڪجهہ بہ چئي نہ رهي هئي. الائي ڇو مونکي پنهنجي هوشياري ڪافي نہ لڳي رهي هئي. پوءِ بہ مونکي دل ٿي تہ مان بہ هنکان پڇان-’’توهان ڇا ڪندا آهيو؟‘‘ يا وري چپ چاپ ليٽي پوان. من ۾ اڻ تڻ لڳي. پڇان يا ليٽي پوان. ٻنهي ڳالهين ۾ مون کي ليٽي پوڻ ئي سَولو لڳو. مان پلاننگ ڪرڻ لڳس تہ هڪ ڏسٽي وائسٽي عورت جي پرواري برت تي ڪهڙي پوزيشن ۾ ليٽڻ ٺيڪ ٿيندو ۽ چادر گوڏن تائين يا منهن تائين بلڪل منهن ڍڪڻ سوڌو پائڻ گهرجي. پر ايتري ۾ هوءَ ننڍڙو گول وهاڻو

مٿن کان رکي ليٽي چڪي هئي.

ضرور هوءَ چهرا پڙهندي آهي.

مان اجا ليٽي پوڻ جو سوچي رهيو هوس.

هاڻ ڇا تو ڪري سگهجي؟ هڪ ايڪانت واري ڪئبن ۾ هڪ هم عمر عورت جي پير ۾ سمانتر نموني سمهي پوڻ ٺيڪ ٿيندو؟ ۽ اهو به هن جي ليٽي پوڻ کان پوءِ!

مان ويٺي ويٺي ئي پاسا ورائڻ لڳس.

ڇا سچ هوءَ چهرا پڙهي سگهندي آهي ۽ هاڻ به هن چهرو پڙهي ئي ائين ڪيو هوندو. من - ودیا ۾ فيس - ريڊنگ جي مون کي ايتري خبر نہ آهي. لڳي ٿو هن جي سامهون پوڻ کان بچڻ گهرجي. شايد بوريولي اچڻ واري آهي. ڇو نہ بوريولي لهي هن کان جند ڇڏائجي. پر بہ آخر هوءَ ڇا ڪندي؟ ايتري ۾ هن اُٿندي چيو ”بوريولي لهڻ ٺيڪ ٿيندو. توهان جو ڇا خيال آهي؟“

مون کان وري بہ ذري گهٽ ڇرڪ نڪري ويو. هاڻي هوءَ پڪ ئي پڪ چهرا پڙهي سگهندي هوندي. مون کان رهيو نہ ٿيو. همٿ ڪري مون هنکان پڇيو ”توهان .... ڇا ڪندا آهيو؟“ سوال ٻڌي ٿورو ڇڱو مشڪي. هوءَ اُٿي هيٺ نوڙي منهنجي سامهون پنهنجو سامان ناهڻ لاءِ ڪجھہ وقت جهڪيل رهي. مون کي لڳو مون لاءِ هن طرف سڌو نهارڻ ۽ نہ نهارڻ ٻئي ڳالهيون ڏکيون هيون. پوءِ ويهي هن چيو- ”مان انٽرٽئنر آهيان. گهرجائو مردن کي سافٽ ڪمپني ڏيڻ منهنجو پيشو آهي.“ بلائوز جي اندرئين پاڪيٽ مان گلابي ڪارڊ بہ ڪڍي ڏنائين، جنهن ۾ هڪ عورت جو سڪيچ ۽ فون نمبر ڇپيل هو.

(ڪونج-١٩٩٧)

# اِنعام

اَچانڪ اک کلڻ تي، هن کي لڳو، رات ڪافي گذري چڪي آهي. هن کي سمهڻ کان پوءِ ترت ننڊ اچي وئي هئي ۽ هڪ ڀرپور ننڊ کان پوءِ هن کي فرحت محسوس ٿي. هن اُٿي باٿ روم ۾ وڃي هلڪو ٿيڻ چاهيو. ٽائيم گهڻو ٿيو آهي- هن سوچي ٽائيم جو انداز لڳايو. پر ۾ لاهي رکيل گهڙي ڳولهي. معمولي ڳولها ۾ ۽ بيحد ڊيمي پرڪاش ۾ گهڙي نظر نه اَچڻ تي هن کي محسوس ٿيڻ لڳو شايد چار ٿيا هوندا. هن کي اجا ڪلاڪ ڪن تہ ضرور سمهي رهڻ گهرجي. هن اُٿي گهڙيال ۾ ٽائيم ڏسڻ چاهيو. اُٿي در کولي هو ڊرائنگ روم ۾ آيو. هن ٽائيم ڏسڻ لاءِ بنا بتي ٻارڻ جي نظر وڌي. اڙي هيءُ گهڙيال تہ بند آهي. اهو هونءَ بہ روز روز بند ٿي ويندو آهي. ڏسڻ ۾ سهڻو ۽ ڪلر مئچ سبب هن اهو اتي رهڻ ڏنو هو. باقي تہ هن جي مشين ۾ ڪا رنڊڪ آهي ئي. نئون سيل هفتي ڪن ۾ ختم. هن گهڙيال ۾ اجا ڏيڍ ٿيو آهي. پنهنجي ڦڙتيءَ جي حساب سان هن کي لڳو، چار تہ ضرور ٿيا هوندا. واپس اچي هن گهڙي ڳولهي ورتي. پر ٽائيم تہ هت بہ ڏيڍ ئي ٿيو آهي. هن وري سيڪنڊ ڪانٽو ڏسڻ ۽ پڪ ڪرڻ لاءِ ڊرائنگ روم ۾ وڃڻ چاهيو. پر بي خياليءَ سان پاڻ باٿ روم ۾ هليو ويو. اتي هن کي وڌيڪ راحت ٿي. راحت ملڻ تي هن کي ياد آيو- يا هو اهو

سوچي ٿي رهيو هو تہ اهو پنو ڪنهن غلط فائيل ۾ رکجي ويو هوندو. باٿ روم کان نڪرڻ کان اڳ ئي هن فيصلو ڪيو هو- هاڻ ئي سڀ فائيل اٿلائي ڏسندو. هيءُ ئي وقت ان لاءِ بلڪل صحيح آهي. ڪابہ تڪڙ نہ ڪرڻي پوندي. اڄا تہ ڏيڍ ٿيو آهي. هن تہ پنهنجي پهرين خاص ننڊ ڪري ئي ورتي آهي. ٽي ڪلاڪ ننڊ اگر بهتر نموني جي هجي تہ ڪافي آهي. وري ضروري لڳو تہ اَڄ هو آفيس ۾ ڇٽي رکندو. بيءَ طرح هو اهو پنو چالو ڪم ۾ ڳولهي نہ سگهندو ۽ پوءِ هن جو اهو ڪم ائين ئي رهجي ويندو.

انعام لاءِ ڪهاڻي موڪلڻ جو اتساهہ هن کي ڇو ٿيو- ان جو سنهڙو عجب بہ هن جي من ۾ تري رهيو هو. پر هن جي من ۾ الائي ڪٿان هڪ اُڇل آئي تہ ان ۾ هرج ئي ڪهڙو آهي! هو پاڻ کي هڪ سينئر ليکڪ سمجهي ٿو تہ ڇا ٿي پيو. انعام ملڻ تہ ان ۾ هڪ وڏيڪ سڪو لڳڻ وارو آهي ۽ نہ ملڻ ۾ ڪن ٻن ڇئن ليکڪن جي ڌيان تي ئي اها ڳالهہ ڪجهہ ڏينهن رهندي. پر ان پني کان سواءِ اينٽري موڪلڻ بہ ممڪن نہ آهي. وري ٽپال ليٽ پهچڻ سبب هاڻ وقت بہ نہ بچيو آهي. لوڪل ٽپال هفتو ڇو کائي وئي- اهو سوچڻ تي وقت وڃائڻ بدران هن پنهنجي بستري تي اول سڀ فائيل سٽي ڪيا. مڌو هجي ها تہ شڪايت ڪري ها. هن کي اڄ مڌوءَ جي غير حاضريءَ جو پهريون دفعو احساس ٿيو. سو بہ راحت ڀريو. هاڻ هو وڏي بي فڪريءَ سان اينٽري فارم ڳولهي سگهندو- ۽ پوءِ نہ ليجڻ جو تہ ڪو خاص سبب نہ ئي آهي. هرويرو اهڙا ننڍا انعام ڪنهن فلاڻي لاءِ ٺوروئي ’رزرو‘ ڪيل هوندا. هن کي لڳو اول ڇانهہ پيئڻ ٺيڪ ٿيندو. ايترو سويل ڪڇن جو در کولڻ ۾ کيس ٿوري دقت نظر آئي. رنڌڻي جو دروازو کلڻ تي، ڇڳي وڏي چيڪاٽ ڪندو آهي ۽ خاص ڪري اڌ رات جو. ۽ گهر ۾ سمهيل هن جي ٻڍي ماءُ کي جاڳڻ ۾ دير ئي نہ پوندي. پر پوءِ هن کي لڳو پاڻي پيئڻ لاءِ اڪثر ڪو نہ ڪو، ڪڏهن ائين

ڪندو ٿي آهي. اها ڪا ايڏي وڏي ڳالھ نہ آهي. ۽ وري ماءُ جي جاڳڻ جي ڪيس ايتري چنتا نہ آهي. هوءَ ڪجھ چوندي بہ تہ اُهو اَجگتو نہ لڳندو. پتنيءَ جي ڳالھ ٻي آهي.

چانھ ٺاهڻ وقت هن کي ويچار آهي - اهڙي سُٺي شانت ايڪانت ۽ تذڪار جي وقت هيءُ اينٽري فارم ڀولهڻ جو معمولي ڪم ڪرڻ بجاءِ ڪو خاص ڪم ڪرڻ گهرجي. اينٽري فارم نہ لڌو تہ بہ ڪهڙي وڏي ڳالھ آهي. انعام طرف هونءَ بہ هوُ ڪافي اُداس ٿي رهندو آهي. هنکي ڪڏهن ڪنهن جي بہ انعام خوش نہ ڪيو آهي. شايد پنهنجي بہ نہ. پر پاڻ کي انعام مليا ٿي ڪهڙا آهن. چانھ اُپامڻ جي ڊپ کان هن گئس جهڪي ڪري ڇڏي. هن کي مليل انعام کو خاص اهميت وارا تہ نہ آهن. ها اهي هن کي ڪنهن ڇٽاپيٽيءَ ڪري نہ پر پاڻ مرادو مليا آهن. شايد ان ڪري اهي انعام گهر سڪول ڪاليج اوڙي پاڙي وارن جي قدرشناسيءَ کان وڌيڪ اَهم نہ آهن. سچ تہ اهي انعام نہ پر هڪ قسم جي سوغات ٿي هئا. ڪنهن ڪامپيٽيشن جو انعام هڪ الڳ ۽ ڇٽي اهميت رکي ٿو. چانھ پائي هو پلنگ تي ويهي رهيو. هو فقط کهاٽيون لکي ڇاڏي. پل اهي سمپادڪ پائڪ ليڪڪ پسند ڪندا هوندا پر اگر هو ٻين ڳالهين ۾ بہ چست هجي ها تہ هن کي جج مقرر ڪيو وڃي ها. انعام رکندڙ سنستا وارن خود هن کي ان ۾ شامل ٿيڻ جو زور بہ ڀريو هو. پر هن چيو هو اهو منهنجي ڏانو جو ڪم نہ آهي. چانھ پي هو فائيل اُٿلائڻ لڳو. هڪ هڪ فائيل ۾ مٽاڇرو ڪاڳر ڏسندي هو فائيل ٻئي پاسي رکندو ويو. هن کي ڪجھ ياد اَچي رهيو هو. منجهند جو هن جڏهن اهو لفافو کوليو ۽ انعام جا شرط پڙهڻ لڳو تہ هن کي ڪوئي فون آيو. پاڙي وارن کي فون تي گهرائڻ جي چڪر ۾ هو پورو پڙهي نہ سگهيو ۽ پوءِ ٽي-وي. تي نيوز ۾ ڪنهن ڳالھ ڏيان ڇڪايو هوس ۽ هو اتي سڀ ڪجھ ڀلجي ويو هو. وري تہ ڪيس هاڻ رات سمهڻ وقت ويچار آيو تہ ڇو نہ ان اينٽري فارم کي ڀري

موڪلي. اِن ۾ فقط هن سال جي ڪهاڻين جا نالا ۽ تفصيل ئي موڪلڻا آهن. ڪهاڻي ٽورو ئي لکي موڪلڻي آهي. وري اينٽري فارم موڪلڻ وارن پاڻ ئي تہ موڪليو آهي. اهو بہ چڱو سبب آهي. پر اهو اينٽري فارم ويو ڪيڏانهن؟ ڪنهن بہ فائيل ۾ تہ چو ويو هوندو. گهر جا ٻيا ڀاتي فارم ڪٽي يا ڪتي بہ رکي سگهن ٿا. پر اهي ڪو فائيل ٽورو ئي ڪندا. هو پنهنجو پاڻ ئي پاڻ تي ناراض ٿيو. پوءِ بہ اجا بہ هڪ ٻہ فائيل جٿن ٽٿن ڏسي هن سڀ فائيلون اڳين ئي ٻي ترتيب ڪبٽ ۾ رکي ڇڏيون. پنهنجي ان سنهڙي جهنجهلاهٽ ڪري هن کي اڳين بہ لڳو تہ هيءَ وري انعام جي سنڪ هن کي چو ٿي رهي آهي. انعام سبب ٻين جو ڌيان ڇڪجي ٿو تہ ان سان اسان جي ڪلاڪار جو قد وڌي ٿو- اهو مڃڻ تہ ذهني دقيانوسي ئي آهي. ڪبيرداس کي ڪهڙا انعام مليا هئا؟ شايد پنهنجن ششن جي آتميتا ئي ان وقت اهو ڪم ڪندي هوندي. پر انعام سان سچ تہ فائدو گهٽ، نقصان ئي وڏيڪ آهي. هن کي ان طرح جي آتم ڪوج جو هڪ خاص ڏانو آهي ۽ هن جا ڪي دوست هن جي ان ڏانوَ تي ٽپرس ڪائيندا آهن. هن کي محسوس ٿيو تہ انعام سان جا خوشي ملندي آهي- اهو آخر ۾ هڪ ڀرم ثابت ٿيندو آهي. اول تہ ان جو نوٽيس اهي وٺندا آهن جيڪي ويجهڙائيءَ سان سڃاڻندا آهن. ٻين کي تہ ڪو بہ فرق نہ پوندو آهي. ساڻ شامل ٻيا حصو وٺندڙ ئي اَهڙا شخص هوندا آهن، جن جي وچ ۾ اسان پنهنجو قد وڌڻ تي ڪجهہ فخر محسوس ڪرڻ چاهيندا آهيون پر اهي تہ اسان اڳيان هارائي اسان طرف ’سخت‘ ٿي چڪا هوندا آهن، جيڪي جج ٻين کي پسند ڪندا هوندا اهي وڏيڪ سخت ٿيا وينا هوندا آهن جيڪي تمام ويجها ليکڪ هوندا آهن ۽ پنهنجي سمانتر درجي جا هوندا آهن، اُهي اندر ۾ اسان جي خوشيءَ کي پنهنجي قدرتي هار مڃي اول ئي ناراض هوندا آهن. جن کي ڪو بہ فرق ڪونہ ٿو پوي، اُنهن وٽ ان جو ڪو خاص قدر بہ نہ هوندو آهي. وري انعام ڪان پوءِ اسان هڪ بار هيٺ

لاءِ ايترو اُڀرو ٿي رهيو هو.

هن کي هاڻ اينٽري فارم ڳولهڻو نہ آهي. پرڻو نہ آهي. فارم هاڻ ليجي تہ بہ پرڻو نہ آهي. اچانڪ هن کي ياد آيو، ڪلهہ هن اهو لفافو ٽي.وي. ۽ وڊيو جي شوڪيس مٿان رکيو هو. ٽي.وي. تي ڪنهن ڀاشا جي ساهتيڪ انعام جي سماچار جو پرلاءُ ڪن تي پوڻ تي هو ٽي.ويءَ پرسان آيو هو ۽ انعام وٺندڙ ليکڪ جي شڪل مان نراس ٿي هن ان لفافي مان اُتساهہ وڃائي اهو اتي ئي رکي ڇڏيو هو. هن پوءِ ترت گهيرٽ محسوس ڪيو.

(رچنا-١٩٩٩)

# فور ويلر

جڏهن هو ٻئي ڪنهن ڏنڌي روزگار ۾ من لڳائي نہ سگهيو، هن گهرو چاڪري ڪرڻ ۾ ئي پنهنجو ڀلو سمجهيو. هن جو ڪلمُک سُياوُ ئي سيٺ اگروال کي ايترو ڀانءِ پئجي ويو هو جو هو هن ڪانسواءِ اڪيلو منجهي ويندو آهي، ڇڻ هنجو ساڄو هٿ آهي. رامون هيءُ ڪندين؟ رامون 'هو' ڪندين؟ رامون ڪلهہ وارو ڪارو ڪوٽ سٺو پيو لڳي يا اڄ وارو ڊارڪ گري؟ رامون اڄ ڪار سٽارٽ ڪرڻ وقت آواز ڪجهہ ٻئي قسم جو ڪونہ پيو لڳي؟ ۽ رامونءَ وٽ هنجي ڪنهن بہ سوال جو ڪوبہ جواب نہ هوندو هو. صاحب ڪوٽ تہ ٻئي سٺا ٿا لڳن. صاحب ڪار جو آواز شايد ٿورو ڦريل تہ لڳي ٿو. پوءِ بہ سيٺ اگروال ڪان رهيو نہ ويندو هو. هن کي سوال جي روپ ۾ ڪم چوڻ جي عادت هئي. رامون هاڻ چانهہ ٺاهيندين؟ رامونءَ کي خبر آهي. اهو چانهہ ٺاهڻ جو پريم سان ڪيل آرڊر آهي. رامون بہ سيٺ صاحب جي ان وهنوار تي مفتون هو تہ سيٺ صاحب رامونءَ جي اڌ چوڻ تي سڄو ڪم بهتر نموني ڪري اچڻ تي خوش هو. ٻنهي جو سياءُ ملندڙ هو. اگروال پنهنجو گهرٻار دور ڇڏي ڪاروبار لاءِ هن ننڍي شهر جي هن ننڍي پر شاندار بنگلي کي وسايو هو ۽ کيس اڪيلائپ ۾ رامون ئي ويجهو ساٿي هو. منجهند جي ماني کائي پوءِ ئي هو پنهنجي ڪار ۾ رامون کي چاڙهي

يارڊ ۾ ويندو هو ۽ رات جو ڪيس موٽائي وٺي ايندو هو. رسوئي هڪ هوٽل مان ٻه دفعا ايندي هئي. گهر جو ٻيو سڄو ڪم هڪ پاڙيواري عورت سنڀاليندي هئي. پوءِ به باقي سڄو وقت ننڍي وڏي ڪم ۾ هٿ وٺائڻ لاءِ هن کي رامونءَ کان سواءِ چين نه پوندو هو. رات جو هو رامونءَ کي ٿورو پرتي هن جي گهر لاءِ ڊراپ ڪري ايندو هو ۽ صبح جو سيٺ اگروال جي اٿڻ کان اڳ هو چانهه ناهي هن جو انتظار ڪندو هو.

رامونءَ کي به اهو جيون پاڻ پئجي ويو هو. ٻيو رستو به ڪيس نه سُجهي رهيو هو. هن گهٽائي ننڍا وڏا ڪم ڪري ڏنا ۽ پنهنجا حيلا هلايا. اناءِ هو ٻه سال اڳ سيٺ اگروال کي اَڪيلو به ڇڏي ويو. پر ڪجهه خاص فرق نه پيو. اُس ۾ سڙڻ کان هن وري هٿ ’چاڪري‘ ڪرڻ ئي بهتر سمجهو. اگروال ته هنجو انتظار ڪرڻ پلائي وينو هو. پر هنجي اَچڻ تي ڪيس ائين لڳو ته هو چڻ هن لاءِ ترسيو وينو هو. البت وڃڻ وقت هن رامونءَ کي خاص منع نه ڪئي. هن پاڻ چاهيو ته هو رامونءَ کي وڏيڪ سکيو ڪرڻ ۾ ان طرح رڪاوٽ نه وجهي ته بهتر. رامونءَ جي پتني پاپڙ، وڙيون، ڪيچا ڪرڻ ۾ هوشيار هئي ۽ اهو سڀ بزار ۾ وڪڻڻ جو ڪم هن تي هو. پر هن کان گراهڪن سان وهنوار ۾ حساب سنڀاليو نه پئي ويو ۽ ائين ان ڌنڌي کي هن ڪيترا نوان روپ ڏيڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي. هن جي ڪم ۾ نائون درجو فيل تيل پٽ به هاڻ مدد ڪرڻ لڳو هو. پر رامونءَ کي اهو به ڏانو نه آيو ۽ نيٺ هن اگروال وٽ ئي اَچي ساهه پٽيو. اگروال دليو بي دليو هن کان ڪڏهن ڪڏهن گهر جي حالت لاءِ پڇي وٺندو هو پر نه نيڪ طرح ڪڏهن رامونءَ ڪجهه ٻڌايو پئي نه ئي اگروال اهو ٻڌڻ ۽ ياد ڪرڻ جي خاص درڪار سمجهي. ائين ته يارڊ ۾ هن وٽ ست اٺ ماڻهو رکيل هئا جي سڀ سدائين پنهنجا دک درد ٻڌائيندا هئا ۽ وڌيڪ پگهار لاءِ پيا ٻاڏائيندا هئا. پر رامون وري ان معاملي ۾ بلڪل شانت هوندو هو. هو پگهار جا پئسا بنا ڳڻڻ جي پنهنجي پتنيءَ کي اَچي ڏيندو هو . ۽ هوءَ

ڪيس ان مان ڪجهہ نوٽ موٽائي ڏيندي هئي. رامونءَ کي سال ۾ ٻہ دفعا ڪپڙا ۽ ڪن وقتن تي ڪي پيا فائدا ملندا رهندا هئا. اگروال جي نظر ۾ سمجهہ تکي هوندي هئي. هن کي خبر هئي تہ رامونءَ کي اها بلڪل خبر نہ آهي تہ هن کي اڳ پگهار ڇا ملندي هئي ۽ هاڻ ڇا ملندي آهي. ائين رامون الهڙ يا ڀالو ڀولو تہ نہ هو. پر ڪجهہ آتم سنتوشي ۽ ڪجهہ پنهنجين مريادائن طرف سڄاڳ. ان ڪري هو ڪڏهن ڪو بہ لوڀ نہ ڪندو هو. رامونءَ جي ان سڀاوَ ڪري اگروال هن تي وڏو وشواس بہ ڪندو هو.

تنهن ڏينهن اچانڪ يارڊ ۾ تي ڏينهن هڙتال شروع ٿي. سيٺ اگروال هڪدم پنهنجي وڏي گهر وڃڻ جي تياري ڪئي. موٽڻ ۾ بہ ڏينهن وڌيڪ لڳندا ان ڪري هو پنهنجو گهر بند ڪري چاٻي هن کي ڏيئي ويو. رامون ڪيس هوائي جهاز تي چڙهڻ بہ ويو. موٽڻ تي رامونءَ ڪيس ٻڌايو تہ سيٺ جو دوست هن وٽ چاٻي وٺڻ آيو پر هن ڪيس چاٻي ڪانہ ڏني. پهريون دفعو هنڪي رامونءَ تي ناراضگي ٿي. ڇو تہ سيٺ جو دوست هونءَ بہ ڪيترا دفعا هن وٽ اچي رهندو ڪندو هو. رامونءَ هٻڪندي چيو تہ مون شايد اهو سٺو نہ ڪيو. پر جڏهن توهان تڪڙ ۾ گهر بند ڪري چاٻي مون کي ڏني هئي تڏهن گهر ۾ ڪٻاٽ اندر تجوڙي توهان بند ئي نہ ڪئي هئي ان ۾ جام بنڊل نوٽن جا نظر آيا هئا. ان ڪري مون گهر کولڻ ٺيڪ نہ سمجهيو. اگروال کي دل ۾ هونءَ ئي ٿورو ڌڪ هو تہ شايد هن تڪڙ ۾ ڪٻاٽ برابر بند نہ ڪيو هو ۽ ائين ٿيو هو. ڪٻاٽ تہ ٻاهران برابر بند هو. پر اندر تجوڙي بلڪل کليل رهجي وئي هئي.

اگروال رامونءَ کي ڪجهہ بہ نہ چيو نہ ڪا شاباس ڏني ۽ نہ ئي ڪو ڏوراپو. دستور موجب هن رامونءَ کي سندس ڪم ڇوڙ شروع ڪيا. رامون توکي نئين ڪار ڪئن لڳي؟ رامون هاڻ پراڻي ڪار وڪڻي آهي. هن ٿورو مذاق بہ ڪيو رامون اها ڪار تون وٺندين؟ جيتري ۾ چوين. منظور آهي. سيٺ اگروال پنهنجي وڏي گهر آيل نئين ڪار کڻي آيو هو. رامون ڇا

جواب ڏئي. ها اها ڪار مان مفت ۾ ونندس ۽ پوءِ توهان کي ڏيئي ڇڏيندس. پر اول مان نئين ڪار ۾ اگربتي ڪري وٺان.

سيٺ اگروال کي رامونءَ لاءِ دل ۾ جڳهه وڏي ويئي هئي. هينئر هنجي فئملي هن گهر ۾ اچي رهڻ واري آهي. هن جي ڪٽنب ۾ هڪ وڏي ڌيءَ ۽ هڪ ننڍو پٽ ۽ هن جي ٻڍي ماءُ اول ايندا. هنجي پتني ڪجهه ڏينهن پوءِ ايندي. هاڻ رامون هن گهر ۾ وڏيڪ ڪارائتو ٿيندو. پر هن کي دل ۾ ٿيو تہ هن جي گهر وارن جي دل ڇاٽڻ گهرجي. هو هڪ ڏينهن رامونءَ کي گهر ۾ ڪم سونپي اڪيلو رامونءَ جي گهر ويو. رامونءَ جي پتني ٻري ٻڌي پاپڙ ڪيچا وڪڻڻ وئي هئي. هن جي جوان لڱندڙ پٽ سيٺ اگروال کي ٻاهران ٿڌي بوتل آڻي ڏني. گهڻي پڇڻ تي رامونءَ جي پٽ ڪيس ٻڌايو تہ هو هن وقت ڇئن ڦيٽن واري لاري وٺڻ لاءِ پئسا گڏ ڪري رهيا آهن. جئن هو ماءُ جو بوجهو هلڪو ڪرڻ لاءِ پاڻ ان لاريءَ جي مدد سان ماءُ جو ڏانيل ڪاروبار سنڀالي سگهي. اگروال کي ائين بہ لڳو تہ هو رامونءَ جي پگهار مان تہ خوش آهن پر چاڪريءَ جي ڪمن مان نہ. ڇو جو ان سان هن گهر جي 'آسودگيءَ' جو پرڀاؤ ڪڏهن بہ اچي ڪونہ سگهندو. رامونءَ جو پٽ ڇڱو سمجهدار نڪتو. اگروال هن کي يارڊ ۾ ڪوئي ڪم ڪرڻ لاءِ بہ پڇي ڏنو. پر هن کي نظر آيو تہ هو ڇئن ڦيٽن جي لاريءَ ۾ وڏيون اُميدون رکي ويٺا آهن.

گهر اچي سيٺ اگروال رامونءَ کي ڪجهہ ڪونہ ٻڌايو. ٻئي ڏينهن بہ رامونءَ جي ڪجهہ چوڻ جو اِنتظار ڪيو پر رامونءَ ڪجهہ بہ نہ چيو. هن کي رامونءَ جي ڪٽنب لاءِ بہ من ۾ عزت وڌي. آرتوار ڏينهن رامون روز جيان صبح جو آيو. اگروال پڇيو ''رامون مون سوچيو آهي يارڊ جي سيني ماڻهن لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ وٺي ڪين سوکڙي ڏجي. تون ٻڌاءِ. تنهنجي لاءِ ڇا وٺجي؟''

''جيڪا توهان جي مرضي'' هن جو جواب اهڙو ئي هوندو. اگروال

ڪي خبر هئي. ”رامون مون تنهنجي لاءِ فور ويلر گهرايو آهي.“

”اهو ته مون کي مهانگو پوندو. ان جو مان ڇا ڪندس.“ هن وري چيو ”توهان ئي ته چوندا آهيو. پيٽرول ڪير کان مهانگو آهي.“ ان تي اگروال هن کي ڪوبه جواب نه ڏنو. هو يارڊ تي روانا ٿي ويا . شام جو موٽڻ تي اگروال رامونءَ کي چيو ”هيءُ وٺ. هيءُ لفافو تنهنجي گهر ڏج. هن ۾ تنهنجي نوڪريءَ جو رهيل حساب آهي. تون سياڻي کان پنهنجو ڪوبه ڪاروبار ڪج. ڪجهه مدد کپيئي ته ضرور اچج. پر ان کانسواءِ نه اچج. مون کي هاڻ توکان سواءِ جيئڻو آهي. توسان رهي مان چڻ اَپاهج بڻجي ٿو وڃان. دل ۾ نه ڪج.“

پنهنجي سياوَ موجب رامون چپ چاپ گهر پهتو. البت اڄ هنجا قدم ڏيما هئا. گهر جي ٻاهران هن کي چئن ڦيٿن واري نئين مضبوط لاري ملي. هن کي ياد آيو ”رامون ، مون تنهنجي لاءِ فور ويلر گهرايو آهي.“ هاڻ هن کي هيءُ فور ويلر ڏسي اهو جملو سمجهه ۾ آيو. گهر وارا به ان ’فور ويلر‘ تي اگربتي ٻاري رکي ويا هئا. رامونءَ ڏٺو هنجي پتني ۽ پٽ ٻئي خوش هئا. هونءَ اها چيز ڪا ايتري قيمتي ته نه هئي. پر گهر جي اُٿڻ وهڻ ۾ پئسا اڪثر خرچ ٿي ويندا هئا ۽ ٻن ٽن مهنن کان هو ان لاءِ آسائتا هئا.... اڄ هنن کي اکين ۾ نوان سپنا نظر اَچي رهيا هئا.

سويل صبح جو رامونءَ کان رهيو نه ٿيو. هو سيٺ جي گهر ڏيمي آهٽ سان پهتو. پر گهر ٻاهران تالو ڏسي منجهي چپ چاپ واپس گهر اچي وينو. سيٺ اگروال دريءَ مان ’رامونءَ‘ جو واپس وڃڻ ڏسي ورتو ۽ هڪ دٻيل مسڪراهٽ سان ڪجهه درد به محسوس ڪيو.

(سپون - ٢٠٠٠)

# وِرَڪتي

اَنوراڳ.

هڪ شخص جو هميشه پنهنجو پاڻ ۾ ٻڌل رهندو آهي.

تهڪ ڏيڻ بجاءِ فقط کلندو آهي. کلڻ بجاءِ فقط مشڪندو آهي. مشڪڻ بجاءِ فقط ڪجهہ دوردرشتيءَ واري نظر ملائيندو آهي. ڪنهن سان ڪلاڪ گفتگو ڪرڻ بعد اگر اَنوراڳ کان پڇجي تہ هن کهڙا ڪپڙا پاتا هئا، هو مشڪل چئي سگهندو. چاهي هن جي آبزرويشن جو گهڻو قدر بہ ٿيندو آهي. پر عام طور هو من سان اڪيلو نظر ايندو. اهڙين پرهيز کان پري رهندي بہ ڪنهن خاص آسڪتيءَ سان جڙيل بہ نہ آهي.

پوءِ بہ هن کي گوتم ٻڌ ۽ رجنيش ۾ هلڪي دلچسپي آهي. هلڪي ان ڪري جو چاهيندي بہ اَنوراڳ اڄ کان اڳ اوشو ڪميونہ، پوني ۾ نہ آيو هو، پر اَڄ اَچڻ کان پوءِ هن محسوس ڪيو تہ هن کي هت گهڻو اڳ اچڻ کپندو هو. هت اَچي هن چارئي پاسا دور دور تائين نظر ڊوڙائي. هن کان هلڪي ’واہ‘ نڪري وئي. هن کي پڙهيل هڪ جملو ياد آيو.

A poet looks on the world
Like a man on women!

۽ هت هن کي چارئي پاسا گهمندڙ ٽهڪ ڏيندڙ ديشي وديشي جوان

جوانڙيون ڏسي هڪ نرالي دنيا جو احساس ٿيو.

A poet looks on women!

اوشو ڪميونء.

دنيا جو وڏي ۾ وڏو ميڊيٽيشن سينٽر.

پنهنجو پاڻ ۾ هڪ ننڍڙي نرالي دنيا.

رومينٽڪ. ڪليل. مڪت. بولڊ. ڪلنڊڙ. شانت. ٿڌي. رنگين. ننڍڙي دنيا هڪ الڳ ننڍو ٽاپو شهر. ٿوري دير هو پلجي ئي ويو ته هو هت ڇو آيو هو. يا هن کي لڳو ته هو ڪنهن اَمير اُسريل ديش ۾ سئر ڪرڻ آيو آهي. هن کي ياد آيو، پهريون دفعو پنهنجي وديش ياترا ۾ پهريون ئي ڏينهن هن قريبن شُمهي گذاري ڇڏيو هو- پر هت هن کي وڌيڪ رونق نظر آئي.

اوشو رجنيش جي ڪاريہ شالا.

هِن، شهر ۽ جهنگل جي گڏيل روپ ۾، ٿوري اَڇ وڇ ڪري گهربل آفيس ڳولهي ورتي. اَنوراگ کي گهڻا دفعا دنيا ۽ دنياداريءَ کان ورڪتي ٿيڻ لڳندي آهي. هن کي محسوس ٿيندو آهي، ڪوئي هنجو نہ آهي. هو ڪنهن جو نہ آهي. ڪوئي ڪنهن جو نہ آهي. جي آهي بہ تہ فقط ڪنهن حد تائين. حد وقت جي. سهوليت جي. ضرورت جي. ويوسٿا جي. سماج جي. يا ڪا بہ. هت بہ هن کان جڏهن پڇيو ويو- ”ڪوئي سڃاڻپ جو ڪارڊ؟“ هن کان ننڍو ڇرڪ نڪري ويو.

- نو.

- ساري.

- اِن - فئڪٽ - نو بَدي نوز مي. آءِ مين- نو بَدي نوز اَئني بَدي.

اَنوراگ سچ پچ بہ ’سڃاتو وڃڻ‘ کان بچڻ چاهيندو آهي. سوامي اوم کان هلڪو ٽهڪ نڪري ويو.

- ريئلي!

- يس سر! در اصل مون لاءِ تہ سڀ کان وڏو مسئلو آهي- مان ڪير

آهيان؟ ۽ اها فقط identity-crisis نہ آهي. سوامي اوم پل پر آسمان طرف نهاريو. اِنٽرويو ۾ وينل ٻہ ٻيا جوان شخص بہ هن ڏانهن ڦهليل اکين سان نهاري رهيا هئا. هو چپ هو. پر تمام هلڪو مشڪي بہ رهيو هو.

سوامي اوم جڏهن پل پر متي نهاري فيصلو ڪري ورتو تہ هن کي اينٽري ڪنسيشن ڏيڻ ۾ خوشي ٿيندي. هو پاڻ ڪجهہ وڏيڪ ڍِرو ڪري ٿو.

هو گول گول گورو چهرو، متو بہ گول ۽ پورو ڪلين شيو. سوامي مَروُن ڪلر جي لنبي سنهي ڪڙتي ۾ اُتي ٻيٺو تہ اَنوراگ هن جي اڳيان ننڍو لڳي رهيو هو.

’او.ڪي. سرا پليز پروسيڊ.‘ هن جو فارم پريو ويو. بلڊ ٽيسٽ بعد ڪَرنسي ڪوُپن ڪٽي هو ٻاهر وڃي رهيو هو تہ هڪ ڪمسن وديشي ڇوڪريءَ هن جو هڪ ڪلوز اَپ فلئش ڪري ورتو. بعد ۾ هن کي خبر پئي تہ هن جي ڪارڊ تي اهو فوٽو لڳايو ويو هو.

هن کي هاڻ جڏهن سچو اوشو ڪميونہ ملي ويو. هن کي ياد آيو- هڪ عرصو ٿي ويو هو. پوءِ بہ هن کي بلڪل ئي ياد هو. آچاريہ رجنيش جي ير ۾ ويهي هن گهٽ ۾ گهٽ ٽي دفعا هُن کي ٻڌو آهي. هڪ دفعو تہ بنا مائيڪ جي. هوُ پهِريان رجنيش يا اوشو رجنيش تہ گهڻو پوءِ ٿيو. پهرين هن کي اوشو سان ائين گهڻو لڳاءُ بہ نہ ٿي سگهيو هو، ڇو جو هن کي اوشو لاءِ الائي ڪئن ڪي شڪايتون بہ من ۾ پيدا ٿينديون رهنديون هيون. پر اَنوراگ کي هن وقت اوشو لاءِ وڏي شڪايت فقط اها رهجي وئي هئي تہ هن جو مرتيو اينترو ساڌارڻ نموني نہ ٿيڻ کپندو هو ۽ نہ ئي اينترو جلد ۽ ها، نہ ئي هن جي اِڇا کان سواءِ. هن چاهيو هو تہ اوشو جو مرتيو تہ هڪ قيامت ٿيڻ گهربي هئي!

اَنوراگ تُرت ئي پنهنجو پاڻ کي من ۾ سڌاريو. ائين تہ هر اِنسان جو مرتيو هڪ قيامت ئي تہ هوندي آهي!

وري اَنوراگ اَچانڪ اُداس ٿي ويو. گوتم ٻڌ جا چارئي ڏک جا اَنيو

هن کي اڪثر روز ٿيندا هئا- ڪلپنا ۾، ۽ هو ائين پنهنجو پاڻ ۾ ٻڏي ويندو هو. پنهنجن ئي پاليل پر من ۾ هو اٽڪي به پوندو هو. ’اَهميت نظر جي نہ، نظريي جي آهي.‘ هن جي ورڪتي پرش پرڪرتيءَ کان وڌيڪ من جي ورڪتي هئي. اِستريءَ طرف آسڪتيءَ کان بچڻ تہ هن ڪڏهن چاهيو بہ نہ هو- پر موهہ تائين نہ پهتو هو.

دنيا جهڙي بہ آهي، انوراڳ کي قبول هئي. جئن بہ آهي. هڪ ’رئندم - اَنوُپوُتي‘ کان سواءِ اَسان کي ڪو وجهہ نہ آهي. اِها بس ائين هئڻ لاءِ آهي. جيون هن ڌرتيءَ تي هڪ پڪنڪ آهي. ماڻڻ جوڳي.

جيڪي ديش، شهر، ڪٽنب، ڌرم، ٻولي ۽ خاص ڪري پنهنجيون ويجهيون سماجڪ اِستتيون مليون آهن، ريل ۾ تڪڙ ۾ چڙهي وڃڻ کان پوءِ ’ڪمپارٽمينٽ‘ جي ملڻ جيان- هن کي قبول آهن. اِهي محض ساڌن آهن.

ائين ننڍا وڏا بورڊ پڙهندي سڀ کان اڳ هن اوشو- سماڌيءَ ڏانهن رُخ رکيو. ٿورو هلڻ کان پوءِ هن کي بہ ٽي موڙ ونڻا هئا ۽ هڪ چپيل تيرَ هن کي سڌ ڪري بيهاري ڇڏيو. گيٽ جي ٻاهران هو بلڪل رڪجي ويو. چپ چاپ. شانت. هڪ ٻي سماڌيءَ جيان.

هن اوشو کي جيترو ڏٺو هو، ان کان ٿورو وڌيڪ پڙهيو هو. ان کان وڌيڪ هن کيس ٻڌو هو. اوشو جو سڀ کان اهم پرڀاءُ ئي هن جي آواز ۾، شبدن ۾ ۽ اَرٿن جي باريڪين ۾ سمايل آهي. ۽ هت سماڌيءَ اڳيان هن کي ڪنهن روڪي رکيو آهي؟

اندر وڃڻ جو وقت ۽ ٻيا نيم ڪيس اندر وڃڻ کان روڪين ان کان اڳ هن کي هڪ احساس روڪي رکيو آهي. اڄ اوشو چپ آهي. اڪيلو آهي. هيڏو وڏو وڳيان جي زماني جو مهاتما- جيڪو ٻين جنمن بابت ۽ مرتيوءَ جي هُن پار جون هزارين ڳالهيون چئي ويو آهي. دنيا جو وڏي ۾ وڏو اورل لٽريچر، جو اڄ رڪارڊيڊ آهي!

چا مرتيو اِنسان جي وڏي ۾ وڏي هار نہ آهي؟
هار ڪنهن جي اَڳيان؟ ڪنهن کان؟
پنهنجو پاڻ کان!

هن کي اوشو جي وياکيان جي طرز تي ترڪ سچجي رهيا هئا! اوشو تي سڀ کان وڌيڪ اَثر گوتم ٻڌ جو هو، ائين انوراگ کي لڳندو آهي. اهو هڪ وڌيڪ سبب آهي، هو اوشو جي نظريي کي ريتي نہ سگهندو آهي. چاهي هو ڪنهن بہ نظريي طرف ڪڏهن بہ Dedicate نہ ٿي سگهيو آهي، پوريءَ طرح. گوتم طرف بہ نہ! چار واڪ طرف بہ نہ! نہ ئي ڪبير طرف. جو هن لاءِ سڀ کان وڌيڪ عزيز آهي!

ڪيترائي منٽ فريز ٿي ويل اَنوراگ چُرپُر ۾ اَچي ٿو. هو آهستي آهستي پنيان وڌي ۽ بنا ڪنهن سوچ جي هڪ طرف مُڙي هلڻ لڳي ٿو. هن جي اُداسي گهِري ٿي وڃي ٿي. هو شمشان ۾ وڃي نہ سگهندو آهي. ڊپ کان نہ. احساس کان. پر هن کي اهو بہ ياد آيو- اَورنگزيب جي سماڌي ڏسڻ لاءِ هو اَحمدنگر ۾ هڪ ڏينهن رهي پيو هو. پر هت هن جو ساهس ئي نہ ٿي رهيو هو، اوشو جي سماڌيءَ جي پرسان وڃڻ لاءِ. هو اوشو کي اهڙي 'پراجت' حالت ۾ ڏسي نہ سگهندو. تصوير ۾ ئي سهين! هن اوشو جا وڏا وڏا ٽهڪ بہ ٻڌا آهن. جوڪس بہ ٻڌا آهن. هن کي ياد آيو، 'سنڌي ستسنگ' جي هڪ آڊيو ڪئسيٽ ۾ حڪيم ويرومل 'آريہ-پريمي'ءَ جي سلسلي ۾ ۽ هڪ ويڊيو ڪئسيٽ ۾ دنيا جي سنڌين جي عقل جي سلسلي ۾ هن جي کيل چرچن ۾ هن خوب کليو ۽ کلايو آهي! پر....

پر اَڄ اوشو چپ آهي. اڄ کان اٽڪل ڏهہ سال اَڳ پنهنجي مرتيو کي هن اُتسو چيو هو- پوءِ بہ هن کي اُهو سڀ ڍُرگم لڳي رهيو هو.

اَنوراگ بي سُڌ هلندو رهيو. پڪا سوڙها سُنسان رستا! لاهہ. چاڙهي. وکڙ. ۽ هوُ ڪٿي پهتو اَچي. ڪو مڪان آهي. اندر ڪا آفيس هوندي. آس پاس ٿورا ماڻهو ايندا ويندا نظر اَچن ٿا. هن کي هت هڪ دلچسپ نظارو

ٻه پلئه پوي ٿو. رستي ويندي هڪ هندستاني لڳندڙ جوان هڪ وديشي گوري ميڊم کي هاءِ- هلو ڪرڻ کان پوءِ پاڪر پائي ٿو. هو ٻئي ان پوزيشن ۾ لڳاتار ويهه منٽ بيٺا رهيا. ماڻهن جي اچ وڃ بدستور جاري هئي!

ويهه منٽ! ٻه جسم- هڪ پرتيڪ جو آڀاس!

اَنوراڳ ان وچ ۾ اٽڪل ويهه دفعا واچ ڏني.

هيءَ ٻه هڪ سماڌي! جا ڪنهن هٺ يوڳ کان گهٽ نه هئي. هن پڪو اِرادو ڪري هنن جي طويل رايل سُپر پاڪر جو جائزو ورتو. ايترو وقت هو ٻه جڻ يوڳ جي ڪنهن ’ڪڙا آسن‘ ۾ اَچي ويو. ڪو وقت هو سوچ جي ٽيڪي سان اَڪيلو بيٺو رهيو. اهو نظارو هن لاءِ هونءَ ڪو نئون نه هو. يونيورسٽي ڪئمپس ۾ ٻه هن هڪ دفعو اهڙو نظارو ڏٺو هو. ڪليل ميدان ۾ - البت لهندڙ شام جو، پر اهو اٽڪل ويهن سيڪنڊن جو پاڪر هو. هن کي اَڄ هت لڳو، جڻ هيءَ ٻه هڪ شاهي يونيورسٽي- ڪئمپس آهي. چارئي پاسا گهمندڙ سڀ شاگرد آهن. ڪنهن وقت هت هڪ ئي پروفيسر هو. سڄي دنيا هن جو ڪلاس هو. سڄي دنيا هن جو وشيه هو. اَڄ اُهو ملٽي- ورسٽيءَ جو نئون روپ آهي.

هن کي ياد آيو، اوشو هونءَ ٻه اڏياپڪ برادريءَ مان آيو هو. پوءِ ’سنيوڳ کان سماڌي‘ءَ تائين سوچ جو دائرو پيش ڪري هو راتو رات وائيٽ ڪالر سوسائٽيءَ ۾ ’ڏنو‘ ٿي ويو پر گانڌيءَ لاءِ هن جي نرالي رائزنيءَ هن کي مشهور ڪري ڇڏيو هو. بعد ۾ هو ’جينيس‘ ٿيندو ويو ۽ هو پارٽ کان ٻاهر ٻه مقبول ٿيڻ لڳو. اوشو پنهنجي وقت جو اِنساني قطب‌منار هو.

اوشو ڪميونه ۾ هن کي هڪ انوکو سکون ملي رهيو هو، پر هن کي ڪجهه کٽڪي ٻه رهيو هو. اهو ڇا هو، اجا هن جي پڪڙ ۾ نه پئي آيو. هن کي اجان ’ٻڌا هال‘ وڃڻ ۾ چڱو وقت پيو هو. هڪ ننڍي پر ماڊرن ريسٽارينٽ کي ڏسندي ئي هن کي ٻک ۽ اُڃ ياد آئي. اول ته هو طيءَ ڪري نه سگهيو ته هن کي ٿڌ محسوس ٿي رهي آهي يا گرمي! شايد ٻئي.

ڪَرنسي ڪوپن ڪيڏي هن ڪيڪ ۽ ڪافي ورتي. رائونڊ ٽيبل چوڏاري چار پنج ڪرسيون رکيل هيون. هن وينل ماڻهن مان بهتر ڪمپني چونڊڻ لاءِ هڪ اَڌ گول نظر گهمائي. هڪ جوان لڳندڙ عورت جي پر ۾ ويهي هن هلو ڪئي. هوءَ ڪتاب پڙهندي هن ڏانهن هڪ مشڪ پاس ڪري ٿي. اَنوراگ لاءِ اهو ڪافي هو. پر ٿوري دير بعد اَنوراگ کي لڳو ان عورت لاءِ اهو ڪافي نه هو. هن ڪتاب بند ڪري پنهنجي پرس ۾ لڪايو ۽ اَنوراگ طرف نهاري هلو چئي. اَنوراگ کي سڌ ئي نه پئي ته هو ٻئي ڪڏهن اتان اٿيا ۽ گڏ هلڻ لڳا! هنن کي هڪ اڪيلائپ، هڪ ضرورت، هڪ عمر جي تقاضا، هڪ واتاورڻ جي ڪشش ۽ هڪ وقت جي نزاڪت، گڏ اُٿڻ ۽ گڏ هلڻ لاءِ آماده ڪيو هوندو. ڳالهين هنن ۾ دلچسپي پيدا ڪئي هوندي ۽ هو هلندا رهيا، ڪنهن نه ڪنهن طرف.

هوءَ ٿائي ليڊي هئي. انگريزيءَ ساڻ هن کي ٻڳي ٽٽي هندي به اَچي رهي هئي. هن پوءِ به 'اَنوراگ' جو مطلب سمجهڻ کان مجبوري ڏيکاري. سالن کان بئنگڪاڪ ڇڏي لنڊن ۾ نوڪري ڪندي اڪيلي رهندڙ ۽ گهمندڙ هن عورت کي انگريزن وانگر ڪلها لوڏائي ۽ ٻئي هٿ سڄا ڦهلائي جواب ڏيڻ جي عادت پئجي وئي هئي. اَنوراگ هن جو نالو نه پڇي ثابت پئي ڪرڻ چاهيو ته اَنوراگ هن جو فقط نالو آهي. ڇڱو پوءِ هن کي ڏيان آيو ، بنا پڇڻ جي سڀ کان اَڳ هن پنهنجو نالو ٻڌائڻ سان ئي ته ڏائلاگ شروع ڪيو هو . ''هلو! آءِ ايم جيني''. اَنوراگ هاڻ هن کي نالي سان پڪاري سگهندو. جيني! پر جينيءَ جو ڌيان سامهون ايندڙ هڪ ٿلهي متاري اِستريءَ تي هو، جيڪا پريان کان ئي پنهنجا ٿلها چپ هيٺ مٿي ڪري ٿلها ڏند ڏيکاري ڪجهه چوندي هن طرف وڌي آئي ۽ هن کي هڪ ننڍو پاڪر پائي ديا ڪائي ڇڏي ڏنائين. نه ته جيني هن جي پاڪر ۾ ڇپيائجي سگهي ها. جيني هن سان اٽڪل پنج منٽ ڳالهائيندي رهي ۽ اَنوراگ جي حاضري به پلجي وئي. انوراگ هن کان معافي گهري پرسان

ڏسجندڙ هڪ گارمينٽ شاپ ۾ آچي ٿو. هٽ ٻس پلي ڪيل چيزون ۽ قيمتون ڏسي ٿو. هو ترت ئي جينيءَ کي پلجي وڃي ٿو. هن اتي هڪ ٽائليٽ سوپ، هڪ ڦٽوڻو ۽ ڪجهہ چاڪليٽ خريد ڪيا. هن جي نظر ڪئش ڪائونٽر تي رکيل هڪ پلاسٽڪ باڪس تي پئي، جنهن ۾ ’ڪونڊوم‘ رکيل هئا. هو سوچڻ لڳو اهي هن ڪائونٽر تي ڇو رکيا هونداڻون. پر هن ڪائونٽر تي ويٺل سيلس گرل کان اهو ڪونہ پڇيو.

هيٺ لهي وري هن هيڏانهن هوڏانهن نهاري هڪ طرف هلڻ شروع ڪيو. هن کي ڪيترائي ماڻهو پاڻ جيان اڪيلا ۽ ڇڏا گهمندڙ ڦرندڙ نظر آچڻ لڳا. رستا لنبا. ڪليل ميدان. وڏا وڏا وڻ ۽ باغيچا. ننڍا ننڍا سهڻا گل ۽ ٻوٽا. ساوڪ ڦهليل. پر ماڻهو تمام ڇڏا. ڪٿي ڪٿي لنبا رستا ايترا خالي جو دور تائين ڪو بہ ماڻهو نظر نہ اچي. پاڻ کي هو آڪيلو پائي ٿو. هي پارت آهي يا پارت ۾ آميريڪا. پر ڪٿي هن کي ماڻهن جا وڏا ٽولا بہ نظر آچن ٿا. شور بہ آهي. هو زور سان چلائي ڳائن ٿا. نچن ٿا. جهومن ٿا. يا سچ تہ جهولن ٿا. هن طرح ڪيڏانهن بہ گهمندڙ ماڻهن کي وري ساڳيا ساڳيا منظر ڪراس ٿيڻ بہ سياويڪ آهي. پوءِ بہ هيءَ مئجڪ سِٽي رومانٽڪ آهي. ڪٿي ڪجهہ ڪٿي ڪجهہ نظر آچي رهيو آهي. ننڍا وڏا مڪان اندران ٻاهران سادا آهن. گهڻو ڪري ٻاهران اُنهن کي بلئڪ پينٽ ڪيل آهي. جيڪو ٻاهرين دنيا ۾ درلڀ هوندو آهي. ڪٿي لئبرري آهي- ڪٿي بُڪ شاپ آهي. هڪ وڏي ڪاروباري آفيس آهي. ڪٿي رستي ۾ ڪيترين ئي ڪرسيون پيون آهي. ڪو لان ۾ اُبتو سمهي ڪجهہ پڙهي رهيو آهي. ڪو واڪ مئن ساڻ هلي رهيو آهي. ڪٿي بہ ڇڻا هلندي هلندي رستي تي تمام گهٽ جڳهہ والاري رهيا آهن. هڪ هنڌ بہ ڇڻا هڪ ٻئي کي گهوريندي آمهون سامهون ويٺا آهن. پرسان پهچي آنوراگ ڏٺو تہ هو ٻئي مرد هئا. لڳو پئي هو ٻئي هن طرح ڪلاڪن کان ويٺا هوندا ۽ اڃا وهندا. اڳتي هڪ عورت ڪرسيءَ تي اڪيلي ويٺي گٽار وڄائي رهي آهي

۽ پرسان لنگهندڙن طرف مشڪي به رهي آهي. گهڻو ڪري سڀ پوري ۽ طرح واندا هئا. رلئڪس موڊ ۾ هئا. گهڻو ڪري اڪيلا هئا يا ڪي اڪيلا گڏ هلي رهيا هئا. هت ڏسجندڙ ماڻهو گهڻو ڪري اڌ کان وڌيڪ وديشي هئا. اُنهن ۾ اڌ کان وڌيڪ عورتون هيون. اُنهن ۾ اڌ کان وڌيڪ ماڻهو جوان عمر جا هئا، ۽ اڌ کان وڌيڪ بلڪل اڪيلا ۽ باقي به من سان ته اڪيلا ئي هئا.

هت آيل هر شخص ڪي خاص ارادا، خاص وقت ۽ پئسا ڪٽي گهران نڪتو هوندو. هن جي نظر هڪ وڏي ايٽنگ هائوس تي پيئي. ياترين جيان هڪ لائين. هو بزي لنچ هائوس ۾ پنهنجي پنهنجي ٽري هٿ ۾ کڻي آهستي آهستي ٽيبلس تي پرچيل انيڪ چيزن مان ڪجهه نه ڪجهه کڻي اڳيان وڌندي ڪئش ڪائونٽر تي ڪوپن پيش ڪري 'ڪراس' ڪرائي رهيا هئا ۽ پوءِ هيٺ لهي خالي ٽيبل ڪرسيءَ تي ويهي آرام سان لنچ ڪري رهيا هئا.

پنهنجي پليٽ ٿورين شين سان پري هو به اَچي هيٺ هڪ جڳهه تي ويٺو. هن کائڻ شروع ڪرڻ کان اَڳ پرسان ويٺل ڪارن ۽ گورن جي هن ميڙ تي نظر وڌي ۽ پوءِ بائل اَيگس جا ٽڪرا کائيندي ڊرنڪ پيئڻ لڳو. هن کي کائڻ وقت ويچار آيو، آخر ته هت به ڪنهن طرح نيرن منجهند کائي ڏينهن پاس ڪرڻو آهي. سڀ ڪجهه نئون لڳندڙ هيءُ سڀ به گهڻو وقت نئون نه لڳندو . ان ڪري هت ايندڙ ماڻهو به جلد ٿڪجي پوندا هوندا. هت جلد ئي هنن لاءِ ڪجهه ڪرڻ لاءِ نه بچندو هوندو. ۽ ڪجهه نه ڪرڻ سڀ کان ڏکيو ڪم هوندو آهي، اَنوراگ لاءِ به. ڪجهه نه ڪرڻ وارا هت به هرهر موبائيل سان ڳالهائي رهيا هئا.

اَنوراگ جو اَلائي ڪئن ايترو جلد-ايترو، ٿوري ۾ پيٽ پرجي ويو. ڪي قدر من به. چائينيز ڊش کي ته اَجا هن هٿ به نه لاتو هو. ائين ڊسٽ بن ۾ خالي ڪري، پلاسٽڪ ڊش الڳ خاني ۾ وجهڻ هن کي برو لڳي رهيو هو.

ائين سوچي ئي رهيو هو تہ هن کي ڪنهن عورت جو پر ۾ اَچي وهڻ جو احساس ٿيو. ائين تہ هت ڪو بہ پر ۾ اَچي ويهي سگهي ٿو. جئن خود هو سويل جينيءَ جي پرسان وڃي وينو هو. هاڻ هن نهاريو تہ پر ۾ ڪنهن هن کي پسند ڪرڻ جي جريت ڪئي آهي- اڙي! هيءَ تہ جيني آهي. جيني هن طرف پنهنجي ننڍڙي باڪس مووي ڪئميرا جي هول مان نهاري رهي هئي. مووي ڪيندي هن چيو ”ساري ائنڊ ٿئنڪس مسٽر اَنورا.... آءِ مين هنوراگ. رائيٽ؟“

اَنوراگ بہ هلڪو مشڪي رهيو هو. ”يو آر ويلڪم.“

جينيءَ هن کان پڇيو ”توهان ڇا سوچي رهيا آهيو. هيءَ ڊش کائڻ لاءِ آهي يا پوڄا ڪرڻ لاءِ.“

اَنوراگ چيو ”هيءَ ڊش کارائڻ لاءِ آهي. توهان لاءِ خاص. ڇڻ مون کي ائين لڳو تہ ائين ٿئي تہ بهتر. ان لاءِ آندي اَٿم. اَڃا تہ ان جو سِلوَر فوئل ئي نہ کوليو آهي- جئن توهان جي راهہ ڏسي سگهجي.“

- ”او! سو نائيس.“ ۽ جيني اِها ڊش، اندر پيل پلاسٽڪ چمچيءَ سان کائڻ لڳي. ”ڪافي سٺي آهي. هيءَ ڪنهن وقت منهنجي فيوريٽ ڊش هئي. جڏهن مان بئنگڪاڪ ۾ هاءِ رائيز ريسٽارنٽ ۾ ڪڏهن ڪڏهن لنچ ڪندي هئس. ٿائلنڊ ۾ اها عام ماڻهن جي لاءِ هڪ سستي ۽ شاندار وَن پيس لنچ طور ڪامن آهي.“ هوءَ اهو سڀ ان طرح ٻڌائيندي رهي ڄڻ سڀ ڪجهہ انوراگ پڇيو هجي. لنچ ڪري هو ٻئي گڏ ائين اُٿيا ڄڻ هنن جو هت گڏجڻ ۽ پوءِ لنچ ڪري کيڏانهن وڃڻ پهرين کان طيءِ هجي. ٿوري دير هلڻ کان پوءِ اَنوراگ کي لنچ وقت آيل اهو خيال ستائڻ لڳو تہ هت بہ آخر هيءُ سڀ گهڻو جٽادار نہ آهي. هن پنهنجو خيال جينيءَ سان ونڊڻ چاهيو. هن کي وري اُتساهہ اَچي ويو. ”جيني، توهان هت جيڪر گهڻا ڏينهن هن طرح رهڻ پسند ڪريو؟“ جينيءَ چيو ”ويل- بہ هفتا ٻيا بہ.“ ٻڌي اَنوراگ کي اچرج لڳو. هن کي اڃا اڏ ڏينهن ٿيو

آهي. جيني بن هفتن کان هت آهي ۽ اڃان بہ هفتا رهڻ چاهيندي. هوءَ هڪ معني جي ٽوئر تي آهي ۽ اَنوراگ کي آيل خيال هاڻ ئي ٽڪائي رهيو آهي. ڇو اَنوراگ جي اها 'بي چئني' هن ڪميونہ ۾ پهچي بہ دور تي نہ سگهي آهي. ڇا آهي اهو؟ من جي ڪمزوري؟ سڀ کان وڏيڪ هن کي ميڊيٽيشن جي ضرورت آهي. هو ڄاڻي ٿو تہ اها ٻيو ڪجهہ بہ نہ، فقط Restlessness آهي. پر ڇو آهي؟ ڇو هت بہ اها ائين ئي آهي؟ ڇا اها من جي وِڪرتي آهي؟ ڇا اها من جي وِرَڪتي آهي؟ ڇو ان کي اووَرٽيڪ نٿو ڪري سگهي هو؟

هن کي هڪ اُپاءُ سجهيو. هن کي هڪ بهتر، وڻندڙ ۽ اها بہ هڪ عورت جي ڪمپني آهي. اها عورت هاڻ تہ پاڻ هن وٽ آئي آهي. اها بہ هڪ جوان خوبصورت ۽ لٽي پٽي گوري. قد بت ۾ هن کان ٿوري ئي وڏيڪ. هو هيءَ ڪمپني اينجاءِ ڪرڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪري رهيو آهي. هن کي من ۾ اهو بہ خيال آيو- اگر هن جو ڪمپني اينجاءِ ڪرڻ جو اهو ارادو ڪنهن انتها منزل تي پهچندو هجي تہ بہ هن کي پرهيز نہ ڪرڻ گهرجي. هن کي هڪ مارل سپورٽ اهو بہ مليو تہ ٿائلنڊ جا ماڻهو تہ هونءَ بہ عام طور تي ان ۾ اڳرا هوندا آهن ۽ هن کي گارمينٽ شاپ جي ڪئش ڪائونٽر تي رکيل پلاسٽڪ باڪس جي ياد بہ آئي. اهو ائين ڪئش ڪائونٽر تي ڇو رکيا هوندائون؟ هو ڪائونٽر جي سيلس گرل کان پڇي ڪونہ سگهيو هو.

- ''جيني، مون کي پنهنجو پاڻ سان هڪ شڪايت آهي.''

- ''او! ويري ويري انٽريسٽنگ!''

- ''مان ڪنهن بہ بهتر کان بهتر وڻندڙ سچيوئيشن مان بہ بلڪل جلد ٿڪجي پوندو آهيان. مطلب جلد ترپت ٿي ويندو آهيان. مون کي ڊپ آهي- هت بہ ائين ئي ٿي ويندو. جيتوڻيڪ مون کي هت هيءُ سڀ ڪجهہ بيحد وڻي رهيو آهي. خاص ڪري توهان سان گڏ. مون کي اوشو لاءِ

ٻہ بيشڪ سافٽ ڪارنر آهي. توهان تہ هن کي شايد ڏنو ٻہ نہ هوندو. روبرو. مون ڏٺو آهي. ٻڌو آهي!''

''ريئلي!''

جيني هن طرف نهاري ٻہ رهي هئي ۽ هلي ٻہ رهي هئي. هنن کي ڪٿي ٻہ پهچڻو نہ هو- ان ڪري هنن جي هلڻ جي رفتار بنه ڍلي هئي.

''ويل. منهنجو هڪ ٻواءِ فرينڊ هوندو هو. ان وقت هو ٻہ اهڙي شڪايت ڪندو هو. شايد ئي ڪائي ٻہ سٺي ڳالهہ هن کي گهڻو خوش ڪري سگهندي هئي. پوءِ خوشي ٻہ گهڻو ڄڻائڻ نہ ڪندي هئي. هو ان معاملي ۾ روز وڌيڪ ۽ وڌيڪ ڪانشس ٿيندو ويو.''

اَنوراگ پڇيو - ''پوءِ؟''

''پوءِ مون کي هن ٻڌايو تہ هو ڏيري ڏيري پنهنجو پاڻ سان لڙندي لڙندي ماسٽربيشن ڪرڻ لڳو. هي ٻئڊلي نيڊيڊ اِٽ!''

''او!''

''پوءِ هو من سان ڪمزور ٿيندو ويو. مون هن کي سنڀالڻ لاءِ هن سان بيڊ شيئر ڪرڻ قبول ڪيو. هو جڏهن ڪجهہ نيڪ ٿيڻ لڳو، مون هن کان دوُر ٿيڻ جو بهانو ڳولهي ورتو. جئن هن کي وري اگنورنگ نہ لڳي. ۽ هو وري ڪمزور نہ ٿئي. ان ۾ هنجي ڀلائي هئي. هن کي وڌيڪ ۽ وڌيڪ پنهنجي پسند ايندڙ ڪمن ۾ بزي رهڻ جي صلاح ملندي هئي.''

''جيني، مون کي ڇا ڪرڻ کپي؟'' اَنوراگ ائين پڇيو. ڄڻ هن جو علاج جينيءَ وٽ هو.

''اهو سڀ. جئن - هن کي ڪرڻ ضروري هو.'' جينيءَ سهج نموني چئي ڏنو. پر هن جو لهجو ڪافي گنڀير هو. اَنوراگ کي لڳو. هن کي ڪنهن پريم سان ڀاڪر پائڻ جي التجا ڪئي آهي. وري هن کي لڳو- هن جئن ئي ائين ڪرڻ چاهيو ، هن جو ڪوئي گلو دٻائي رهيو آهي. در اصل اهڙن خيالن ۾ هو اڪثر ٻڏي ويندو آهي، جيڪي هڪ ٻئي جي اُبتڙ

هوندا آهن. ڪجهه به اَنوراگ چيو ڪونه پر جيني ۽ پنهنجو نالو اُچاريل ٻڌو.

”يس. توهان ڪجهه چوڻ چاهيو ٿا؟“

اَنوراگ وري به ڪجهه چيو ڪونه، پر جيني ۽ پنهنجو نالو اُچاريل ٻڌو.

جيني هاڻي ساوڌان ٿي وئي. هن ڏٺو، اَنوراگ سب ڪانشس مائينڊ ۾ پنهنجو پاڻ سان لڙي رهيو آهي. جيني اَنوراگ کي ڪجهه شاڪ ٽريٽمينٽ ڏيڻ لاءِ ۽ پنهنجو پاڻ سان لڙڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ هن کان ٿوري دير دور رهڻ جي بهاني معافي وٺي سامهون واري هڪ ٽائليٽ ۾ هلي ويئي. اهو به هڪ ڇڙو وڏو مڪان هو. هو به جينٽس سائيڊ ڳولهڻ لڳو. هن کي چڪر اَچڻ لڳا. هو ڪٿي به اهڙا بورڊ ڇو ڳولهي نه ٿو سگهي؟ هن کي لڳو ته پوءِ هيءُ فقط ليڊيز هوندو. هن کي پهريون دفعو محسوس ٿيو ته هو برابر هوش ۾ آهي. ڇو جو هن کي اهو به سوچي سگهڻ جي شڪتي ثابت سالمت هئي ته ان حالت ۾ هت ليڊيز يا فقط ليڊيز جو بورڊ ته لازمي آهي. هن کي سنتوش ان ڳالهه جو ٿيو ته هو درست سوچي سگهڻ جي قابل ته آهي. پر هن جڏهن ڏٺو ته اَندران هڪ پرش ٻاهر نڪري هيٺ لهي هليو ويو، تڏهن هن کي وري چڪر اَچڻ لڳا. هن کي لڳو، ضرور ڪجهه آهي جو هن جي سمجهه کان الڳ آهي. آخر هو اندر وڃي هڪ باڪس ۾ داخل ٿيو. ڪافي صاف-سُٿري آرام دايڪ جڳهه هئي. هن ڇڙو وقت لڳايو. هن پاڻ کي هلڪو ۽ تازو محسوس ڪيو. ٻاهر نڪري هن جيني ۽ کي پاڻ لاءِ انتظار نه ڪندو پاتو. هن کي ٿورو عجب لڳو. هو ٿورو ترسيو. جڏهن ڪٿان ڪو به ڪڙڪو ٻڌڻ ۾ نه آيو- هن کي وڌيڪ ترسڻ واجب نه لڳو ۽ هو منجهي پيو ته ڪهڙي دِشا کان هو هن طرف آيو هو ۽ ڪيڏانهن هن کي هاڻ وڃڻ گهرجي!

ڪهڙو فرق ٿو پوي! هن کي سماڌان ڪرڻو پيو ۽ هو ڪنهن هڪ طرف هلڻ لڳو. هن کي لڳو، زندگي ۽ جي رفتار ۾ هون ۽ به دِشائون ڪراس ڪنديون

تيون رهن.

هن محسوس ڪيو- هن جي سمجهہ هن کي پهرين کان وڌيڪ سات ڏيئي رهي آهي. هن کي هاڻ لڳو، جينيءَ جي بڌايل علاج ۾ گهٽ ۾ گهٽ بہ مرياداڻون آهن. پهرين تہ هر شخص جون ضرورتون الڳ (ئي) هونديون آهن. ٻيو تہ اسان جو اَچيتن من سماڌان سلجهائڻ ۾ لڪل دخل ڏيندو آهي. جينيءَ جي ٻڌايل علاج ۾ بہ صداقتون بہ آهن. هڪ تہ اهڙو ڪجهہ چاهڻ جو سنڪيت اَنوراڳ تہ نہ ئي ڏنو آهي. ٻيو تہ هوءَ خود ساڳي ڪيس هسٽريءَ سان سامهون ٿي ان تي فتح پائڻ ۾ ڪامياب ٿي آهي. ضرور هن ڪيس اڪيلو ڇڏي بہ هن جي ڀلائي چاهي هوندي.

اَنوراڳ آهستي آهستي رلئڪس ٿي رهيو هو. در اصل اهو سڀ ڪجهہ ايترو گنڀير نہ آهي. من آهي، منجهندو بہ آهي. اها بہ من جي سهج پرڪرتي ٿي سگهي ٿي. سوچ جي ٽڪراهٽ ڪڏهن ڪنهن جي اٽڪي آهي!

اَنوراڳ ڏٺو، هو صحيح مارڳ تي آيو هو. سامهون ئي ’گوتم ٻڌ سيا گار‘ جو تير چيپل آهي. ۽ اڳيان هڪ هڪ شاهي وڻ هيٺان ٻہ ٻہ ڪرسيون رکيل آهن. پر هر هڪ وڻ هيٺان، جي ڪل چار پنج هوندا، هڪ هڪ ماڻهو ئي ويٺو آهي ۽ هن کي ڏسي عجب لڳو تہ اهي ويٺل سڀ ماڻهو ڪي عورتون ئي هيون ۽ سڀ الڳ اڪيليون ويٺيون هيون- تن ۾ هڪ جيني بہ هئي. جيني اُٿي هن طرف نہ وڌي ها تہ اَنوراڳ ڪنهن ٻئي وڻ هيٺان وهڻ پسند ڪري ها. پر جينيءَ شڪايت ڪندي چيو- ”ڪمال آ! مون سوچيو توهان هليا ويا! ڇو تہ ليڊيز ٽائليٽ ۾ توهان ويا هوندا، اهو سوچڻ پسند نہ ڪيو مون.“

اَنوراڳ کان عجب ۾ رڙ نڪري وئي: پر اتي تہ ڪو بہ بورڊ نہ هو ۽ هڪ پرش اندران نڪري ٻاهر بہ ويو، چوندي ئي بليڪ جينس ۽ وائيٽ ٽاپ ۾ اتان اندران آيل شخص بہ هن کي اتي ويٺل نظر اَچي ويو- جا

عورت هئي! هو هڪدم اٽڪي ويو: او آءِ ايم ساري!

”آئني وي لينس موو ڻ ميڊيٽيشن. لڳي ٿو ان جي توهان کي ۽ مون کي ضرورت آهي.“ جينيءَ هن جو هٿ پڪڙيو ۽ ڇڏيو ڪونہ. ان هٿ جي پڪڙ انوراگ تي جادو ڪيو ۽ هو سڀ ڀلجي ويو.

انوراگ کي هڪ دفعو وري اهو سڀ ڪافي وڻڻ لڳو. هت تہ واتاورڻ پاڻ وڏيڪ بهتر هو. نديءَ جي گول لَسن پٿرن جي هن سوڙهي رستي ۾ هڪ قدرتي ڪشش هئي جا آرس پٽر ۾ نہ هئي. هن کي سُجهيو اوشو ڪميونہ ۾ ڪيتريون ئي ڳالهيون ميسر آهن، پر مڪيہ تہ هڪ ميڊيٽيشن ئي آهي. هن کي لڳو - هڪ اجنبي عورت جو هٿن پنهنجائيءَ سان هٿ پڪڙڻ جو ايترو جادو تي سگهي ٿو. ميڊيٽيشن جو جادو تہ ڪيترو هوندو! هن کي آتت ان ڳالهہ جو آهي تہ دنيا ۽ ايشور، جڳت ۽ ان جو لڪل راز، اِنسان ۽ آتما جي سوچ- ويچار جي هن اڌياتمڪ جڳهہ تي اِستري - پرش وچ ۾ زمين- آسمان جي وِٿي قبول ڪانہ ڪئي ويئي آهي. اوشو مرد ۽ عورت جي وچ ۾ سماجڪ دوريءَ کي هڪ وگيانڪ ويوستا طور تسليم ڪيو آهي ۽ نہ نيتڪ ويوستا طور. چاهي گوتم بڌ کي ان معاملي ۾ اڳتي هلي لاچار ڪي سماڌان ڪرڻا پيا هئا ۽ هن پوءِ پنهنجي ڌرم پنٿ جي عمر جو گراف هيٺ ڪريل محسوس ڪيو هو.

اوشو گوتم بڌ جو هڪ ماڊرن، اڃا بہ چئجي تہ ڊيسينٽ يا سڌاريل روپ چاهيو هوندو ان ۾ ڪٿي ڪنڊ ۾ چارواڪ کي بہ هن جڳهہ ڏني آهي. ڇو جو اوشو هن جو اُپيڪ بہ آدر سان ئي ڪري ٿو. ڪبير جيان. ڪٿن بہ هو ايسٽ کي ئي وڏيڪ پروموٽ ڪري ٿو.

اُن آتت ڪري اَڄ انوراگ هت ڪنهن عورت سان هٿ ملائي هلندي پاڻ کي تاڻ مڪت محسوس ڪري ٿو سگهي. جينيءَ لاءِ تہ اهو اڳ ئي تاڻ مڪت هئڻ گهرجي. جينيءَ ۽ انوراگ ڏٺو، هوُ گهڻو اڳ ئي هت پهچي ويا آهن. هت ائين ڪيترائي ماڻهو اڳ پهچي ويا آهن، پر هو

پنهنجو پاڻ کي وندرائي وينا آهن- يا وندرائي رهيا آهن.

”جيني!“

”يس. اَهنوراگ. ڪئن ٿا محسوس ڪريو؟“

”آءِ لائيڪ يوئر ڪمپني.“

”آءِ ٽوُ!“

”بٽ آءِ نيڊ يوئر ڪمپني.“

”او.ڪي. اِٽس او. ڪي. اِٽس نات اي پرابليم. اِٽ اِز ويري ويري ڪئزيوئل.“

”يس، آءِ ٿِنڪ سوَ! هلو پاڻ سامهون واري سائيڊ ۾ اندر پري هڪ جهولي تي هلي ڳالهيون ٿا ڪريون.“

”......... ويل. مون کي پاڻ اتي پوسٽ آفيس ۾ . E.Mail چيڪ ڪري وٺڻ سولو پوندو.“

۽ اَنوراگ ۽ جيني ڪميونـ جي مين گيٽ کان ٻاهر نڪري ٻي سائيڊ ۾ اندر ٿورو پري وڃي هڪ جهولي تي وينا. ترت جيني اُٺي پرسان ئي ملندڙ ڪوڪ جا ٻہ ٽن وٺي آئي. اَنوراگ اُنهن کي کولڻ ۾ مدد ڪئي. ۽ هو ٻئي ڪوڪ پيئڻ لڳا. جهولو آهستي لڏي رهيو هو. اَنوراگ جو من ٻہ. آخر اهڙو چاهي جو کُٽڪي رهيو آهي. واٽ اِز رانگ وٽ مي؟ واٽ اِز رانگ وٽ رجنيشزم؟ واٽ اِز رانگ وٽ جيني؟ ائنڊ اِف ائني ٿنگ رانگ- سو واٽ؟

اَنوراگ جو لڏندڙ من ڪجهہ بہ طيءِ نہ ڪري سگهيو. ڪجهہ آهي- جو من ۾ ڪٽڪي رهيو آهي. جيڪو هن کي وڏيڪ وقت لاءِ خوش رهڻ ڪو نہ ٿو ڏئي؟ جيڪو هن کي اُداس ٿو ڪري. آخر اها Restlessness ڇا آهي؟ ڇو آهي؟

اَنوراگ ان جو علاج ڊيل ڪارنيگيءَ کان برٽراند رسيل تائين پڇندو رهيو آهي! هن ڪڏهن کان مرڻ لاءِ بہ پنهنجو پاڻ کي پرمٽ ڪري رکيو

آهي. هن کي سو ڪالڊ سوشل مارلس جو فڪر به نه آهي. هن جون بنيادي ضرورتون بلڪل نه جهڙيون آهن. پوءِ به......

جينيءَ ڏٺو اَنوراڳ پنهنجو پاڻ ۾ کوهيل آهي. هن جي شاڪ ٽريٽمينٽ ڪو اَثر اڃا تہ نہ ڪيو آهي. هوءَ چاهي ٿي هاڻ هن کي ’ميڊيٽيشن‘ ٽراءِ ڪرڻ گهرجي. پر هوءَ گهڻي آشا نہ رکي رهي آهي. جئن اِنٽروورڊ ڪانشس ماڻهوءَ تي هپنوسس ڪو اَثر مشڪل ڪندي آهي، هت بہ جلد ڪو اَثر مشڪل آهي شايد.

جيني هاڻ هن کي اڪيلو نہ ڇڏيندي. پر هن جي من ۾ هڪ موٽ بہ آئي پر بہ ڇو؟ ڇو هن کي ايتري ڪيئر ڪرڻ گهرجي؟

ائين اَنوراڳ سان هن جو معمولي اٽيچمينٽ، اچانڪ گم ٿيڻ جو رستو ڳولهڻ لڳو. پر هن جو من ودروهہ بہ ڪندو رهيو. سامهون گول گول ڇهري وارو ڏگهو سوامي اوم هنن طرف اَچي رهيو هو. اَنوراڳ کي مخاطب ٿي هن چيو- هلو- اَنوراڳ!

اَنوراڳ هن سان هٿ ملايو. سواميءَ چيو ”اَنوراڳ! ڪميونہ بابت توهان جو ڪو تازه رائيٽ اَپ اَسان کي انٽرنيٽ تي رکڻ جي اِڇا آهي. توهان جو فوٽو تہ اَسان وٽ آهي ئي. ڇا اهو توهان لکي ڏيڻ پسند ڪندا يا لائيو رڪارڊ ڪرائڻ؟“

اَنوراڳ ڪجهہ طيءَ ڪري ان کان اڳ سوامي اوم هن کي مدد ڪئي. ”او.ڪي. سياڻي ڪنهن بہ وقت توهان منهنجي چيمبر ۾ اَچي سگهو ٿا. جي اِڇا ٿئي تہ لکي ايندا. يا اتي رڪارڊ ڪنداسين. يا فقط ڪافي پيئنداسين.“ ويندي ويندي- هن ڪجهہ لفظ جوڙيا-”ها- توهان جي فرينڊ کي بہ وٺي ايندا تہ مونکي وڻندو.“

سوامي اوم جي شخصيت جو اَثر صبح بہ هن تي ٿيو هو. هن وقت هو وائيٽ روب ۾ وڌيڪ رعبدار لڳي رهيو هو- ۽ وڌيڪ جوان.

هن جي من ۾ اچانڪ نوان ترنگ پيدا ٿيڻ لڳا، جينيءَ طرف هن

اِئين نهاريو ڄڻ ڪيس جينيءَ بابت رائيٽ اَپ لکڻ لاءِ چيو ويو هجي!

جيني ائين ڪلي ويئي ڄڻ شرمائجندي هجي. هونءَ اڄڪلهہ اهو حياءُ جو پاءُ بلڪل درلڀ ٿي ويو آهي. جينيءَ هاڻ هن کي ڳلي لڳائي ورتو ۽ هڪ مِني سائيز ڪِس بہ ڪئي.

ڳالهيون ڪندي اَنوراگ کي لڳو- هيءَ وديشي عورت ڇو هن تي ايتري مهربان آهي؟ ڇو هڪ ديش جا ماڻهو ٻئي ديش جي ماڻهن جي جان وٺي رهيا هوندا آهن؟ ڇا اَنوراگ هن کي ڪڏهن شوٽ ڪرڻ چاهيندو؟ جيئن ئي هو اُٿي هلڻ لڳا، اَنوراگ اڳيان جهڪي هڪ ڪندو ڪٽي پاسيرو ڪيو. اهو جينيءَ جي نازڪ بوٽيءَ مان پار ٿي ٿي سگهيو- پستول جي گوليءَ جيان- هو اهو سهي ڪونہ سگهندو.

جينيءَ ڏنو، هڪ اَجنبي هن جي لاءِ بہ سافٽ آهي. ڇا هو ٻئي سڄي دنيا جا عيوضي نہ آهن؟ ۽ اوشو هت نمت آهي. تہ پوءِ آخر اَنوراگ جي من ۾ ڪٽڪي ڇا ٿو؟ اَنوراگ پاڻ اُن ڪٽڪي کان مڪت ٿيڻ چاهيو. هو ان تي سوچڻ وهندو. پر تيستائين ڪجهہ نہ سوچيندو. اهو ايترو سنڪلپ هن پنهنجو پاڻ سان دهرايو.

ڪجهہ اڳتي هلي جيني ’بہ-منٽ‘ ڇئي پنهنجي مِني بئگ هن کي تمائي ڦڙتيءَ سان بہ ڏاڪا چڙهي نوٽيس بورڊ تي پن ڪيل لسٽ مان نمبر ڏسي پنهنجي E.Mail جي هڪ پرنٽ آئوٽ ڪٽي پڙهندي پڙهندي هيٺ لهي آئي. ان وچ ۾ اَنوراگ برابر هن کي ئي ڏسي رهيو هو. هن کي ياد آيو، هيءَ مِني بئگ ڏيئي هن مون کي هت ويٽ ڪرڻ لاءِ ٻڌي ڇڏيو. نہ تہ بہ مان هاڻ تہ هن کي ڇڏڻ نہ چاهيان جيڪر. هن کي خيال آيو - بہ ڇٽا هڪ ٻئي کي هن طرح ملڻ جُهلڻ کان پوءِ ڇو ٻنهي کي سامهون وارو ’خاص‘ لڳندو هوندو. جيئن هينئر هن وقت جيني هن کي هر طرح کان خاص لڳي رهي آهي.

جينيءَ اهو پنو بئگ جي سائيڊ پڪيٽ ۾ رکي ڇڏيو ۽ هو ٻئي گيٽ

طرف هلڻ لڳا. هاڻ وڏيڪ ڳالهيون ڪرڻ جو وقت نہ بچيو آهي ۽ نہ ئي سوچ ويچار ڪرڻ جو. هنن ٻنهي طيءِ ڪيو هو تہ اڄ هو ’سياڳار‘ جي ٻاهران ئي ميڊيٽيشن ۾ رهي سگهندا. ڇو جو اَنوراگ کي گهربل فارمل يونيفارم وغيره نہ آهي.

ٻاهر اَچي هنن گهٽيءَ جي پرينءَ ڪنڌ پرسان هيٺ ويهي ’مونُ‘ ڌارڻ ڪري ورتو. جيني تہ شايد سڀ ڪجهہ پلجي وئي، پر سانت رهي بہ اَنوراگ جي من ۾ چر پر جاري رهي. ڪلاڪ جيترو سمو گذاري هنن هڪ ٻئي سان اک ملائي. اَنوراگ کي لڳو، هنجو ’ڌيان‘ تہ اڃا هاڻ شروع ٿيندو. اک ملڻ شرط جينيءَ بہ جهيڻو مشڪي ڏنو. شام ڇانئجي چڪي هئي. اَنوراگ تي خمار طاري هئو. خمار ۾ جيني بہ شامل هئي. اَنوراگ پنهنجو پاڻ کان هڪ سوال پڇيو- اُهو خمار هن واتاورڻ جو هو يا اوشو جو پرياءُ هو؟ هن وري هڪ ٻيو بہ سوال پنهنجو پاڻ کان پڇيو. اُهو خمار هڪ عورت جو هو يا جينيءَ جو. اَنوراگ اُنهن سوالن جا جواب تہ جلد ڳولهي نہ سگهيو پر هن کي ان سوال جو جواب نظر اَچڻ لڳو. جيڪو هن کي هرهر ڪٽڪي رهيو هو. هن کي هاڻ چٽو محسوس ٿيڻ لڳو، انسان سڄاڳ سطح تي ڪنهن بہ ٻئي اِنسان جي سوچ سان پوريءَ طرح سمانتر رهي نہ سگهندو. چاهي اهو اوشو هجي يا جيني! شايد ان ڪري هو اڪثر چوندو آهي، هر اِنسان کي پنهنجو رستو ڳولهڻو بہ پاڻ آهي ۽ طيءِ بہ پاڻ ڪرڻو آهي. سڄاڳ سطح تي اڄ جي مانسڪتا ۾ سمرپڻ ان ڪري ئي هڪ سمجهوتي کان سواءِ مشڪل آهي، جنهن ۾ شرڌا هڪ سوتر جو نہ پر سهاري جو ڪم ڪري ٿي. در اصل هن کي ڪٽڪي رهيو هو تہ هيڏو وڏو وچارڪ ڪيتريون ڳالهيون اهڙي انداز بيان سان ڪري ٿو جو اُهي ٻڌڻ ۾ سهٽيون لڳن ٿيون پر من مڃي ڪونہ ٿو سگهي. پر هاڻ هن کي اهو ’انتر‘ سمجهہ ۾ اچي رهيو آهي. انتر- اهو خمار هڪ عورت جو آهي يا جينيءَ جو. اهو خمار اوشو جو آهي يا هن واتاورڻ جو. اهو اَنتر ڪنهن طرح رهڻو آهي.

انتر ئي هر شخصيت جي اصليت آهي. گوتم ٻڌ اهڙي اَنتر (وروڌ) لاءِ 'وچولو' مارگ ڳولهي ورتو هو.

اَنوراگ ڪافي مڪت ٿي رهيو هو. تاڻ- مڪت. جينيءَ محسوس ڪيو ته هن کي 'ڌيان' جو پرياءُ ٿيو آهي. ان طرح هو پاڻ هلڪو محسوس ڪري رهيو آهي. هوءَ اڪ جو ملڻ ۽ مشڪل پلجي وئي هئي.

هنن وٽ هاڻ ڪو پروگرام ڪو نه بچيو هو. جيني هاڻ اَنوراگ کي هن بهتر حالت ۾ اڪيلو ڇڏڻ لاءِ پنهنجو پاڻ سان طيءَ ڪري ٿي. پر اَنوراگ کي سندس روم تي هلي ڊنر ڪرڻ جي آڇ ڪرڻ جو ششٽاچار ڇڏڻ هن کي ڏکيو لڳو. هن کي ڊپ ٿي نه پڪ ٿي هئي ته انوراگ نه فقط هن سان روم تي هلڻ چاهيندو پر پاڻ سان هو شايد من ۾ سانديل ڪا چاهه به کڻي هلندو. پر هن کي اهو جاڻي آٿت ٿيو ته هو هاڻ ڪميونه کان ٻاهر پري شهر جي هوٽل جي پنهنجي روم ۾ ويندو. جينيءَ کي راحت ملي.

اَنوراگ هن کان موڪلائي پنهنجي روم لاءِ آٽو ۾ وهي ٿو. جينيءَ کيس هلڪو ڀاڪر پائي هٿ لوڏائي سياٽي صبوح جو سويل ملڻ جي آڇ ڪئي.

آٽو ۾ وهڻ کان پوءِ اَنوراگ کي هڪ بنه نئون خيال آيو. هو هاڻ وري سياٽي هٿ ڇو ايندو.؟

(رچنا - ٢٠٠٢)

Unfiled Notes Page 4

# لَوُ اَئٽ فرسٽ سائيٽ

هاءِ! سُندرا! چئي هو هن جي پر واري سيٽ تي ويهي رهيو.

او! هاءِ! هاءِ! هيروا! هن بہ ڪيس ڪلي ڪيڪاريو.

چو ڀائي، مان وري هيرو ڪڏهن ڪان ٿي ويس؟ سندر جي پر ۾ بئگ رکندي هيرواڻيءَ پنهنجائپ جو جواب پنهنجائپ ۾ ڏنو. سندر ۽ هو ٻئي اڪثر هن طرح گڏجندي ڪافي ويجها دوست ٿي ويا هئا. هونءَ هن شهر ۾ ٻئي، ٻئي - ٻئي شهر ڪان اَچي پڙهائي ڪندا هئا. سُندر مهانگر بمبئيءَ جي ڀيڙ ڪان ڀڄي گجرات جي آنند ۾ ڪنهن مائٽ وٽ رهڻ پسند ڪيو هو ۽ هيرواڻي راجستان جي جوڌپور مان اَچي آنند جي ڀرسان ولڀ وديا نگر ۾ وسيو هو. ٻنهي جا ڪاليج، الڳ، ڪورس الڳ، ڪتاب الڳ- پوءِ بہ ڪيترين ڪامن ڳالهيون هنن کي ملي ويندين هيون. هنن ۾ وڏي ڪامن ڳالهہ هئي هنن جي عمر. ٻنهي جا مائٽ هنن جي گهٽ، هنن جي عمر جي چنتا وڌيڪ ڪرڻ لڳا هئا. شايد هنن کي اهو انديشو هو تہ هنن جا جوان ڇوڪرا، اِتي ئي نہ پراوا ٿي وڃن ۽ اهي ڪامن ڳالهيون هنن ٻنهي لاءِ دلچسپ بہ هيون تہ فڪر واريون بہ هيون.

سُندر سياوَ جو مانيٺو ۽ ٿورو ڳالهائڻ وارو هو. اِن ڪري هن کي، هيرواڻيءَ کي اول تہ ان جو ڪو جواب ڏيڻ ضروري نہ لڳو. پر پوءِ ڪجهہ

سُجھڻ تي هن چيو- ڏس، هيرواڻي، ’هيرو‘ تيڻ لاءِ تو وٽ جام سبب آهن- هڪ تہ هيرو تيڻ لاءِ ڪوئلو هئڻ ڪارگر آهي. تو ٿي تہ ٻڌايو تہ تنھنجا وڏا ڪوئلن جو بزنيس ڪندا هئا. ٻيو تنھنجو نالو بہ مئچ ڪري ٿو. ٻڌاءِ ٻيو ڇا کپيئي؟ هيرواڻيءَ کي خبر هئي. سُندر ترڪ ڳولھڻ ۾ هوشيار آهي. پر هو وري سامھون دليلون ڪري ٽاپڪ کي گنڀير تيڻ نہ ڏيندو آهي. هن ايترو ٿورو مشڪي ڏنو، جو سندر کي سڻو لڳو.

آنند بس- اِسٽاپ تي بس بيٺي. سندر شام جو پنھنجي مائٽن جي گھر آنند اَچي رهيو هو. هيرواڻي ڪنھن ڪم سانگي شام جي ٽرين ۾ بڙودا لاءِ ٽرين پڪڙڻ لاءِ آنند آيو هو. ولڀ وديا نگر ۾ الڳ ريلوي اسٽيشن نہ هئڻ ڪري، هر ڪنھن کي اول آنند اَچڻو پوي ٿو. هونءَ تہ عام طور آنند اچڻ لاءِ هرڪو آٽو رڪشا شيئر ڪندو آهي، پر بس ۾ ڪافي ماڻھو ويندا آهن. سندر لاءِ تہ اهو روز جو نيم تي ويو هو. هيرواڻي بہ اڪثر ايندو ويندو هو. هوُ وديانگر ۾ ٿي هڪ گھر ۾ پيئنگ گيسٽ تي رهيل هو. هفتي ۾ هڪ بہ دفعو بڙودا طرف وڃڻ لاءِ يا ڪڏهن آنند وڃڻ لاءِ هو سندر سان ملي ويندو هو. ٻيءَ طرح هو ڪاليج اورس ۾ بہ پيا گڏجندا هئا. هنن ٻنھي کي هڪ ڪامن فرينڊ ٻيو بہ هو. آسوتوش ۽ هن جي فيانسي نيھا پڻ. اهي ٻئي گجراتي هئا. آسوتوش هونءَ ڪلڪتي جي فئمليءَ مان آيو هو ۽ نيھا هتان جي لوڪل ڪٽنب مان هئي. هو ٻئي هت ساڳئي هنڌ رهندا ۽ نوڪري ڪندا آهن. ٻنھي هڪبئي ۾ هڪ هڪ جھاتي پائي ڏني ۽ پوءِ هڪ ڏينھن سيني دوستن کي هڪ ننڍڙي پتڪڙي، نينڊ پٽر سان عجب ۾ وجھي ڇڏيو. تڏهن کان هو شاديءَ لاءِ ڏينھن ڳڻڻ لڳا آهن. سندر ۽ هيرواڻي ٻنھي کي هنن جو اهو رشتو ڏاڍو وڻندو آهي. هنن ٻنھي مڱڻي جي پارٽيءَ ۾ سيني کي ٻڌايو تہ اسان نہ هاڻ نہ پوءِ، ڪابہ گفٽ وٺنداسين. ڇو جو شاديءَ کي تماشو بڻائڻو ئي نہ آهي. آسوتوش ۽ نيھا جي رشتي تي سُندر کي تہ پريرڻا ملندي آهي پر هيرواڻي طيءِ نہ ڪري سگھندو آهي تہ اهو ڪيترو، قدر نيڪ آهي. نيٺ هڪ ڏينھن ٻنھي کي موقعو مليو ۽ نيھا کان

پڇيائون- توهان ٻئي اهو سڀ ڪئن طيءِ ڪري سگهيا؟

نيها چيو - ياڻي آهي تہ اِتفاق يا سنجوگ. يا لَوُ ائٽ فرسٽ سائيٽ. خبر ئي نہ پيئي. اسان کي، شايد ٻنهي کي سُجهيو. هنن ٻنهي جو ساڳي فرم ۾ سروس ڪندي، ملندي گڏجندي، هڪ محسوس ٿيندي هئي ۽ پوءِ سڀ ڪجهہ بيني بيني تي ويو- ٿيندو ويو. اسان ڪنهن کان ڪجهہ بہ نہ پڇيو. منهنجي تہ ننڍي فئملي. منهنجي ماءُ ۽ مامو. آسوتوش جي تہ وڏي فئملي. اها بہ ڪلڪتي ۾. ايترو پري. پڇڻ وهون تہ هڪ راءِ ٿيڻ ئي ناممڪن. وري جيئڻو تورو ۽ جنجال گهڻا ڪير ڪري. اسان تہ گهڻو سوچڻ ڇڏي ڏنو.

نيها جي اهڙي صفائي سندر کي اڳ بہ آسوتوش وٽان ٿوري گهڻي ملي هئي پر هيرواڻيءَ کي ڪا خاص ڄاڻ نہ هئي. هو چارئي هڪ پرارٿنا سڀا ۾ اڪثر گڏجندا هئا ۽ ائين هنن ۾ پنهنجائپ ٿي ويئي هئي. اها پرارٿنا سڀا هر ڇنڇر رات جو ٿيندي هئي ۽ هو ان ۾ اڪثر شامل ٿيندا هئا. ان ڏينهن سندر گهر دير سان ويندو هو.

هيرواڻيءَ نيها کي آڏي پڇا ڪندي چيو - تہ ڇا توهان پنهنجون جنم ڪنڊليون ملايون آهن. اڄ ڪلهہ تہ ڪمپيوٽر پروگرام ۾ جنم ڪنڊلي ملائڻ کان اول ڪا ڳالهہ ئي ڪانہ ٿي هلي. نيها ان تي کلي ڏنو- اسان تہ نہ جنم ڪنڊلي ملائي آهي ۽ نہ ئي بلڊٽيسٽ ڪرايو آهي. البت اسان ٻنهي کي بلڊ ٽيسٽ جي خبر آهي. در اصل اسان ٻئي هڪ لئب ڪمپنيءَ ۾ بلڊ سئمپل اينيلائيزس آهيون. آسوتوش مون کان سينيئر آهي ۽ اول هن مونکي اهو جاب وٺي ڏيڻ ۾ مدد بہ ڪئي هئي!

ڇو؟ منهنجو مطلب آهي، ان مدد ڪرڻ جو ڪو سبب؟ اول تہ سندر جو سڌو سوال ٻڌي نيها کان ڇرڪ نڪري ويو. پوءِ سمجهي ڪري چيائين اهو مون بہ هن کان پڇيو آهي. چيائين، توکي ڏسندي ئي تون مونکي وڻي وئي هئينءَ. سندر وري بہ ڪجهہ چوڻ چاهيو- پر آسوتوش جي اَچڻ تي هن تاري ڇڏيو. اتي هيرواڻي بہ ڪئنٽين جي سيلف سروس تان

چانهہ جا مَگَ ڪٽي پهچي ويو. ۽ پوءِ ٻالهہ اَڏ ۾ رهجي وئي.

تورا ڏينهن رکي هيرواٽيءَ کي ڪجهہ سجهيو. هو اُٿي سندر وٽ آيو. سندر ان وقت لئبريريءَ ۾ نوٽس وٺي رهيو هو. پرسان اَچي هيرواٽي چپ چاپ ويهي رهيو. هن کي ڊسٽرب نہ ڪيائين. پر چڱي دير کان پوءِ هيرواٽيءَ ڏٺو تہ هو پنهنجي ڪم ۾ محوُ آهي. هو اُٿي واپس هليو ويو. هن پنهنجي هيڊ آف ڊپارٽمينٽ جي ڪمپيوٽر تي هڪ فارم فارميٽ ڪيو ۽ ان جي پرنٽ آئوٽ ڪڍي، ان جون وري ٢٠ کن ڪاپيون زيراڪس ڪرائي ورتيون. اهو فارم هڪ قسم جي سوشل سروي جو هو. ان ۾ ڪل ١٥ سوال هئا، جن ۾ نالو، جنم جي تاريخ ۽ هنڌ، جنم جو وقت، پڙهائي، شوق، سماجڪ سرشتن جا ڪجهہ آڏا اُبتا سوال بہ هئا. هيرواٽيءَ ڪنهن طرح پنج پنج فارم آسوتوش ۽ نيها کي بہ موڪليا ۽ ٻن تي هن جو ۽ نيها جو نالو لکي ئي موڪليو. اهڙا ڪجهہ فارم ٻين هم ڪلاسين کي بہ ڏنا ۽ اٽڪل ٢٠ فارم پرائي هڪ دفعو نيها جي سامهون گڏ ڪري بہ رکيا. هن طرح ڪيترا سروي ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ ۾ گهڻا اييا‌س ڪندڙ ڪرائيندا رهندا آهن. هيرواٽيءَ تورا ڏينهن پوءِ وري انهن فارمن مان نيها ۽ آسوتوش جو فارم ڪڍي الڳ سنڀالي رکيو.

تورن ڏينهن لاءِ هو پوءِ پنهنجي گهر جوڌپور ويو. هنکي خبر هئي، هنجي مڱٽي ان ڪري ٽوڙي ويئي ڇو جو هنن جون ڪنڊليون نہ ملي رهيون هيون. هن هڪ دفعو ياد ڪيو، ان رشتي پٺيان هن جي چاچي ۽ هڪ دوست ڪيتري ساري محنت ڪئي هئي. ڇوڪريءَ وارن چيو، اڳ اسان ڪنڊلي نهرائڻ ۾ غلطي ڪئي هئي. هن من ۾ پڪ ڪئي تہ هو هڪ دفعو سچ ڄاڻڻ جي ڪوشش ضرور ڪندو. پر هن کي ڪابہ محنت ڪرڻي ڪانہ پيئي. هن جي دوست هرگن ڪيس ٻڌايو تہ ڇوڪريءَ پاڻ هن کي چيو تہ اَصل ۾ هوءَ پاڻ اهو يا ڪوبہ رشتو ڪانہ تي چاهي. گهڻي زور ڀرڻ باوجود هن ان جو ڪو سبب ڪونہ ٻڌايو. هيرواٽي واپس ايندي ڪجهہ هلڪو محسوس ڪري رهيو هو. پر هن کي آنڌ مانڌ هئي. هيءَ سڀ هن طرح هن

ڪي پسند نہ اَچي رهيو هو.

سندر جي ڪٿا ڪجهہ اُلٽي هئي. سندر کي پروپوز ڪيل ڪوبہ رشتو پسند نہ اَچي رهيو هو. هو ڪافي ذهين ۽ گنڀير سڀاءَ جو هو. هن کي ڪئريئر جي چنتا بہ نہ هئي. هن طيءِ ڪيو هو، پي.جي. پوري ڪري هو ڪابہ نوڪري ڪرڻ وارو نہ آهي. هن سوچي رکيو هو، هن پنهنجو مشن ٺاهيو هو. هنکي يونٽ ڪنسلٽيشن ڪرڻ جو ارادو هو. هن کي ان لاءِ اهڙي سهاري جي ضرورت هئي. جنهن جون گهرجون گهٽيون نہ هجن. ڇو جو UNIT SICK جيڪي پاڻ ئي نہ ڪمائي سگهندا هجن، اهي آخر ڪيترو ڏيندا؟ پر هن ان ڏس ۾ ننڍا ڪم ڪري بہ ڏٺا هئا. ان مان هنکي وڏو سُڪون ملي رهيو هو. ان ڪري هن طيءِ ڪيو هو، هو پنهنجو رشتو پاڻ ئي طيءِ ڪندو، جڏهن ۽ جتي بہ ٺيو.

سندر ۽ هيرواڻي شاديءَ جي پارٽيءَ تان موٽندي اهو سوچ ويچار ڪري رهيو هئا تہ فقط پندرهن يا ويهن مهمانن ۾ آسوتوش، نيها هنن ٻنهي کي ڇو شمار ڪيو هو. هت تہ فقط هڪ ننڍي ٽيرس پارٽي هئي ۽ ڪاڏو بہ بلڪل سادو. پر ڪئن بہ هو ٻئي هڪٻئي کي خوش ڏسي رهيا هئا. آسوتوش جو وڏو ڀاءُ ڪلڪتي مان آيو هو. ان جو مطلب هن جي ڪٽنب مان سهمتي ملي هئي ڪين. سچ پچ، زندگيءَ کي گهڻو گنڀيرتا سان نہ ڪٽي بہ هو صحيح معنيٰ ۾ گنڀير رهيا هئا. ائين هنن ٻنهي کي محسوس ٿي رهيو هو. شاديءَ کان پوءِ ترت بہ مهنا وڪيشن هئي. هو ٻئي بہ پنهنجي پنهنجي شهر وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳا.

سندر کي پنهنجي شهر ۾ هڪ پروجيڪٽ مليو. هڪ ڪاڏي پندار جيڪو وچ شهر ۾ وڏي قيمت واري بلڊنگ ۾ هلي رهيو هو- اهو در اصل هلي نہ رهيو هو، فقط ڇُري رهيو هو. هن اُتي ٻن هفتن لاءِ مالڪن جي پلان موجب اِسٽور ڪيپر جي نوڪريءَ جي بهاني پنهنجو اپياس ڪيو ۽ ڏٺو تہ اتي گراهڪن کي ڪوبہ آدر ڀاءُ نہ پئي مليو. نہ ئي ڪو فائدو. ان اپياس ڪندي اُتان جي هڪ ٽرسٽيءَ جي ڌيءَ بہ هن کي اَسسٽ ڪري

رهي هئي. ايياس بعد فيصلو ٿيو تہ سڄو اسٽاف بدلي، ان کي نئون ماڊرن روپ ڏيڻو ۽ گراهڪن کي هرهڪ بل تي هڪ ڪوپن ڏيڻو. بعد ۾ هنن جي سٽنگ رکڻي ۽ هنن جا وِيوُز ونڻا ۽ ڪين پيٽ ڏيڻي. هڪ ٻيو بہ فيصلو سندر ڪري ورتو. ٽرسٽيءَ جي ڏيءَ هن کي ٻين ڪمن ۾ بہ اسسٽ ڪندي ايندي ۽ هو پوءِ هنکي پڇي ڏسندو- اگر هوءَ بہ چاهي تہ هو مائٽن جي چنتا دور ڪندا.

هيرواڻيءَ جوڌپور يونيورسٽي لئبريريءَ ۾ هڪ واقفڪار جي مدد سان پنهنجو اييياس جاري رکيو ۽ وئڪيشن پوري ٿيڻ کان اڳ ئي واپس اچي هت اچي هن اهي فارم ڪڍيا جن ۾ آسوتوش ۽ نيها جو جنم استان تاريخ ۽ وقت لکيل هو. ڪنهن طرح هن ٻڙودا وچي پنهنجي جنم ڪنڊلي مئچ ڪرائي. هن کي عجب لڳو. هنن جو مئچ فقط ٢٢ سيڪرو بيٺو. هن اهو سڀ پاڻ تائين محدود رکيو.

آسوتوش سان ملڻ تي هن کي پتو پيو تہ هو ٻئي ڪلڪتي گهمي آيا. گهروارن هنکي هڪ لک رپين جو ڊرافٽ خرچيءَ طور ڏنو. جنهن مان هو پنهنجو ننڍو گهر قسطن تي وٺندا. هنکي خيال آيو تہ هو اُها مئچ ميڪنگ واري ڳالھ آسوتوش سان ڪري يا سندر سان ڪري. تہ ٻنهي کي اهو سٺو نہ لڳندو. نہ ئي هاڻ ان جو ڪو مطلب سڌ تي سگهي تو.

هن محسوس ڪيو زندگيءَ جا لاها چاڙها اِنسان کي پنهنجي سِر ئي سهڻا آهن.

تنهن ڏينهن گهر اچي هن سندر جي اَچڻ جي راھ ڏسڻ کان سواءِ ئي جنم ڪنڊلين جا سڀ فارم ۽ پنا ڦاڙي ڇڏيا. سندر جي اَچڻ تي جڏهن هن کي سندر پنهنجي يوجنا ٻڌائي تہ هو ويتر اُتساھ ۾ اچي ويو. هن کي لڳو هن جي اڳيان هڪ ڏنڊ هو، جو ڏيري ڏيري هٽي ويو آهي. هن کي پنهنجي مٽڻي ٽُٽَڻ جي ٻوجھ کان مڪتي ملي سگهندي. هاڻي هن کي وشواس ٿيو تہ ان جو ڪارڻ سچ تہ نہ هو پاڻ هو ۽ نہ ئي هن جي جنم ڪنڊلي.

(ڪونج- ٢٠٠٢)

# ڪرفيو

صبح اچا ٿي رهيو هو. آهستي آهستي ياد اَچي رهيو هو. رات سُمهڻ وقت گهر جي آس پاس ڪرفيو آرڊر هو. مونکي لڳو، هاڻ تہ صبح وارو چڪر بہ ٿي نہ سگهندو. اخبار بہ دير سان ملندي. ڪير ملڻ جي پڪ بہ نہ هئي. ۽ شريمتيءَ جي غيرحاضريءَ ۾ سنان پاڻي وغيره وغيره ڦناڦٽ ٿيڻ وارا سڀ ڪم بہ سُستيءَ سبب ڍلا ڍلا ٿيڻ وارا هئا. هڪ وڏيڪ جهوٽو ڪائي ونڻ جي خيال اچڻ تي ائين محسوس ٿيڻ لڳو ڄڻ ڪا وڏي ڪم جي ڳالهہ سجهي هجي!

وهاڻي تي ڪنڌ رکندي ئي در تي دستڪ ٿي. هن سويل صبح جو ڪرفيو وقت ڪير ٿي سگهي ٿو؟ ڪنڌ ڪڍي مان ليٽو پائي ڏسڻ لڳس. ڪو پوليس وارو هو.

”پاڻي ملندو؟“

”ها ها، اَچو“ چئي مون در کوليو ۽ پوءِ فرج مان بوتل ڪڍي ننڍو شيشي جو گلاس ڪڻي هن کي ڀري ڏنو. اهو پي هن ٻيو بہ گهريو. مون اُن ۾ بوتل خالي ڪئي. ويچارو اُڃايل هوندو.

”مهرباني“ چئي هو هلڻ لڳو. هو هڪ ٺاهوڪو قدارو نوجوان هو. خاڪيورديءَ ۾ هنجو هڪ ڪلهو وزندار پٽن ۾ پيل بندوق سان سجايل

هو. هنجي پيشانيءَ تي پگھر جھلڪي رهيو هو. عام طور هنن سخت ماڻھن جو چھرو مون کي منجھيل لڳندو آهي، پر هن پوليس واري جو چھرو سُلجھيل هو. مون کي لڳو، پوليس جي ڪٺورتا جي پيل اَثر تي وري ويچار ڪرڻو پوندو. هنجي چھري، تي هلڪي مرڪ نمايان هئي. مون هن کان ائين ئي پڇيو ”توهان جو نالو؟“ هن منهن ورايو. ڄڻ هن کان هنجي لياقت بابت پڇيو ويو هجي! پھرين تہ منهن تي عجب ڇائنجي ويس. پوءِ ساڳي مرڪ آڻي هن چيو ”پوليس“.

کُلهي ۾ پيل وزندار پٽو ٿورو مٿي ڪري هن وري اُهو اُتي چڙهي ڏنو. هن مون کي بہ مشڪندو ڏسي، پنهنجو پاڻ ئي صفائي پيش ڪئي. ”ڀائي! ڊيوٽيءَ تي اَسان کي ڪپڙن، بندوق، ٽوپلي ۽ لٺ سان ئي سڃاتو ويندو آهي، يا وڌ ۾ وڌ نمبر سان.“ مان هنجي سادگيءَ ڀرئي لهجي تي اڃا بہ مشڪي رهيو هوس. ٿورو سُري هوُ رُڪيو ”منهنجو نالو مرليڌر آهي.“ چئي هليو ويو. هنجي چھري تي بہ هلڪي مرڪ جاري هئي. هن طرح هڪ پوليس واري جي سڀاجھي وهنوار تي، مان سوچڻ لڳس تہ پوليس وارن ۾ بہ دل هوندي آهي!

مرليڌر!

پر هو تہ بندوق ڌاري آهي!

بندوق - ڌر!

مون کان ذري گھٽ کل نڪري وئي. هن جي چپن تي مُشڪ ڏسي لڳو، هونءَ هن جو نالو برابر آهي. مون کي ڪجھہ نئون نئون محسوس ٿيڻ لڳو. مون اڌ در بند ڪري اڌ کولي ٻين پوليس وارن جي چپن تي نظر ڊوڙائي. مان نراس ٿيس. شايد هنن جي ڀاري پوشاڪ جي اَثر هيٺ هننجي مشڪ دٻجي ويندي هوندي. پريان ڏسجي ائين رهيو هو تہ برابر هنن سڀني پوليس وارن جو هڪ ئي نالو ٿي سگھي ٿو. ”پوليس!“

بوتل ۽ گلاس فرج مٿان ڇڏي مان وهڻ لاءِ سوفا طرف مڙيس تہ فون

جي گھنٽي وڳي. بنا ڪجھ ڄاڻڻ جي مون فون کڻي چيو ”گوڊ مارننگ!“ ھن سويل صبح جو فون ڪرڻ وارو چاھي ڪو رانگ نمبر ئي ڇو نہ ھجي، سامھون واري جي گوڊنيس جي ڪامنا ڪرڻ نيڪ ئي ٿيندو. پر ڳالھ ڪجھ ٻي ھئي. سامھون مسٽر گوکلي ھو. ھن چيو، ”رات مسٽر پٽاچاريہ کي گولي لڳي. اڄ سويل صبح جو گذاري ويو!“

گوکلي کي مان ڪجھ چئي نہ سگھيس. ماٺ وٺي ويئي. پٽاچاريہ ھنجو ۽ منھنجو بہ دوست ھو. گوکلي پاڻ بہ وڌيڪ ڪجھ چئي نہ سگھيو. شايد ھن وٽ ۽ مون وٽ ھڪ گھڙي چوٽ ڪندڙ چپ ھئي.

پٽاچاريہ اڄا شام جو اسان ساڻ گڏ ھو. تڪڙ ۾ فون رکي مان پٽاچاريہ جي گھر پھچڻ لاءِ تيار ٿيڻ لڳس، ٻاھر نڪرڻ وقت در تي پھچي ياد آيو. ٻاھر تہ ڪرفيو آھي!

ڪرفيو!

در وٽ پھچڻ تي ٻاھران مرليڌر بيٺو نظر آيو. ”دروازو بند ڪرڻ پلجي ويا آھيو. ان ڪري بند ڪرائڻ آيو آھيان.“ ھن اطلاع ڏنو. ھن جي چھري تي ھاڻ مرڪ نہ ھئي. پر شوخي بہ نہ ھئي.

مرليڌر کي مون پنھنجي تڪليف ٻڌائي. منھنجو دوست پٽاچاريہ ڪالھ رات گولي لڳڻ سبب مري ويو آھي، ڇا مان ھن وٽ وڃي سگھان ٿو؟“

”نہ“ چئي ھو ھليو ويو، ھن جي تڪڙي، ھلئي وڃڻ باوجود مون ھنجي چھري جو بدلجندڙ رنگ ڏسي ورتو. شايد ھن منھنجي مجبوري محسوس ڪئي ھجي ۽ منھنجي دوست جي مرڻ جو ٻڌي ھن کي ڏُک محسوس ٿيو ھجي.

ٻاھر ڪجھ چرپر وڌيل ھئي. اوچتو صبح تي چڪو ھو. لوھي ٽوپا رفتار ۾ طرف مٽائي رھيا ھئا. ھنن پوليس وارن ۾ دل، ديا ۽ جذبات جي ھئڻ ۾ مونکي وري شڪ ٿيڻ لڳو. مان در ۾ پرسان بيٺو ھوس. اَچانڪ مرليڌر تڪڙو تڪڙو ايندو نظر آيو. ھن اَچي ڪري چيو- ”ھاڻ اڄا خبر آئي

آهي. ڪرفيو ختم ڪيو ويو آهي. توهان پنهنجي دوست جي گهر وڃي سگهو ٿا.“

ساعت ترسي مان هن کي ”مهرباني“ چئي ٻاهر نڪرڻ جي تياري ڪرڻ لڳس. اَڃا اسڪوٽر ڪڍيو تہ مرليڌر اڳيان وڌي آيو. ”توهان مون کي بہ وٺي هلندا؟“ هن اِلتجا ڀرئي لهجي ۾ چيو. پر وري ڪجهہ سوچي هن پاڻ ئي اِنڪار ڪيو. ”نہ ڇڏيو. اُتي پوليس ڊريس ۾ هلڻ سان پاڻ ماڻهو نفرت سان ڏسندا. هنجو موت بہ پوليس جي گوليءَ سان ٿيو آهي نہ!“ ۽ هو آهستي آهستي هيٺ ڪنڌ ڪري واپس وڃي رهيو هو.

شمشان طرف ويندي مون پاڻ کي سيني جي پويان پاتو. جڏهن سڀ سر زمين تي پهچي اَندر ويا، مون پاڻ کي ٻاهر جڻ ڪنهن جو انتظار ڪندو محسوس ڪيو. اَهڙن وقتن تي مونکي ائين لڳندو آهي. موت اِنسان کي ننڍي ٻچي ويو آهي! جڻ مان اُن کي ڳولهي رهيو هجان. ڦاٽڪ ٻاهران نديءَ مندر طرف!

منهنجي اڳيان ڏيري ڏيري، هڪ شخص وڌي رهيو هو. يونيفارم ۾ ڪونہ هو. ان ڪري هنکي سڃاڻڻ ۾ ڪجهہ دير بہ لڳي. هن جي اکين ۾ هڪ غمگيني ڇانيل هئي. هو منهنجي پرسان اَچي دُکي ڀاوَ ۾ نهارڻ لڳو. هن جي ۽ منهنجي دل پرجي آئي. پتو ئي نہ پئجي رهيو هو. ڪير ڪنهن کي دلداري ڏيئي رهيو هو.

پوليس وارا بہ ائين دُکي ٿي سگهندا آهن! مون کي اهو ڏسي عجب لڳو. پر بہ آخر هو ڇو هت آيو آهي!

”مرليڌر، تون ڇو هت آيو آهين؟ ڪو خاص سبب؟“

”توهان جو دوست پوليس جي گوليءَ سان مري ويو آهي نہ!“

”ها!“

”مان اُهو ڀڳوان کي ٻڌائڻ آيو آهيان“ هن مندر طرف نظر ورائي چيو. ”مون نہ سمجهيو ڀڳوان کي ٻڌائڻ. پر ڀڳوان کي تہ سڀ خبر هوندي

آهي نه!‘‘

’’پڳوان کي شايد اها خبر نه هجي ته هڪ بستيءَ کي جلائڻ جي هن جي ڪِنِ بندن جي ڪوشش روڪڻ لاءِ ٿيل فائرنگ ۾ ڪرفيو پاس وٺي لنگهندڙ هڪ نردوش راهداري پٺاچاريه جو موت ٿي ويو!‘‘ چئي مرليڌر چڻ ساهه پٽڻ لڳو.

مون مرليڌر کي کُلهي تي هٿ رکي دلجاءِ ڏيندي چيو- ’پر ائين اهو سڀ توکي ڇو ٿو سُجهي؟‘‘

چوڻ لڳو: ’’مونکي ائين ٿو محسوس ٿئي. اهو گولي هلائڻ وارو پوليس وارو به مان هوس ۽....‘‘ ٻڌي مون کان هلڪو چرڪ نڪري ويو.

’’۽....؟‘‘

’’۽ اهو پٺاچاريه به مان هوس! جنهن کي گولي لڳي!‘‘

’’پر...‘‘

’’پر اهو سڀ مون کي توهان سان ملڻ کان پوءِ محسوس ٿيو!‘‘

مرليڌر جون ڳالهيون سمجهه ۾ نه اَچي رهيون هيون. ڇا اِهو محض انسانيت جو ناتو هئو يا ڪجهه ٻيو جيڪو لفظن ۾ چئجي نه رهيو هو!

مرليڌر جا پوءِ جا چيل لفظ اڃا به وڏيڪ اڻ ڇٽا هئا هو چوندو رهيو:

’’ماڻهو آخر به ماڻهو آهي. ماڻهو پوءِ اول به ماڻهو آهي. ماڻهو فقط ماڻهو آهي. پوليس وارو به ماڻهو آهي....‘‘

مرليڌر جي چهري تي انساني برادريءَ جو احساس جهلڪي رهيو هو. هن جي پنهنجائپ درلڀ انوڀوتي هئي. هو به اسان مان هڪ ٿي ويو. لڳي پيو، پٺاچاريه منهنجو دوست هو. هو گوڪلي جو دوست هو. هن پوليس واري جو به دوست هو. مان اڃا خاص ڪجهه سوچي سگهان، خبر ئي نه پيئي. مرليڌر ڦاٽڪ ٽپي اَندر شمشان جي ڪمپائونڊ ۾ وڃي چڪو هو. دوُر - پري هڪ پوليس جيپ گاڏي ڪنهن وڏي وڻ جي ڇانو ۾ بيٺي هئي.

(سپون- ٢٠٠٣)

# ڪجهه نه چاهڻ جو سُک

بس بدرينات تيرٿ ڌام طرف ائين هلي رهي هئي، جڻ تي ڌام پورا ڪرڻ کان پوءِ هيءُ چوٿون ڌام ياترا ڪرڻ سان، ڊرائيور جو جنم سڦلو ٿيڻ وارو آهي. ڪڏا-کُڏا، نديا وڏا لاهه چاڙهه، لوڏا جهٽڪا- اِهو سڀ هت تڪليف وارو نه پر تسڪين بخش هو. ڇو جو ان ۾ زمين تي هئڻ جو احساس ٿي رهيو هو. باقي درين مان تہ زمين بجاءِ فقط ڪاهي نظر اَچي رهي هئي. ڪڏهن ساڄي، ڪڏهن کابي پاسي. ڪٿي اونهي ايتري جو ترو ڏسڻ لاءِ سسي دريءَ مان ڪيڻ سان جڻ پانواٽي پئي اَچي. گول گول سوڙها موڙ، سرڪس جي ’موت جي کوهہ‘ نالي وڏي گول پڃري ۾ بائيڪ تي سوار سوروير جي ياد ڏياري رهيا هئا. منهنجو نہ فقط متو ڦري رهيو هو پر سڄو جهان ڦري رهيو هو. بس ۾ ويٺل ياترين ۾ اڌ کان به وڌيڪ ان علائقي جا رهاڪو هئا، جي هن قسم جي ياترا ۾ اُنهن جي جوکمن تي هريل هئا. هنن مان ڪن کي بدرينات جي لنبي ياترا بجاءِ وچ ۾ ايندڙ ڳوٺن ۾ لهڻو هو. پوءِ بہ هو گهڻو ڪري مِني نند ۾ هئا ۽ بين ياترين جي ڪُلهن کي سهارو ڏيئي رهيا هئا. ٻيا ڪجهه ياتراڌام جي پڄ ڪمائڻ وارا هئا جي من ۾ ’جئہ بدرينات‘ پڪاري چِت کي ٽانئيڪو رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. تن ۾ سياڳي بہ شامل هئي. هن کي تہ خاص

گرمي تي رهي هئي، جا هونءَ بہ چار ڏينهن اڳ ’راڄڌانيءَ‘ جي ايئر ڪنڊيشنڊ ٽرين ۾ بہ ڪيس تي رهي هئي ۽ نہ ئي ڪو تيز برسات جي تڏڪار جو ڦُرنو هو، جيڪو هونءَ هنڪي ٿوري برسات ۾ بہ ٿي پوندو آهي. شايد اهوئي منووگيان جو چمتڪار آهي تہ تڏ يا گرمي بہ شرير ڪان وڌيڪ ۽ اڳ، من کي ٿيندي آهي. من جو اُتساهہ تن جي شڪتيءَ کي وڌائي ٿو ڇڏي. هن کي اُتساهہ اِن ڳالهہ جو هو تہ هيءُ هن جو چوٿون ۽ آخرين ڏاڍ پورو ٿيڻ وارو آهي ۽ ان جو پڇ هڪ طرف ملڻو آهي ڪيس ۽ سماج ۾ رُتبو بئي طرف. شاستر پل پوٿين ۾ پڙهڻ يا ڪمپيوٽر ۾، ان جو اَثر نہ بدليو آهي.

سياڳي در اصل ان لوپ ۾ هيءَ ڏکي ياترا بہ سولي سمجهي ماٺي رهي هئي، پر منهنجو حال ڪجهہ ٻيو هو. بس، پڇوئي نہ! پر پڇو تہ ٻڌايانوَ تہ مان هن ڏکئي مارگ جو راهگير آهيان ئي ڪونہ. مان ويچارو ڇا ڄاڻان اِهي مندر مٺ ۽ گِرجا گهر! پر سياڳيءَ جي خوشيءَ جو فڪر ڪرڻ اهو ئي هن وقت منهنجو ڌرم ڪرم. سياڳي خوش، تہ پوءِ هيءُ تڪليفون بہ اکين تي. پر هت هيليڪاپٽر جي ياترا بس ۾ ڪرڻ! آهي تہ جُڙِ! مون جهڙا مورک هت ايڏا هئا جو منهنجو تہ ڪو ڪلاس ئي نہ هو. ماڻهو مهانگيون ڪاريون ڪاهي آيا ۽ اُنهن جي هڏ ڳڏ پڇڻ جي پرواهہ ئي نہ! اَسان کي ڪنهن سياڻي چيو تہ لوڪل ڊرائيور مڪاني حالتن سان هريل هوندا آهن، ان ڪري پبلڪ ٽرانسپورٽ ۾ ئي، سمجهداري آهي. اَسان کي اڳ ئي هماچل پرديش جي سملا ۽ ڌرمشالا جي پهاڙي پيچرا پار ڪرڻ ۾ بہ بس ئي صحيح لڳي هئي، اُنهن جا ڊرائيور وري بہ ڪنهن حد تائين ڪنٽرول ۾ رهندا هوندا.

سچي وات حادثن جا آثار، قدرتي نظارن کي ڍپ جي چادر ۾ ويڙهي رهيا هئا. بيءَ نظر سان هت پهاڙ ۽ بادل، سج ۽ برسات، سنجها ۽ وڻڪار، پکي ۽ پاتال بيشڪ دُرلڀ پرڪرتيءَ جو پردرشن هو.

واهہ هيٺ اوُنها وَهي رهيا هئا ۽ اسين مٿي هئاسين. پڪي آسمان ۾ نہ، پاتال ۾ اُڏامي رهيا هئا ۽ اسين مٿي آڪاس ۾ ربڙ جي ٽائرن جي هوا جي حوالي هئاسين. شايد اَهڙن نظارن ئي ويدن جي رچنا جي ڪلپنا ڪئي سرڳ ۽ نرڳ جهڙيون تشبيهون سُجهايون هونديون. ماڻهو مٿي آهي، سلامت آهي تہ سرڳ، هيٺ تہ تباهيءَ جو نرڳ. ان ڪان بہ اڳتي، ماڻهوءَ کي هيٺري وشال- بدري وشال جي اَٿاهہ جي اوک ڊوک ڪرڻ جي اَسمرٿيءَ ئي ايشور جي تشبيہ سُجهائي هوندي. هن کي لڳو هوندو، پاڻ مُرادو نهيل سرشٽي ئي سَهين، ڪوئي تہ ضرور هوندو، جنهن کي ان جي سموريت جي ٿوهہ هوندي- بوجهہ هوندي! اَڻ ڄاڻائيءَ جي بيوسيءَ ئي شايد ايشور جي ڪلپنا ڪرائي هوندي.

گهڙي پر لاءِ مان بہ شرڌا کي، ذري گهٽ شرڌا کي ڇُهڻ جي قريب پهچي ويس. گهٽ ۾ گهٽ، ڪنهن بہ بهاني، جوکم کٽي بہ، هيءَ سرشٽي عام ماڻهوءَ جي ڏسڻ لاءِ هڪ وڏو مشاهدو آهي. هرڪو تہ هماليہ ڪونہ چڙهي سگهندو. ۽ هيءُ ڪشٽ سهڻ لاءِ شرڌا هڪ ئي هٿيڪو هٿيار آهي، جيڪو سياڳيءَ وٽ هو. مان اُن کان خالي هوس. ان ڪري دکي هوس. سياڳيءَ وٽان اهو ملي تہ سگهيو ٿي، مون ونڻ جي لياقت نہ پراپت ڪئي هئي. ان ڪري اها ياترا هن لاءِ قدرت کي پائڻ جي ياترا هئي، منهنجي لاءِ قدرت کي ماڻڻ جي ياترا هئي. هن کي ان مان چئن ڌامن جو پيڇ پراپت ٿيڻ جو اڻ لکو احساس هو. مون وٽ اهو اڪائونٽ اجا کُليوئي نہ هو. هوءَ جيتڻ جي خوشيءَ ۾ هئي، مان هار جيت جي موهہ کان آجو هوس. آخر اهو سُکون، جيڪو سياڳيءَ کي ملي رهيو هو، مون کي ڪٿان ٿو ملي سگهي؟

من ۾ سوال جڏهن ڪر موڙي جهٽڪو ڏئي ٿو، تہ مان بس ۾ ويٺي ئي هڪ لوڏو محسوس ڪريان ٿو. هونءَ بس وچ ۾ ڪٽي بيٺي هئي ۽ کي ماڻهو لهڻ لڳا هئا. شايد هنن کي پنهنجي منزل ملي وئي هئي ۽ منهنجي

منزل جو سوال ئي ڪونہ ٿي پيدا ٿيو. پر اهو سوال ضرور پيدا ٿي رهيو هو- سچو يا ڪوڙو- ڪِنِ لاءِ ڪَوڙو ٻين لاءِ ڪوڙو. پر اَحساس ڪرڻ وارن لاءِ- سچي سُڪون جو اَحساس، ٻُڍيءَ واري غريب اِنسان لاءِ ڪٿان تو اَچي سگهي؟ عيش مان بہ نہ، اهو بہ عارضي آهي. پئسي مان بہ نہ، اهو بہ ٻاهريون تھ آهي. ڪيرتيءَ سان بہ نہ اهو بہ 'پرم' جي پيدائش آهي. دان، پُڃ، پوڄا، ڌرم، ڪرم وارن جي قطار کان جي ٻاهر آهن، اُنهن کي اهو سڪون بخش اَحساس نہ ملڻ تہ 'ٻُڍيءَ' جي وڏي هار آهي. شرڌا وارو ٻڌي وادي تي سگهي تو. پر ٻڌي واديءَ جو شرڌاوان ٿيڻ- ٻڌي واد جوئي خاتمو آهي.

مان سوچڻ لڳس. بس هلڻ لڳي.

سياڳي خوش هئي. مان نراس هوس.

هونءَ بہ اَڪثر ائين ئي هوندو آهي.

هن وٽ شرڌا جي چاٻي هئي.

مون وٽ تلاش هئي. شرڌا وان کي پنهنجي ڌرم ڪرم سان جيڪو سُک سنتوش جو احساس ملي رهيو هو، اهو مونکي ڪٿان تو ملي سگهي؟ مان بس ۾ ياترا ڪندي ڪندي 'ڌرمشالا' جي لئبريريءَ ۾ پهچي ويس. مان تلاش لڳس. سڌارٿ جيڪا سِڌي حاصل ڪئي، ان مارگ ۾ بہ اُهو اَحساس نظر نہ آيو. ڪنهن ڏُکئي جي ڀلائي ڪرڻ ۾ بہ نظر نہ آيو. پنهنجي ڏکئي ٿيڻ وقت ٻيا ڀلائي ڪندا، اُهو حسابي ڪتابي ليکو اُتي پورو ٿي ويو.

گوتم کي پنهنجي سوال جو جواب جنهن وڻ هيٺان مليو، مان ان سمرتيءَ کي ڏارڻ ڪرڻ لڳس. پر شرڌا جو ڪو وڪلپ نہ مليو.

بس هلي رهي هئي. اسين هاڻ بدريناٿ جي ڌام طرف وڌي رهيا آهيون. رستي ۾ رات رهڻ بعد بہ ان تلاش جو جواب نہ سجهيو ۽ پوءِ پنهنجي اندر وارو پنهنجي ئي اندر واري کان پڇڻ لڳو- ڪنهن ڳالهہ

جي تلاش ۾ آهين. پنهنجي ئي اندر واري، اندرواري کي ڇيو سُک سنتوش جي احساس جي تلاش ۾، ۽ بس جو هڪ لوڏو آيو. من ۾ بہ. پنهنجي ئي اندر واري، اندرواري کي ڇيو- اهو تہ معمولي سوال آهي، اهو سُک تہ ڪجھہ بہ نہ چاهڻ ۾ سمايل آهي. آزمائي ڏس. ڪجھہ بہ نہ چاهڻ ۾ ئي اهو سُک آهي.

ها. مون پنهنجو پاڻ کان پڇيو.

ها. مون پنهنجو پاڻ کي ڇيو.

’ڪجھہ بہ نہ چاهڻ‘ اهو ئي هڪ يوگ آهي، جنهن ۾ ’سُڪون جو احساس‘ ملي سگهي ٿو.

شرڌاوان ماڻهو اهو ٿورو ٿورو ماڻيندا آهن ۽ ٻيا، جيڪي اَناسڪت هوندا آهن، ڪابہ آس نہ رکندا آهن، اُنهن کي اهو احساس ڀرپور ملندو رهندو آهي. ڪجھہ بہ نہ چاهڻ جو سُکُ.

هاڻ اندر واري کي هڪ سنهي تسڪين ملي.

بس هلي رهي هئي.

بس لُڏي رهي هئي.

پر هاڻ منهنجو من لڏي نہ رهيو هو. مون بہ ير ۾ ٽيڪ ڏيئي، اکيون ٻوٽي، وري قدرت جا نظارا ڏسڻ شروع ڪيا. هينئر صبح جي ٿڌي هير لڳي رهي هئي. بس هلي رهي هئي. مان شانت هوس. من بہ شانت هو. مان ڪجھہ بہ نہ چاهڻ جو سُک ماڻي رهيو هوس ۽ پنهنجي هڪ خاص دوست ڪبير جون ساکيون مَنَ ۾ گنگنائڻ لڳس. ير ۾ سياڳي مون کي خوش ڏسي، هلڪو مسڪرائي رهي هئي.

بس هلي رهي هئي.

وقت جڻ بيهجي ويو هو.

(ڪونج - ۲۰۰۴)

# ميوزيم

”پاپا، سنڌي ڪتابن جو ڇا ڪريون؟“ دوا جي شيشي رکندي آشا پڇيو.

”دنيا ۾ هر ڪنهن ننڍي توڙي وڏي مسئلي جو بهتر حل ملي ئي ويندو آهي.“ دوست کي هو سمجهائي رهيو هو. هن کي لڳو، سندس ننُهن آشا کيس ڪجهه چيو پر هن جو ڌيان پنهنجي دوست طرف رُڌل هو. هن آشا کي ائين ئي ويندي ڏٺو. ٿورو مُنجهي هن پُڇيو. ”آشا، تو ڪجهه چيو پئي؟ منهنجو ڌيان نه هو.“

”نه، خاص ڪجهه نه آهي. ائين ئي. پوءِ ڏسنداسين.“ آشا تيستائين چانهه جي ٽري کڻي آئي.

پاڙيسري سُندرداس کي هن پنهنجو طرف سمجهائڻ شروع ڪيو. ”مون کي ڏس. اَسان اَڳيان ڪيترا عجيب مسئلا ايندا رهيا آهن. ڪڏهن اِسڪول ڪونه هئا- يا سنا ڪونه هئا. هاڻ ائڊميشن ڪانه ٿي ملي. ڪٿي سينٽرل اِسڪول کُليا ئي نه هئا. اَسان جا ٻار گجراتي ڪونه سِکي سگهيا. اسين انگريزي اَهڙي ڪانه پڙهي سگهياسين. منهنجي وائيف کي تون ڏسين وينو، کيس سڀ گجراتڻ سمجهندا آهن. اسان جي نُنهن مرائي واتاورڻ مان آئي آهي. وري به شڪر آهي، هندي يا اَنگريزيءَ ۾ ڪنهن

طرح جي رهيا آهيون.“

سندرداس کلي وينو. ”توهان تہ اسان کان بہ وڌيڪ ڏُکي آهيو!“ ۽ پوءِ بنهي کي کلندو ڏسي ننڍڙي ٻيبي اَيلاشا پٽڪڙن هڻن سان تاڙيون وڄائڻ لڳي.

چانهہ پي سندرداس ٻيبيءَ کي ٿا... ٿا ڪندي پنهنجي گهر ويو.

سُندرداس ڊاڪٽر هو. ڪجهہ سالن کان هو پنهنجي دوست ڀاري‌لعل جي پاڙي ۾ اَچي رهيو هو. هو اَڪثر پنهنجا ڏُک سُک ونڊڻ ڀاري لعل وٽ ايندو رهندو هو ۽ ڪافي خوش ٿي ويندو هو. ڀاري لعل جو ننڍو ۽ آدرش ڪٽنب هن لاءِ سُڪون بَخش هو. اڄ ڪلهہ هو پنهنجي هڪڙي ئي پُٽ جي اَنتر جاتي شاديءَ جي سلسلي ۾ ڪجهہ فڪرمند هو ۽ ڀاري‌لعل هن کي دلجاءِ ڏيندو رهندو هو.

سندرداس جي وڃڻ کان پوءِ ٿورو ترسي آشا هن جي پلنگ جي ير ۾ ويهي پڇيو ”پاپا، سنڌي ڪتابن جو ڇا ڪريون؟“

هر ننڍي وڏي مسئلي جو وهنوارڪ حل ڳولهڻ ۾ ماهر ڀاري لعل اَڄ ٿورو منجهندي چيو- ”ڇا ڪريون؟“

”اَڇا تہ ڪتاب روز نوان اَچي رهيا آهن. توهان هاڻ پڙهي ڪونہ ٿا سگهو. ٻيو ڪو تہ هونءَ ئي ڪونہ ٿو پڙهي سگهي.“ آشا پنهنجو سوال چٽو ڪيو. هوءَ اَڄ ڪلهہ گهر کي نيڪ ٺاڪ ڪرڻ ۾ لڳل هئي.

”ها بابا. سوچڻو پوندو. ڳالهہ تہ سچي آهي. هاڻ مان تہ پڙهي سگهان ڪونہ ٿو. شرير جا دک نظر جي تڪليف. مٿان ڍير سارا ٽيليوزن پروگرام ۽ گهر ۾ گجراتي اخبارون، انگريزي مخزنون ۽ سنڌي ڪتابن جون پريل الماريون. سوچڻو تہ پوندو.“ هُن يڪساهي مسئلي جو دائرو تہ چٽو ڪيو پر حل ڪيس اڃا تہ سُجهي ڪونہ رهيو هو.

آشا اِهي نقطا اڳ بہ ٻڌا هئا ۽ هن ڪنهن بہ طرح جو ڪو بہ آگرهہ نہ پئي ڪيو. پنج ڇهہ وڏا ڪٻاٽ سنڌي ڪتابن جا گهر ۾ رکڻ جي هوءَ فقط

معنيٰ تلاشي رهي هئي. اگر ان جو ڪو بهتر اُپيوگ ملي تہ هوءَ ڳولهڻ چاهي پئي. ها. بس.

بهاري لعل وڏيڪ گنڀير ٿي چيو- ”ها، بيشڪ سوچڻو پوندو.“ چئي هو شام واري پنڌ ڪرڻ جي سئر تي وڃڻ لڳو.

سئر تان موٽي هن آشا کي سڏ ڪيو. پر ۾ وهاريو. هن پوءِ پنهنجي سوچيل سُجهاون جا تفصيل ٻڌائڻ شروع ڪيا.

”ڏس. تون آهين ايم.بي.اي. تون چوندي آهين، ڪنهن فيلڊ جي سورسز جي آڌار تي آپشن ناهي سگهبا آهن. مان توکي سورسز ۽ سڃيوئيشن تہ ٻڌائيندو رهيو آهيان. هاڻ تون ئي پنهنجي ماسٽري ڪم لڳاءِ ۽ مون کي ٻڌاءِ تہ تون جيڪر ڪهڙا آپشن لسٽ ڪري سگهين. ها، آخرين اثارٽي منهنجي!“

آشا مسڪرائيندي چيو- ”او.ڪي. پاپا. مان ورڪ آئوٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿي.“

ٻئي ڏينهن صبح جو آشا هن کي هڪ پرنٽ آئوٽ ڏني. هن هرممڪن سجهاوَ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. پر بهاري لعل پڙهي نراس ٿي ويو. گهڻو ڪري اُهي سڀ اُپاوَ هن فقط سوچيا ئي نہ هئا، اُنهن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي هئي.

پبلڪ لئبرريءَ کي ڪتاب ڪباٽن سوڌو دان ڏيڻ، هڪ الڳ لئبرري اِتي ئي يا ڪٿي بہ برپا ڪرڻ. يونيورسٽيءَ ۾ ڊپارٽمينٽ کان سواءِ لئبرري سيڪشن جي آفر کي سويڪار ڪرڻ، سنسڪرت ارڌماگڌي اَپڀرنش ڪتابن ساڻ سنڌي ڪتابن جو وياڳ ڪولڻ، سنڌي ڪتب ڳولهي اُنهن کي ٿورا ٿورا ڪتاب ييٽ ڪرڻ، يا جئن پيا آهن تئن پيا رهن، جهڙا سڀ اُپاوَ هن سوچيا هئا. هن کي ڪتابن جو ميوزيم ڪولڻ تي سخت اعتراض هو ۽ هي اُپاوَ اُن کان الڳ نہ هئا.

بهاري لعل اخبار رکي هيءَ لسٽ پڙهي وڌيڪ اُداس ٿي ويو. چانهہ

پيئندي هن وري ٻيا اُپاءَ سوچڻ شروع ڪيا. هن کي لڳو، هن جو اهو وشواس نہ لُڏي وڃي تہ نيت هر مسئلي جو ڪو نہ ڪو يوڳيہ حل ملي ويندو آهي. ۽ هن وقت هن کي پنهنجي ان مسئلي جو حل ڪونہ ملي رهيو هو. هن آشا کي ٻڌايو، هو سنڌي ڪتابن جو ميوزيم پنهنجي اکين سان ڏسڻ ڪو نہ ٿو چاهي. هن اڳيان ايندڙ سڀ اُپاءَ وهنوارڪ طور عملي نہ هئا- ڇو جو هن وقت هن کي سنڌي ڪتاب پڙهي سگهڻ جي عمل جي ئي اَڻ هوند کٽڪي رهي هئي. هن کي ياد آهي يونيورسٽيءَ جي لئبرريءَ ۾ ڊپارٽمينٽ جي قبوليت ڪيس آفر جي روپ ۾ بہ ملي، جنهن هن کي ڪو وڏو خرچ نہ ڪرڻو پوي. پر هر ڪتاب تي انگريزيءَ ۾ اڳيان ۽ پنيان ٽائيٽل، ليکڪ ۽ وشيہ جو ڪلاسيفڪيشن نمبر لڳايل اِسٽيڪر هڻڻ جو شرط رکيو ويو. تڏهن ئي هن کي خيال آيو پنج هزار ڪتابن تي اِها محنت ڪرڻ کان پوءِ بہ اُن جو ورلي ڪنهن ريسرچ جي اِمڪان کان سواءِ اُپيوڳ ٿيڻ جي آشا تہ نہ ئي هئي. ۽ هن اهو اِرادو بدليو هئو. اَڄ ان ڳالهہ کي بہ ٻہ سال ٿي ويا هوندا. هاڻ تہ هن ان بابت سوچڻ بہ ڇڏي ڏنو هو. هن کي خبر هئي، جنهن مسئلي جو ڪو بہ خاطر حل نہ ملندو آهي تہ اهو وقت تي ڇڏي ڏيڻ جو رواج آهي. پر هن وقت هن جي نُنهن کيس وري ان جو حل ڳولهڻ ۾ مدد ڪري رهي هئي. ۽ ان ڪري هاڻ هو بہ وري سوچڻ لڳو هو.

چار پنج ڏينهن وري اِها ڳالهہ ڪانہ نڪتي. البت ٻهاري لعل جي ذهن ۾ سوچ ويچار جاري هو. هن ڪن هاءِ ٽيڪ چاڙن کان اسيسمينٽ ڪرائي تہ هنن ڪتابن جا ڪي حصا آڊيو فارم ۾ آڻڻ جا ڪهڙا اُپاءَ آهن ۽ اُن جو بجيٽ ڇا ٿي سگهي ٿو. پر اهو بہ ڪارگر نظر نہ آيو. آڊيو لئبرري هڪ الڳ ماڌيہ اوس ٿيندو پر اِن سان اُنهن ڪتابن کان 'مُڪتي' ملڻي نہ هئي. اها لئبرري بہ سنڌي پڙهي نہ سگهڻ وارن لاءِ هڪ وڏيڪ سهوليت هئي. جي پڙهڻ چاهيندا هجن ۽ نہ پڙهي سگهندا هجن- اُهو تعداد بہ ڪو خاص نظر نہ اَچي رهيو هو. هنن وٽ ٻين ٻولين جو ساهتيہ ۽ ٻيا نوان

ماڏيم تہ حاضر هئا ۽ هو اُنهن مان واندا بہ ٿيڻا نہ هئا. وري اهو بہ فقط سنڌي ٻولي ڳالهائڻ ۽ سمجهڻ وارن تائين محدود سوال آهي. جي فقط پڙهي ڪونہ ٿا سگهن.

ائين بهاري لعل پنهنجي ئي سوچ جي دائري ۾ ڦٿڪي رهيو هو تہ اچانڪ هڪ ڏينهن هن جي نُنهن آشا مسڪرائيندي هن اڳيان هڪ لفافو رکيو. بهاري لعل سمجهي ويو تہ ضرور ڪجهہ خاص آهي. لفافي جو مضمون آشا جي چهري تان پڙهي هو بہ اُتساهہ ۾ اَچي ويو. هن لفافي مان هڪ وڏو ليٽر ڪڍيو ۽ جئن جئن پڙهندو ويو، هن جون اکيون ويڪريون ٿينديون ويون.

اُهو خط آشا کي سنڌ پاڪستان جي هڪ اِداري هن جي خط جي جواب ۾ لکيو هو. هنن کين ڄاڻايو هو تہ هو هننجا اُهي سڀ ڪتاب هڪ پروجيڪٽ جي تحت ٽوڪن ڪاسٽ اَٽڪل هڪ هزار اَمريڪن ڊالرس ۽ فارورڊنگ خرچ ساڻ وٺڻ لاءِ تيار آهن.

بهاري لعل ۽ آشا اڄا بہ مسڪرائي رهيا هئا....

(رچنا- ۲۰۰۴)

# مرتيو - اُتسَوُ

هن ڊائريءَ ۾ هڪ نقطو نوٽ ڪيو:

Everybody wants to go to heaven,
but nobody wants to die. (Joe Louis)

هن هاڻ گيتا جو هڪ سلوڪ ڊائريءَ ۾ اُتاريو:

वासांसि जीर्णनि यथा विहाय नवानि गृह्णति नरोऽपराणि।
तथा शरीराणि विहाय जीर्णान्यन्यानि संयाति नवानि देही।।२।।

هن گيتا جو سلوڪ دُهرايو.

۽ پوءِ ڊائري رکي سُمهي پيو.

ننڊ اَچڻ کان اڳ، هن کي وچتر ويچار ايندا رهيا.

ننڊ بہ تہ موٽ جي ريهرسل آهي.

اِها ريهرسل روز ڪرڻي آهي. ڇو جو موٽ روز اَچي سگهي، اهو ممکن آهي. پوءِ بہ اُن جي اَچڻ تي ڏڏڪو ۽ شوڪ ٿئي ٿو. جيڪو اَچڻو ئي آهي. روز فقط مهمل ٿئي ٿو. ان تي عجب ڇا جو!

اهو وري اوچتو ڪئن ٿيو؟ ان جو اطلاع تہ روز ٿو ملي. هر ننڊي وڏي کي!

هن پاسو ورايو.

اَڄ هن کي ننڊ جي انجيڪشن نہ هڻندا. هن پاڻ ئي نہ ڪئي ۽ ڊاڪٽر مڃيو. هوُ جاڳڻ ۽ سوچڻ چاهي ٿو. پر هن کي اَڄ ننڊ اَچي رهي آهي. شايد جلد ئي هن کي ننڊ اَچي ويندي.

هوُ ڪجهہ گهيرٽ محسوس ڪري ٿو. هوُ مڪمل شانتيءَ طرف ڊرڪي رهيو آهي. هڪ ڀيانڪ اونده جي لنبي غفا ۾ ڌڪجي سُري رهيو آهي. ڪيترا وڏا ڪارا آڪار هن کي ويڙهي ويا آهن. اُهي هن کي ننڊ ڪرائڻ آيا آهن. هن کي اڪين تي بار محسوس ٿي رهيو آهي.

هنجو دماغ شانت ٿي رهيو آهي. چيتنا شوُنيہ चेतना शून्य ٿي رهي آهي. هاڻ وڏا ڪارا آڪار آهستي آهستي هن کي غفا ۾ اَڪيلو ڇڏي پنيان سُرڻ لڳا آهن.

هو اَڪيلو آهي. هن کي ڪابہ سُڌ نہ ٿي پوي. هوُ سمهيل آهي. هو آهي. هو نہ آهي. خبر نہ آهي ڪيس تہ هوُ آهي يا نہ آهي. هن کي ڪجهہ بہ محسوس نہ ٿي رهيو آهي. هو ننڊ ۾ آهي- يا مري چڪو آهي. هن کي خبر نہ ٿي پوي. هن کي جڻ ان جي پرواهہ بہ نہ آهي. اِها ننڊ آهي، تہ بہ نيڪ آهي. جي اهو موت آهي، تہ بہ نيڪ آهي. هن کي ڪو فرق ڪونہ ٿو پوي. هو في الحال تہ آهي ئي ڪونہ. جڻ هوُ स्थितप्रज्ञ ٿي ويو آهي.

نہ اِسپتال، نہ ڊاڪٽر. نہ سسٽر. نہ روشني، نہ اونده. نہ پنکو، نہ اي.سي. نہ ڪمرو، نہ دروازو.

ڪجهہ بہ نہ.

ڪجهہ بہ نہ.

ڪجهہ بہ نہ.

ڪجهہ وقت اڳ ٿيل آپريشن وقت هن کي مورڇت ڪرڻ وقت ٿيل اَحساس، وري ٿيندڙ آپريشن جي خيال سان، ذهن ۾ دهرائجي رهيو هوس.

هن کي هاڻ ننڊ هئي.

ڊاڪٽر هن کي ڏسڻ لاءِ خاص وزٽ تي آيو هو. پيشنٽ لاءِ ننڊ ضروري

سمجهي هن ڪيس نہ جاڳايو. ڪيس پيپر تي ڪجهہ لکي هن اهو اُتي ئي وهاٽي پرسان رهڻ ڏنو. پرسان پيل هڪ ننڍي ڊائري ڏسي، ڊاڪٽر اها هٿ ۾ ڪنئي. پر پوءِ ڪنهن جي ڊائري پڙهڻ ٺيڪ نہ سمجهي، وري اُتي ئي رکي ڇڏيائين. هن کي ننڊ هئي. ڊاڪٽر اُتي هڪ ننڍو ڪتاب بہ ڏنو. ڊاڪٽر جي نظر وري اُن ڊائريءَ تي پيئي، اُن مٿان لکيل هو:

Every thing is for every body.

ڊاڪٽر کي هاڻ ڊائريءَ ۾ دلچسپي پيدا ٿي. هن ڊائري کولي ڏٺي. ان ۾ صاف سُٽرن اکرن ۾ ننڍا وڏا نوٽس لکيل هئا.

Death Speaks to us with a deep voice but has nothing to Say.
(Paul Valery)

How dieth the wise man? As the fool. (The Bible)

ڊاڪٽر پنا ورائي ڪجهہ سٽون پڙهندو ويو.

To die well is to die willingly. (Seneca)

ڊاڪٽر هلڪو مسڪرائي چپن ۾ چيو- Good

هوُ اڃا بہ پنا اُٿلائڻ لڳو. هن پڙهيو:

By medicine life may be prolonged,
yet death will seize the doctor too.
(Shakespeare)

ڊاڪٽر کان هلڪو چرڪ نڪري ويو. هو شيڪسپيئر تي ٿورو ناراض ٿيو. ڊائري رکي ڊاڪٽر آهستي ٻاهر نڪري ويو. روم جي ٻاهران وينل وارڊ بواءِ کي هن هدايت ڪئي- پيشنٽ کي ننڊ ڪرڻ ڏيڻي آهي. ٻاهر نڪري هن کي ٿورو افسوس بہ ٿيو. هن اَجايو ڪنهن جي ڊائري پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. چاهي اُها ڪا پرسنل ڊائري تہ نہ هئي.

چڱي دير ڪمري ٻاهران اِسٽول تي وارڊ بواءِ وينو رهيو. هن ڪابہ هلچل ڪرڻ ٺيڪ نہ سمجهي. دير رات جو هن جو پاڻ ۾ پاپي ٻاهران آيا. وارڊ بواءِ ڊاڪٽر جي هدايت کين ٻڌائي. هوُ نظرداري ڪري چپ چاپ

پرواري ڪمري ۾ هليا ويا.

رات جو دير سان هن کي ٿوري جاڳ ٿي.

هن پاسو ورائي ڏٺو. ڪمري ۾ ڪوبه ڪونه هو. هوُ آهستي اُٿيو. باٿ روم مان ٿي آيو. هن ٿورو پاڻي پيتو. ٿرماس مان ٿوري چانهه ڪوپ ۾ پري پنهنجي بيڊ تي وينو. هن کي ڪوچ تي ويهڻ نيڪ نه لڳو. چانهه جو ڍڪ پري هن ڪوپ ريوالونگ ٽيبل تي رکيو. هن پرسان رکيل پنهنجو من پسند ويفر بسڪيٽ ڪڍي هڪ چڪ پريو. باقي بسڪوٽ واپس ٽري تي رکي هن وري چانهه ڪنئي.

هن کي ياد آيو:

هن ڊاڪٽر کان بسڪيٽ کائڻ لاءِ پڇيو هو.

ڊاڪٽر کلي ڪري چيو هوس- ”ها، چو نه!“

هن وري ڊاڪٽر کي کلندي چيو هو ”ڊاڪٽر، توهان ڊاڪٽرس جي هڪ جوڪ نه ٻڌي هوندي.“

ڊاڪٽر- ”ڪهڙي؟ تون ٻڌاءِ.“

هن ڊاڪٽر کي چرچو ٻڌايو: ”ڊاڪٽر چاهيندو آهي. مريض ڪڏهن مري به نه، ۽....“

ڊاڪٽر- ”۽ چا؟“

هن چرچو پورو ڪيو: ”...۽ ڪڏهن پورو چاڪ به نه ٿئي.“

ڊاڪٽر کان سچ ۾ وڏو ٽهڪ نڪري ويو. ”واقعي مون ته اهو چرچو ڪونه ٻڌو آهي. اِٽ اِز اي سيريس جوڪ! پر مون وٽ ان جو جواب آهي.“

هن اِلتجا ڏيکاري، ”ييس؟“

”اسان ڊاڪٽر ايتري وڏي في اِنڪري وٺندا آهيون، جيئن مريض جو بلڪل نيڪ ٿيڻ اَفورڊ ڪري سگهون.“

هن کان ’واهه!‘ چئجي ويو. ”نائٽ بيڊ، ته پوءِ وڏي في قبول ڪرڻ گهرجي.“ هن چيو.

ڊاڪٽر هن جي مٿي تي هلڪڙو هٿ ڦيرائي مشڪندي ٻاهر ويو هو.

هن کي وري ٿورو بسڪوت کائڻ جي اِڇا ٿي. هن بسڪوت جو باقي اڌ بہ ڪنيو ۽ کائي ڪري چانهہ جو ڍُڪ ڀريو. ڪوپ رکي هوُ ليٽي پيو.

ليٽڻ سان هن کي وري ننڊ اَچڻ لڳي. هن کي هلڪو سوُر پوڻ لڳو. اهو سوُر هن کي ڇاتيءَ جي وچ تي ٿي رهيو هو. اڳ ڪڏهن هن کي اَهڙو سوُر ٿيڻ ياد ڪونهي. هن پاڻ کي پاڻ دلاسو ڏنو. شرير جون اُهي تڪليفون شرير جو ڌرم ڪرم آهي. شرير جي قائمي مالڪي تہ ڪنهن جي ڪانهي. ڪال بيل وڄائڻ بجاءِ هوُ ننڊ ڪرڻ لڳو.

شايد ڪو سپنو هو.

سپني جي ڪا ڪئن ڪري سگهجي؟

هن کي ڪجهہ ٻڌڻ ۾ اَچي رهيو هو. ڪيترا آواز، ڪي سڃاتل لڳندڙ، ڪي نوان. هڪ آواز بلڪل نئون لڳو ڪيس.

”ڪڏهن ڪڏهن اُن حالت ۾ مريض ’ڪوما‘ ۾ هليو ويندو آهي....“

هن کي پڪ ڪانہ ٿي. ڪير ڪنهن جي لاءِ چئي رهيو آهي. ڇا چئي رهيو آهي. هوُ ڪجهہ بہ ٺيڪ سمجهي نہ رهيو هو. هن ٻڌو هو- ”ڪوما ۾ هليو ويندو آهي.“ هن پنهنجو ساڄو-کابو هٿ هلائي ڏٺو. هوُ تہ ڪوما ۾ نہ آهي. هوُ تہ سڄاڳ آهي. هوُ سوچي سگهي ٿو. مريض ڪوما ۾ هليو ويندو آهي. ’هليو ويو آهي.‘ نہ چيل آهي. ’فل اِسٽاپ‘ اڃا پوءِ جي ڳالهہ آهي. هن پنهنجو پاڻ کي جاچڻ لاءِ وڌيڪ چر پر ڪرڻ چاهي. پر خاص ڪري نہ سگهيو.

جڻ هن جا پير ٻڌل هئا. هٿ ڪجهہ ڀاري هئا. هن وري ڪجهہ ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جيئن پڪ ٿئي تہ هوُ سڄاڳ آهي يا ڪو سپنو آهي يا ساپيا آهي يا ٻيو ڪجهہ. هن ياد ڪيو. ڪلهہ هن ڊائريءَ ۾ هڪ نوٽ لکيو هو.

To die well is to die willingly.

هن کي برابر ياد آيو: پر اهو نقطو ڪنهن جو چيل آهي، اهو هوُ ياد ڪري نہ سگهيو. هن ان بابت وڌيڪ سوچڻ شروع ڪيو. اهو هڪ لفظ

willingly ڪيترو نہ اَهم آهي. ڇا اِها هڪ Death wish آهي- يا ٻيو ڪجهہ. اهو آتم هتيا جو ڪو بهتر روپ ٿو لڳي. هن کي اڳ بہ گهڻا دفعا ويچار آيو هو: موت ڪيترو نہ وڏو ’فل اِسٽاپ‘ آهي. ان کان پوءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. ڪجهہ بہ نہ. هڪ اِنسان جي موت سان، هن لاءِ، پوري دنيا جو موت آهي ۽ موت ڪڏهن عارضي نہ هوندو آهي. گيتا؟ ها گيتا ۾ تہ اُن جي شوڪ-نوارڻ جو هڪ دلاسو آهي. جيئن دک کي سَهڻ سوَلو ٿئي.

موت سڀني منجهائيندڙ مسئلن کان نجات، هميشهہ لاءِ. هن کي ڪيترا دفعا ائين بہ لڳو هو. زندگيءَ موت ۾، موت جو وڪلپ؛ هرويرو هميشهہ غلط نہ آهي. بس اهو اول ۽ پوءِ، اِنسان کي ۽ هن جي ويجهن کي، پريشان نہ ڪري. پر ان لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهجي؟ ٻيا پريشان نہ ٿين، اهو تہ وري بہ ڪنهن طرح ممڪن ٿي سگهي، خود موت، پريشانيءَ کان سواءِ هميشهہ؛ ڪٿي ممڪن ٿي سگهي.

To die well is to die willingly.

اهو شايد ان جو بهتر علاج آهي. موت جو علاج. موت آڻڻ جو علاج- die well موت جي من سان قبوليت. ڇا موت جو ڪو شاستريہ اُپاءُ نہ آهي...

هن کي لڳو، هو برابر سجاڳ آهي. هوُ سڀ ياد ڪري سگهي ٿو. سڀ سوچي سگهي ٿو. هن کي ياد آيو: ونوبا ڀاوي نالي هڪ سنت مهاتما کائڻ پيئڻ ۽ علاج جو تياڳ ڪري موت قبوليو هو. شايد اهو ئي آهي die willingly. ڪيترائي سقراط، پنهنجي پسند ڪيل فليور جو زهر پي چڪا آهن؛ موت کي گلي لڳايو آهي. اوشو رجنيش موت کي شوڪ جو نہ، اُتسوَ جو ڏينهن ڪري مڃيو. هن جي موت تي هن جا پنهنجا ويجها نچي ۽ ڳائي رهيا هئا. ’شوڪ مُڪت‘ پل نہ هئا، پر هنن جي اهڙي ڪوشش رهي. شوڪ پرمپرا موت کي وڏيڪ ڀيانڪ ڪري ٿي. موت کي سهڻ لائق بڻائڻ لاءِ هن اهو مرتيو اُتسوَ جو ويچار ڏنو هوندو-مرتيو اُتسوَ!

هن کي وري بہ ٿورو ٿورو شڪ پوڻ لڳو.

هن کي هاڻ وري ڪجهه ٻڌڻ ۾ ڇو نہ اَچي رهيو آهي؟

ڇا رات گهٽي ٿي چڪي آهي؟

ڇا سڀ ڪيڏانهن خاص ڪم سان هليا ويا آهن؟

هن کي وري سوال پيدا ٿيو. هن کي ڪنهن بہ طرح سوُر ڇو نہ ٿي رهيو آهي؟ ڪوبہ آواز ڪيس ڇو نہ ٻڌجي رهيو آهي؟ هوُ ڇو ڪجهہ ڏسڻ جي ڪوشش ڪونہ ٿو ڪري سگهي؟ هن کي ڪا ڏپ بہ محسوس ڪانہ ٿي ٿئي؟

ڇا هوُ مري چڪو آهي؟

ڇا مري ڪري بہ سوچ جاري رهندي آهي؟

تہ پوءِ هن کي تازيون يادگيريون ڪيئن اَچي رهيون آهن. پر هوُ پاڻ کي ايترو هلڪڙو ڇو ٿو محسوس ڪري! ڇا سچ پچ اهو وقت اَچي ويو آهي. هن جو سوچڻ جاري آهي. ڇا منهنجي آتما جا وستر بدلجي رهيا آهن. مان هاڻ ڪنهن ٻئي شرير ۾ ويندس. يعني ڪو ٻيو ماڻهو. ڪو ننڍڙو ٻار. دنيا ۾ ڪٿي بہ. پر مان اهو ’مان‘ ڪيئن هوندس. اهو تہ ڪو ٻيو هوندو.

تہ پوءِ منهنجي مان جو ڇا ٿيندو؟

اُها ’مان‘ ئي تہ مان آهيان. ٻيو ڪو تہ ٻيو آهي. ٻيو مان ڪيئن ٿي سگهندس. پر هيءُ سڀ ٿيو ڪيئن؟ ۽ ڇا ٿيو؟ ۽ ٿيو يا نہ؟

ڪجهہ خبر ڇو نہ ٿي پوي.

هيءُ سپنو آهي يا ساڀيا يا ٻيو ڪجهہ.

ڇا هيءَ ’ڪوما‘ تہ نہ آهي؟

يا فل اِسٽاپ؟

مان سوچي سگهان ٿو. معنيٰ مان آهيان. مان آهيان يعني مان اَڃا آهيان. يا هيءَ ڪا ’نہ هئڻ‘ جي ڏيمي ڪريا آهي؟ مان آهيان تہ پوءِ ’ڇا‘ آهيان؟

مان ’مورڇت‘ تہ نا آهيان؟

ماں چالیاں چو نہ ٿو. ماں شانت ڇو آهيان. گهري شانتي ڇو آهي. سڀ ڪجهہ ب ل ڪ ل شانت ٿي رهيو آهي. سڀ ڪجهہ. واتاورڻ. ڪائنات. قدرت بيهجي ويئي آهي.

ڪٿي ڪجهہ بہ نہ ٿي رهيو آهي. سوچ بہ شانت آهي.

ڪٿي ڪجهہ بہ نہ.

ڪجهہ بہ نہ.

نہ.

چپ.

هڪ لنبي چپ.

لنبي.

چپ.

وقت بيٺل آهي.

وقت هلڻ شروع ڪيو آهي، وري اڻ لکو. ڪجهہ، شايد ڪجهہ نہ ڪجهہ. محسوسِجڻ لڳو آهي هن کي- نہ جهڙو.

وري دنيا جاڳڻ لڳي آهي شايد. هوُ بہ.

اَچانڪ دهل جا ڌيما آواز ٻڌجي رهيا آهن دور ڪان!

ساڻ ڪيترا ٻيا وچتر پر هلڪا آواز بہ جاري آهن.

شايد ڪي ساز بہ وڄي رهيا آهن- دوُر دوُر.

ڪي ڪارا ڪارا آڪار چر پُر ڪرڻ لڳا آهن. مٿو ڀاري ڀاري محسوس ٿي رهيو آهي. يعني ڪجهہ ٿي رهيو آهي. وري ڪجهہ ٿي رهيو آهي. ڇڻ تہ سڀ سوچ جي سطح تي خيالي پيچ ڊڪ آهي. بس لڳي ٿو- ڪجهہ ٿي رهيو آهي وري سڀ آڪار هن جي آس پاس گهمي رهيا آهن. هو هڪ ٻئي کي اِشارا ڪري رهيا آهن. وچ وچ ۾ ڪجهہ سنهو چمڪات بہ ٿي رهيو آهي. وري سڀ شانت ٿي ٿو وڃي. وري ڪيترا آڪار ٽڪڙي اچ وڃ ڪري رهيا آهن. ڪارا ڪارا ۽ وڏا وڏا آڪار. هنن کي چهرا نہ آهن. ماڻهن جا ڌنڌلا عڪس آهن ڄڻ. ڌنڌلا آواز تمام ڌيما ٻڌجڻ جو ڀرم بہ

تئي ٿو. هونءَ باقي سڄي دنيا گم آهي. هو ايترو آهستي ڇو ٿا ڳالهائين؟ هو ڇا جي اچ وڃ ڪري رهيا آهن؟ اهي آڪار ڇا ڇا آهن؟

اڙي! مونکي ڪوئي مٿي کڻي رهيو آهي. مان کڃي رهيو آهيان... وري رڪجي رهيو آهيان... وري ڏڪجي رهيو آهيان... وري لهي رهيو آهيان... وري کڃي رهيو آهيان... رڪجي رهيو آهيان... هاڻ سوُر بہ ٿي رهيو آهي. سوُر تيڻ جو مطلب تہ... اُها تہ تمام سٺي ڳالهہ آهي. واهہ! مونکي تہ سوُر ٿي رهيو آهي يعني مان زنده آهيان يعني مونکي ڪجهہ ٿي رهيو آهي. مطلب تہ 'مان' آهيان. مان اڃا آهيان.

ها. هاڻ تہ آواز بہ ٻڌجن ٿا. پر سڀ ايترو ڏيمو ڇو ٿا ڳالهائين! سمجهہ ۾ ڪجهہ نہ ٿو اَچي.

وري شانتي ڇو ٿي ويئي؟

وري آواز شروع ٿي ويا.

مون کي شايد موُرڇت ڪيو هونداٺون.

منهنجو بيو آپريشن ڪيو هونداٺون.

اوچتو ڪرٽو پيو هوندو.

آپريشن کان پوءِ، هو آهستي آهستي سُڄاڳ ٿي رهيو هو.

ڊاڪٽر هن جي سڄاڳ ٿيڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا.

سڄاڳ ٿيندي ٿيندي هن کي سڀ ڪجهہ ياد اَچڻ لڳو. مرڻ مهمل ٿي چڪو هو. هن کي افسوس ٿيڻ لڳو. هاڻ وري الائي ڪڏهن، الائي ڪيئن ۽ الائي ڪٿي؛ هن کي مرڻو پوندو. هو اڃا پورو سڄاڳ ڪونہ ٿيو هو.

هوُ ڳالهائي ڪونہ ٿي سگهيو. هوُ وري بہ نراس ٿيڻ لڳو. مرڻ جي سڄي مانسڪ تياري اَجائي ويئي.

هن کي وري وچتر ويچار اَچڻ لڳا. هاڻ وري هوُ ڪجهہ وقت جيئندو. پر هاڻ وري جڏهن هوُ مرندو. willingly مرندو. هاڻ هن کي اَهڙو موقعو ملي سگهندو. هوُ ٿورو خوش ٿيو. هن جي ڊائريءَ ۾ هن هڪ نقطو اهڙو بہ

لکيو هو- قدرتي موت، اِنسان جي قدرت اڳيان هار آهي.
(هريش واسواڻي)

هاڻي هوُ شايد پنهنجي چاهہ سان مري سگهندو.

To die well is to die willingly.

هن کي سڀ ڪجهہ ياد اَچي رهيو هو. هن ياد ڪيو- هن جي ڊائريءَ ۾ هن ائين بہ لکيو هو-

Death observes no ceremony. (John wise)

پوءِ بہ، هوُ ڪجهہ ڪري سگهندو. پنهنجي موت کي 'شوڪ جو ڏينهن' نہ، پر 'مرتيو-اُتسوَ' بڻائيندو. هوُ چاهي رات جو مرندو. چاهي ڏينهن جو. چاهي اندر چاهي ٻاهر. پر هوُ ڪنهن کي بہ ڏُکي ڪرڻ نہ چاهيندو. هوُ من ۾ چڻ گُنگُنائڻ لڳو.

اَئسي ڪرني ڪر چلو
آپ ٻي هسي-جڳ ٻي هسي.

هن جيئن ئي اکيون کوليون. هن کي مسڪرائيندو ڏسي، سڀ مسڪرائي رهيا هئا.

(رچنا-۲۰۰۵)

# مردن جي دنيا

اي وَرلڊ وِدائوُٽ وومين....
بنا اِسترين جي دُنيا....
يعني مَردن جي دُنيا!
فقط مَرِدن جي!!
ويرِي فَنيِ!
ويري ڪِرِيوُئل.
هائلي اَن رومانٽيڪ.
جاڳرتي اَجا بہ چُپ هئي.

پر ۾ وينل پرڪاش جا اِهي لفظ ڏيان سان ٻُڌي رهي هئي! هن جي اکين ۾ اکيون ملائي پرڪاش هن کي ڪجهہ اَهڙي ڳالهہ چئي رهيو هو- جيڪا هن جو من مڃڻ لاءِ تيار نہ تي رهيو هو ۽ نہ ئي هوءَ ان کان اِنڪاري تي رهي هئي!

جاڳرتي هڪ اَهڙي موڙ وٽ رُڪيل هئي، جتان کو هڪ رستو طئہ ڪرڻ لازمي هو ۽ اِهو طئہ ڪرڻ ايترو آسان بہ نہ هو! پرڪاش اَلبت هن کي همٿائي رهيو هو دوُر درشٽيءَ جي ڳالهہ سمجهائي رهيو هو. پر هوُ پاڻ بلڪل پوريءَ طرح نشچنت بيفڪر هو، ائين چوڻ ڏکيو هو. هن جي خود

جي سوچ ۾ ٻه ٻه طرفا ويچار ٽڪرائجي رهيا هئا. پر پوءِ ٻه هوءَ ڪافي چُست هو. هن جو ويچار هو تہ بدلجندڙ حالتن انوسار ڪُٽنب جو آڪار، پرڪارءِ اُن پنيان رهيل ڀاو سنسار بہ بدلجندو رهي ٿو. اُن ڪري اَجوڪين حالتن ۾ ’فقط هڪ ئي ٻار‘ وڏيڪ سياڻپ ڀريو فيصلو آهي. چاهي پُٽ هجي يا ڌيءَ.

جاڳرتي اَجا بہ مُنجهيل من سان سوچي رهي آهي تہ هوءَ پرڪاش جي راءِ موجب پنهنجي ايندڙ ٻار جي جاچ پرک ڪرائي اهو ڄاڻي وٺي يا نہ، تہ ايندڙ ٻار ڌيءَ آهي يا پُٽ. ءِ ڌيءُ هئڻ جي حالت ۾ ’هڪ ئي ٻار‘ جي فيصلي تي قائم رهڻ ڪيترو ڏکيو ثابت ٿي سگهي ٿو.

اَڄ هن کي بلڪل ننڊ نہ اچي رهي هئي. هوءَ ڪيتري دير کان فقط ليٽيل هئي. فقط سوچي رهي هئي. پاڻ بابت. پرڪاش بابت. ايندڙ ٻار بابت. ءِ ير ۾ ويهي پرڪاش کيس پنهنجي ڳالھ بابت دليل ڏيئي رهيو هو.

ڏِسُ، جلد اُهو وقت ايندو، چوڪرين جو سماجڪ درجو بلڪل بدلجي ويندو. اُهي بہ ڪٽنب جي نين حالتن ۾ نوان رستا اختيار ڪنديون. سَپُ ڪجھ اَڳُ ڇٽو پلان ڪري نہ سگهنداسين.

جاڳرتي اَجا بہ ڪنهن ڳالھ جو جواب ڏيئي نہ رهي هئي. فقط ڌيان سان ٻُڌي رهي هئي. ٿوري دير پرڪاش ڪجھ نہ چيو. هن ڪنڌ ورائي ڏٺو. پرڪاش پنهنجي ٻئگ مان هڪ پئڪيٽ ڪڍيو. اهو هڪ هندي فلم ’ماتر يومي‘ءَ جو سي.ڊي. جو سيٽ هو. هن اُهو جاڳرتيءَ جي ير ۾ ٽپائيءَ تي رکيو.

هيءَ فلم مون ڏٺي آهي. سُياڻي تون چاهين تہ ڏسي وٺج. اَگر اَسان چوڪرين سان اهو ظلم ڪندا رهنداسين تہ هڪ ڏينهن هيءَ دنيا سماجڪ اَراجڪتا جو شڪار ٿيندي.

هاڻ جاڳرتي آهستي اُٿي ويٺي. هن جو آتم وشواس اَجا بہ لُڏي رهيو

هو. پر هوءَ ڪجهه ڳالهائي نہ رهي هئي. شايد انڪري پرڪاش کي هاڻ ڪجهه وڌيڪ چنتا ٿيڻ لڳي.

- جاڳرتي، مان تنهنجي ڳالهہ جي اَهميت بہ برابر سمجهان ٿو. هر ڪٽنب پريوار کي پنهنجو آس پاس ۾ سماجڪ نظريو هوندو آهي. وڏي ڳالهہ تہ ويهہ-ٽيهہ سال پوءِ جي آرٿڪ حالتن جي ڪابہ پڪ مشڪل آهي. ڌيءَ کان پُٽ جو سهارو وڌيڪ وشواس پيدا ڪري ٿو. پر پَڪ تہ ان ڳالهہ جي بہ ڪانہ ٿي رهي. اُن کان وڌيڪ تہ 'پينشن پلان' ۽ 'ورڌ آشرم' يا 'ايلڊرس هوم' جو ڪنسيپٽ ڪارگر آهي. ٻار تہ وڏا ٿي پنهنجين حالتن اَنوسار پنهنجا رستا اختيار ڪندا.

هاڻ جاڳرتي بيڊ تان اُٿي. هن ڌيمن قدمن سان ڪمري کان ٻاهر وچي بالڪنيءَ ۾ رکيل آرام ڪرسيءَ کي چڪي ٻر ۾ آڻي رکيو. هن آرام ڪُرسيءَ تي ويهي آڊيو سسٽم تي ڌيمو ڪلاسيڪل انسٽرومينٽل ميوزڪ چالو ڪيو. هن پاڻ کي رليڪس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پرڪاش کي لڳو، هوءَ بلڪل ٺيڪ ٺاڪ آهي. هاڻ هوُ بيڊ تي ليٽي پيو ۽ ريسٽ ڪرڻ لڳو.

جاڳرتي سوچڻ کان بچڻ لاءِ پنهنجو ڌيان شهنائيءَ ۾ لڳائڻ چاهيو. پر هن جو من ڀٽڪڻ لڳو. هن کي لڳو من جو اُهو ڀٽڪڻ فقط تڏهن بند ٿيندو جڏهن هوءَ ڪو فيصلو ڪري سگهندي. ان ڪري اَڄ هنن ٻنهي ان بابت گڏجي فيصلو ڪرڻ چاهيو هو. پر جاڳرتيءَ کي اَجا بہ اهو لوڀ ستائي رهيو هو تہ هن جي خاص ساهڙيءَ جو ساٿ ڇو نہ ڪم آئي؟ هوءَ ڇو نہ ڄاڻي وئي تہ ايندڙ ٻار پُٽ آهي يا ڌيءَ؟ پرڪاش اهو دليل ڏيئي رهيو هو تہ جڏهن هنن کي ٻنهي حالتن ۾ تيار رهڻو آهي تہ پوءِ اِهو ڪم ڪرڻ جو ضرور ڇو ٿا محسوس ڪريون؟

ها. من جي هڪ ڳِري ڪُنڊ ۾ جاڳرتيءَ کي شايد ڌيءَ جي حالت ۾ 'ٻار' جو 'جنم نہ ٿيڻ' وڌيڪ ضروري ٿو لڳي. پر هوءَ اها ڳالهہ کُليءَ طرح

چئي بہ نہ رهي هئي. پرڪاش بہ اَهڙي ڳالھہ ڪُليءَ طرح چوڻ ٺيڪ نہ سمجهيو. پر جاڳرتيءَ جي ’چپ‘ جو مطلب سمجهڻ جي هن جي ڪوشش هلندي رهي.

هوُ وري بيڊ تي اُٿي ويٺو. هن جاڳرتيءَ کي آرام ڪرسيءَ تان اُٿاري وري بيڊ تي ويهاريو ۽ پاڻ بہ ساڻس پرسان ويهي رهيو. هن جاڳرتيءَ جي ڪمزور رڳ پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي.

- چڱو. سمجهہ ڪٿي مان پنهنجو ڪوبہ آگرهہ ڪونہ ٿو رکان. جئن بہ تون چاهين تئن پلي ڪر. ان حالت ۾ تون جيڪر ڇا ڪرين؟ تون بہ تہ هڪ جوابدار سمجهوُ ناگرڪ آهين. پنهنجن پيرن تي بيٺل. مون کان بہ وڌيڪ ڪمائيندڙ. سماجڪ رُتبو رکندڙ. بس. فقط دل کولي پنهنجي ڳالهہ ٻُڌاءِ.

هاڻ جاڳرتي چڻ ڪجهہ وڌيڪ سُجاڳ ٿي.

”پرڪاش. مان پاڻ بہ تہ فيصلو ڪري ڪانہ سگهي آهيان. اهو بہ تہ مونجهارو آهي. مونکي خود بہ ائين لڳي ٿو تہ ’هڪ ئي ٻار‘ هر حالت ۾ ڪافي آهي. پر پوءِ ’ڌيءَ‘ بابت ڄاڻڻ سان ڪٿي مان بہ ڪمزور نہ ٿي وڃان. اهو ڊپ اَڃا من مان نڪتو نہ آهي.“

پرڪاش کي چڻ نئين روشني ملي. آخر جاڳرتيءَ پنهنجي ڊپ جي ڳالهہ چئي ڏني. بيشڪ هن کي خود کي بہ اهو ئي ڊپ هو تہ ٻار جي جنم کان اَڳ پرک ڪرڻ سان منووگيانڪ دٻاءُ ٿيڻ ممڪن آهي. خاص ڪري ’هڪ ئي ٻار‘ جي فيصلي تي بہ ان جو اَثر پوي ٿو. پر نيٺ اهو فيصلو وٺڻ جو اهو ئي صحيح وقت هو. جيڪو ڪجهہ ذهنن تاري سگهجي ٿو، ڪجهہ هفتا يا مهنا نہ.

پرڪاش جاڳرتيءَ کي همت ڏني.

- او.ڪي. تہ پوءِ هاڻ تون، فقط تون ئي اهو فيصلو پاڻ وٺ. منهنجو ڪو بہ زور بار نہ آهي. منهنجي فقط راءِ آهي تہ ’هڪ ئي ٻار‘ واري

فيصلي تي قائم رهڻ لاءِ ٻه ’ذيءُ جو جنم‘ ڪنهن به طرح گهٽ چاهڻ لائق نہ آهي. هاڻ تون ڪجهه بہ ڪرڻ لاءِ، يا نہ ڪرڻ لاءِ چٽل آهين. چاهين تہ پنهنجو فيصلو هاڻ ڪر يا جڏهن بہ ڪرين. تون پوءِ بہ جي ضروري سمجهين تہ پل پنهنجي ساهيڙي ڊاڪٽر مانجريڪر ڪان هاڻ ئي اپائنٽمينٽ وٺي سگهين ٿي- ايترو چئي پرڪاش جاڳرتيءَ جي پرس مان ڊاڪٽر مانجريڪر جو وزٽنگ ڪارڊ ڪڍيو ۽ هن جو نئون نمبر چيڪ ڪرڻ لڳو.

جاڳرتيءَ هن ڪان ڪارڊ وٺي پرس ۾ رکندي چيو- پرڪاش، هن جي اَپائنٽمينٽ تہ مون اڳ ئي وٺي رکي آهي. پر هاڻ لڳي ٿو- تنهنجي ڳالهہ وڌيڪ صحيح آهي. اَهڙن فيصلن ۾ فقط وهنوارڪ نظريو يا فقط ڀاوناڻن جو اَثر ڪافي نہ آهي. دنياداريءَ ڪان سواءِ بہ هڪ دنيا آهي. ان جو بہ اونو رکڻ ضروري آهي. ڪنهن نہ ڪنهن بهاني اَگر ’ڇوڪرين جو جنم‘ اَٽڪايو ويندو تہ هيءَ دنيا فقط ’مردن جي دنيا‘ بڻجي ويندي. ڪيتري نہ ڀيانڪ ٿيندي اُها دنيا! اَسان کي هن دنيا کي غلط راهہ طرف ڌڪجڻ کان بہ تہ بچائڻو آهي.

پرڪاش ڏٺو- اَڄ وري هوءَ پنهنجي اَصلي روپ ۾ نظر آئي آهي. هڪ سمجهدار فهميدي ۽ گنڀير توڙي جوابدار ناگرڪ جي روپ ۾.

- بيشڪ مون کي پاڻ ان فيصلي لاءِ تنهنجو ساٿ کپي. اَڪيلو تہ مان بہ ڪجهہ ڪجهہ منجهي رهيو هوس. پر هاڻ اَسان ٻئي هڪ ٻئي کي ساٿ ڏيئي سگهنداسين ۽ اهو هر طرح صحيح بہ آهي. اَسان جو فيصلو وگيانڪ نظر وارو آهي. پنهنجي پنهنجي سوارٿ جي نظر سان چاهي اهو ڏکيو لڳي ٿو، پر وري بہ قدرتي ۽ وقتائتو آهي.

جاڳرتي ڌيمو مسڪرائڻ لڳي- تہ پوءِ ڊاڪٽر جي اَپائنٽمينٽ ڪئنسل ڪرايان؟

پرڪاش بہ مسڪرائي ڏنو- جئن تنهنجي مرضي.

(ڪونج-٢٠٠٦)

# ريڊيو

عادت هڪ سهارو آهي.

چڻ تہ هڪ جادو آهي.

عادت جي طلب پوري ٿيڻ سان ماڻهو ري چارج ٿي ويندو آهي. وقت ڪاٽڻ سولو ٿي ويندو آهي. اَڪيلائپ جو ساٿ مَحسوُس ٿيندو آهي. واندڪائيءَ جي وندر هوندي آهي. اِها طلب چڻ تلپ هوندي آهي. طَلب پوري نہ ٿيڻ تائين هڪ قسم جي تڙپ محسوس ٿيندي آهي.

ڪاڪي کي ريڊئي ٻڌڻ جي عادت آهي.

بيڙي پيئڻ تہ هن پنجاهہ سالن جي عمر ۾ پنهنجو پاڻ ئي ڇڏي ڏني هئي. اَڄ اُن کي ڇاڻ چاليهہ سال ٿيندا. تڏهن هو بيڙي پيئڻ وقت ڪابہ تڪڙ نہ ڪندو هو. ڏيرج سان بيڙي پُڙيڪي مان ڪڍي، اُن کي ڪيترو وقت اُبتو سُبتو سَهلائيندو رهندو هو. بيڙيءَ جي ٻاڙ محسوس ٿيڻ سان هو اول ائين ڪندو هو. ڇڪو وقت پوءِ بيڙي جلائي اِئين ڇِڪيندو هو چڻ هو زندگيءَ کي ڏاڍي پريم سان ڍُڪ ڍُڪ ڪري پي رهيو هجي.

وڏو عرصو اڳ شراب جهڙو ڪجهہ تَسِريءَ ۾ وجهي، اُها ڪُتِ جي تسري محفل ۾ ڦيرائڻ وقت بہ هو اِئين ئي، زندگيءَ کي ڍُڪ ڍُڪ ڪري پيئندو هو. اَٽڪل اَٺاسي سال هو اَهڙي اَدا سان جيئندو رهيو آهي. ڪڏهن اُبهرائي يا تڪڙ ۽ جلدبازي نہ ڪندو آهي. پوءِ بہ ڪڏهن ڪٿي دير سان

ڪونہ پھتو آھي. ڪو ڪم اَڌورو نہ ڪيو ھوندائين. بلڪ ھر ڪم کي ضرورت کان وڌيڪ وقت ڏيندو آھي.

ھن کي ھڪ ننڍي دُڪان ھلائڻ وقت پر واري دڪاندار کان خبرن ٻڌڻ جو چشڪو لڳو. تڏھن ريڊيو اَچا نہ آيو ھو ھن وٽ. اُن پرواري دُڪاندار وقت ڪاٽڻ لاءِ ’ھندستان‘ اخبار ھن کي پڙھي ٻڌائڻ شروع ڪئي ھئي. پوءِ تہ ڪاڪو پاڻ بہ جئن تئن اَخبار پڙھڻ سکي ويو. اھو زمانو جواھرلعل نھروءَ جي ڪانگريس جو ھو. نھروءَ جي ھر خبر ھن لاءِ چاھہ واري ھئي. ائين خبرن جي چشڪي مان ھن کي ڪنھن طرح ريڊئي جي خبرن ٻڌڻ جو شوق چالو ٿيو، جيڪو ڏيري ڏيري عادت بڻجي ويو.

مارڪ ٽوئن نالي ھڪ ليکڪ چرچي ۾ چيو آھي. سگريٽ پيئڻ جي عادت ڇڏڻ سوَلي آھي. مون اُھا عادت ڏھہ دفعا ڇڏي آھي.

ڪاڪي اَلبت بيڙي پيئڻ جي، محفل واري تَسري ءَ جي، اَخبار پڙھڻ جي عادت پاڻ مرادو ڇڏي آھي- پر ريڊيو ٻڌڻ جي عادت جاري آھي.

ھن لاءِ اَصل ۾ اِھا عادت کان وڌيڪ ھڪ سَنَڪ بڻجي وئي آھي. منو وگيان ۾ اِن کي مانسڪ وِڪرتي مڃيو ويو آھي- پر ڪاڪو اُن کي عادت بہ نہ، فقط شوق سمجھندو آھي. جڏھن کان والن وارو ريڊيو سيٽ بزار ۾ عام جام ملڻ شروع ٿيو، ھن ننڍي پاءُ کي چئي ’ٽيليريڊ‘ ريڊيو گھرايو ۽ گھر ۾ چڻ نئون يڳ شروع ٿيو. ’آڪاشواڻي‘ءَ جا ھندي سماچار ديوڪي نندن پانڊي پڙھندو ھجي يا ڪو ٻيو، ھن کي ساڳيو آنند ايندو ھو. بي. بي.سي. لنڊن ھندي سروس تان ’آجڪل‘ رتناڪر پارتيہ پرسارت ڪندو ھجي يا ڪو ٻيو، ھن کي ساڳيو آنند ايندو ھو. پر ھو صبح شام آڪاشواڻي ۽ بي.بي. سي. ٻڌندو ضرور ھو. ريڊئي جي پر ۾ ويھي، ڪن لائي چڻ ڪنھن وڏي اليڪشن لڙڻ کان پوءِ ڪو اُميدوار پنھنجو فيصلو ٻڌندو ھجي. عام طور ھٽ واڻڪا اَڪر لکڻ ۽ ڳرمکيءَ ۾ ڳڻتا پاٽ ڪرڻ تائين محدود پڙھائيءَ باوجود ڪاڪي کي اُتر ويٽنام ڏکڻ ويٽنام جي لڙائيءَ جي ڪارٽن ۾ بحث ڪرڻ جي مٿاڇري خبر پوڻ لڳي. ايترا سماچار پورا پئجي نہ

رهيا هئا تہ هن کي اُرُدو خبرن جي ۽ ڪڏهن پنجابي خبرن جي اسٽيشن لڳجي ويندي هئي. هن کي پنهنجي واچ سان بہ ايترو ئي موهہ هوندو هو. هو ريڊيو وارن جو وقت پنهنجي واچ سان برابر چيڪ ڪندو رهندو آهي. ائين ڪاڪي جي سينس آف پرفيڪشن ۾ هرڪو سماچار نيڪ وقت تي شروع ڪرڻ جو ڏانو ايندو ويو. 'يي بي.بي.سي. لنڊن هئہ...' لفظ گهر جا ڀاتي برابر هر وقت ٻڌندا هئا. ريڊيو ڪڏهن بہ اُن کان تورو اَڳ يا تورو پوءِ شروع نہ ٿيندو هو. 'يي آڪاشواڻي هئہ.... اَب آپ ونود ڪشيپ سي سماچار سنيئي...' لفظ سان اوچتو ريڊيو شروع ٿيڻ جي هڪ روايت قائم هئي. گهڻو پوءِ اُن ريڊئي جو وستار وڌيو. 'سنڌي پروگرام' ۽ 'گُرباڻي' اُن ۾ شامل ٿيا. پر وقت جي پابندي ريڊيو وارن کان بہ وڌيڪ. سنڌي پروگرام جي شروع ۽ پوري ٿيڻ جي ٽيونِ (ڌُن) برابر روز ٻڌڻ ۾ ايندي. وري چاهيل پروگرامن ۽ سماچارن سان ريڊيو برابر بند بہ ضرور ٿيندو. ٽرنزسٽر ريڊيو آيا تہ ريڊيو ڪاڪي جي پَر ۾ برابر جڳهہ تي موجود رهندو آيو. اهو ڪڏهن پاسيرو يا اُبتو نہ هوندو. اُن جون بئٽريون پوريون ٿيڻ کان ئي بدلجي ويندي‌ون. ريڊيو خراب ٿيڻ تي اهو ائين نهرايو ويندو، جئن گئس جو سلينڊر بدلايو ويندو هجي. ريڊيو جي اُن شوق کي ايترو لنبو اَڌ صديءَ جيڏو عرصو ڇاڻ اَچي ٿيو، پر ڪاڪي کي اهو اڄا بہ ايترو ئي پيارو آهي. سنڌي پروگرام شروع ٿيا. بند ٿيا. وري شروع ٿيا. پروگرام ڏيندڙ رٽائر ٿي ويا. نوان آيا. ڪاڪي جو اُن طرف ڪو خاص ڌيان نہ هوندو آهي. پروگرام ضرور ٻڌڻ، وقت تي ريڊيو کولڻ ۽ بند ڪرڻ هن جو قدرتي نيم ٿي ويو آهي. صبح جو ڇئين بجي جو پروگرام هجي يا شام جو ڇهہ لڳي ڏهين منٽن جو هجي، ريڊيو ضرور وڄندو ۽ وقت سر. نہ فقط ايترو ان جي اِسٽيشن يا بئنڊ سيٽنگ ڪرڻ جي ماهريت بہ هن کي ٿي وئي آهي. توهان فقط پروگرام شروع ٿيڻ جي ٽيون ٻڌندا. ريڊيو اڳ ئي سيٽ ٿيل ملندو.

عمر وڌندي ڪاڪي جو شوق ڪونہ گهٽيو. البت ٻُڌڻ جي شڪتي گهٽڻ تي ريڊيو جو واليوم ضرور وڌڻ لڳو. گهر وارن کي هڪ طرف شڪايت هئي تہ ٻئي طرف آٿت. گهر جو هڪ بزرگ پنهنجي هڪ ننڍڙي شوق ۾

لين رهي ٿو. اَڄ تائين هن کي هاڻ بہ ايف.ايم. يا ٽيپ يا سپيس ريڊيو نہ گهرجي. ٽي.وي. جي ٽاٽا اِسڪاءِ جي گرباٽي چالو ڪري بہ هو اُن ساڻ پنهنجو ننڍڙو ريڊيو پنهنجي وقت تي ضرو چالو ڪندو. هن جو سهارو تہ اڄ بہ اهوئي ريڊيو آهي. چاهي عادت ئي سهين. اُن سان هن کي هڪ عجيب تسڪين ملي ٿي. عادت ئي بيماري آهي ۽ اِهائي هن جو علاج بہ آهي. عادت جي طلب پوري ٿيڻ سان ماڻهو ري چارج ٿي ويندو آهي.

عادت هڪ سهارو آهي.

ڪاڪي جي ريڊيو ٻُڌڻ جي آرٽ آف لِسننگ بہ نياري آهي. خاص ڪري ’خبرون‘ ٻڌڻ وقت هو پلنگ تي ڪنڌ جهڪائي ڪن لائي ’خبرون‘ ٻڌندو نظر ايندو آهي؛ اَلبت هاڻ ورلي ڪنهن خبر جو رد عمل ڏيندو آهي. ’ڀڳت ڪنوررام جو منڙو آواز‘ هو ائين ٻڌندو ڄڻ ڪنوررام جي اڳ ساکيات ڏٺل ڀڳت ۾ ئي وينو آهي. ’آسرو نام جو‘ لفظن جو پرلاءُ آشا منشاراماڻيءَ جي لفظن ساڻ ملي ويندو. ماسٽر چندر کي ڪڏهن گُنگُنائي سات ڏيندو. ائين مينگهراج گرناڻيءَ جي ’خبرون پوريون ٿيون.‘ لفظن کي هن جي پنيان پُٺڪي ۾ دُهرائيندو. هري دلگير يا اَرجن حاسد جي ڪويتا پاٺ ۾ اَلبت ’بي ڌيان‘ بہ ٿي ويندو. ڀڳونتي ناواڻي جي آلاپ کان مُتاثر ٿي ’’واهہ‘‘ چوندو. پر هن جو سچو چاهہ بي.بي.سي. لنڊن ۾ هوندو هو. هنديءَ کان پوءِ گهٽا دفعا اُڙدو سروس بہ ٻڌندو هو. هاڻ سڀ کان وڌيڪ سويل صبح جو گرباڻيءَ ۾ وڌيڪ چاهہ نظر ايندو اَٿس. البت ’ڏُپهر سماچار‘ ۾ منجهند جي پنهنجي ۽ ٻين جي ننڊ ڦٽائڻ ۾ ڪو خاص فرق ڪونہ پيو اَٿس، پر پوءِ ويڙهو رفيق هندي پروگرام هلائي يا ڪو ٻيو، هن کي مني ننڊ اَچي ويندي. ’ريڊيو‘ اڻ پڙهيل يا گهٽ پڙهيلن جو سستو ۽ سولو ساٿي آهي ۽ اَڪيون ڦاڙي وِهڻ بجاءِ وهاڻي تي ڪنڌ رکي بہ ماڻي سگهجي ٿو- ان جو ڀرپور فائدو ڪاڪو برابر وٺندو رهيو آهي.

چاليهن سالن کان بہ وڌيڪ وقت کان ڪاڪي جو پهريون ۽ سڀ کان ويجهو ساٿي آهي ريڊيو!

(رچنا-٢٠٠٨)

# نہ روشني نہ اوندھہ

هن پلنگ تان اِئين ٽپو ڏنو، ڄڻ ڪنهن ٻُڏندڙ کي تاري وني اَچڻو هجيس! اَنوراڳ اُتساهہ ۾ اَچي پنهنجو ڪاڏيءَ جي ڪپڙن جو وڏو ٿيلهو پلنگ هيٺان ڇڪي ورتو. ٿيلهي جي ڇَٽِن ڪولڻ ۾ اَٽڪ ٿيڻ تي هِن ٿورو زور ڏيئي ٿيلهو ڦاڙي ڇڏيو. ان جي پرواهہ نہ ڪري هن ڪپڙن جي وچ ۾ رکيل وڏي دوُربين ڪڍي ورتي. هن کي ياد آيو- جرمنيءَ مان آندل هيءَ دوُربين هن اَهڙن ڪن خاص موقعن کي ڌيان ۾ رکي ورتي هئي. هو ترت ئي دريءَ کان ٻاهر ٿورو ئي پريان جي درشيہ کي فوڪس ڪرڻ لڳو. زوُم ۽ ڪِلوز اَپ ۾ اُهو سين ڏسي هو دنگ رهجي ويو!

مار! دوُربين نہ هئي، ڄڻ ڪيليڊوسڪوپ هو!

قدرت ڪنهن هڪ ئي اِنسان کي ايتري ساري سونهن عطا ڪندي آهي! سونهن ۽ جوانيءَ جو سنگم هن اَڳيان ڄڻ هڪ سُپنو بڻجي پيو. ساپيا سپنو. پهاڙي سَرووَر تي هڪ رومانٽڪ درشيہ جو تاثر ئي اَلڳ هو.

پهاڙي هِل اِسٽيشن ڄڻ هڪ فلم جي سجايل سين جيان ڀاسي رهيو هو. قدرتي نظارن ۾ سَرووَر جي ڪناري چمڪندڙ سفيد وسترن ۾ هڪ سُندر نينگري قدرت جي سوُنهن ۾ نوان رنگ ڀري رهي هئي! دوُربينيءَ مان هن کي اُن جوان سُندريءَ جي چهري جا ڀاوَ بہ نظر اَچڻ لڳا، جيڪي

هن جي چتر ۾ پرجندڙ رنگن جيان چپ چاپ بدلجندا پئي رهيا. هوءَ پنهنجي آرٽ ۾ محوُ هئي. بي خبر.

هن اڳ ڪڏهن اَهڙي سُهڻي جوان ڇوڪريءَ کي اِئين سَرووَر جي ڪناري پينٽنگ ڪندي ڪونه ڏٺو هو.

اَنوُراڳ هن جي ويجهو وڃڻ لاءِ بي چئن ٿيڻ لڳو. پر اِئين هن جي پر ۾ وڃي هن جي ايڪانت جو ڀنگ ڪرڻ به ته نيڪ نه آهي. هو ڏسندو رهيو. اُها جوانڙي چپ چاپ ايڪانت کي آڪار ڏيئي رهي هئي. هن جي پرسان وڃڻ، هن جي تپسيا کي ڀنگ ڪرڻ برابر آهي. جڻ ڪنهن مينڪا جي نرتيه- تپسيا کي ڀنگ ڪرڻ لاءِ ڪو وشوامتر اَڳيان وڏي زور سان اَلک نرنجن چئي فضا ۾ پنهنجي اَهم جو اَعلان ڪندو هجي!

نه. هو وشوامتر جهڙو ڪمزور نه ٿيندو. هن وٽ ڌيرج جي طاقت آهي. هن وٽ ڪلاڪار جي اَک آهي، هن وٽ آزمودن جي دوردرشٽي آهي. هو پاڻ به هڪ ڪلاڪار هوندي، ٻئي ڪلاڪار جو متر آهي، هن جي عزت ڪندڙ آهي. اَوس، اَگر سامهون وارو ڪلاڪار جي مرد هجي ها، ته اهو اَثر ان طرح جو يا ايترو نه ٿئي ها شايد. ۽ اُها ڇوڪري، ايتري سهڻي نه هجي ها، اَهڙي جوبنونتي نه هجي ها، ته هو ايترو بي چئن نه ٿئي ها.

هو سوچ ۾ پئجي ويو.

ياونائن جي لهرن جي لوڏن اَڳيان اِنسان آخر ايترو ويچارو يا لاچار ڇو ٿو ٿي وڃي؟

هو پاڻ به ته ناهوڪو جوان، ناليرو آرٽسٽ ۽ ۽ ڇڳو ڏنوان آهي! پوءِ به ڪيس لڳو، هو هن اَڳيان ڪجهه به نه آهي. هن جي شخصيت بيشڪ ڪشش ڪندڙ آهي.

صبح جو جڏهن هن ان ڇوڪريءَ کي پل پر لاءِ ويجهائيءَ تان ڏٺو هو، تڏهن ئي هو اُن سونهن اَڳيان سجدو ڪري وينو هو! هاڻ هن کي محسوس ٿيو ته دنيا جا وڏا عاشق ڪئن هِرکُ هاري وهندا هوندا.

من جي هر ڪرت پنيان ڪو ڪارڻ هوندو آهي. اوچتو هن کي خيال آيو- ڪنهن ساتيءَ طور هو پاڻ ڪنهن ڪلاڪار حوُر جو تصور ڪندو رهندو آهي. دنيا ۾ ڪامياب شخصن وٽ هڪ ڳان وڏيڪ خوبين، اِتفاقن، سنجوڳن، سڀاوَ جي مِناس ۽ نمرتا جو سنگم هوندو آهي- ڪٿي نہ ڪٿي هنن جي ڪنهن عمدي ڪاريہ يا تياڳ جو جادو هوندو آهي. فقط ڪلا جي سهاري ورلي ڪنهن کي وڏي ڪاميابي ملندي آهي. هن جي من ۾ بہ خيال ترورا بڻجي اُڀرڻ لڳا- ڪٿي قدرت اَهڙي ڪنهن سنگم جو جوڙ تہ نہ ٺاهيو آهي؟

پر ڪيس تہ اَڃا هن سُهڻي ڪلاڪار بابت ڪابہ ڄاڻ نہ آهي. هن جي پير ۾ لنگهڻ وقت ان ڇوڪريءَ جي سامان ۾ هن پينٽنگ ڪِٽ، ٽرالي اِسٽئنڊ ۽ ڪي چتر ڏٺا هئا. بروقت ڪجهہ ڳالهائڻ جو موقعو ملي، ان کان اَڳ ئي، هن کي ٻڪ پائي پنهنجي ٽوئرسٽ وئن ۾ چڙهڻو پيو هو. هاڻ وري هن کي دوُربينيءَ ۾ بنه ويجهو ڏسڻ جو موقعو ملي ويو. ضرور هن ٿوري دير اڳ ئي ڪئنواس سيٽ ڪيو هوندو. ڇو جو اَڌ ڏينهن جو سئر ڪري سڀ موٽيا آهن.

اَهڙا اُتاولا خيال اَچڻ باوجود هن وٽ هڪ مِشن هو. هن کي خبر آهي، دنيا جي دنياداري ايتري سولي نہ آهي. ننڍي عمر ۾ ئي هن گهڻا جهٽڪا سهن ڪيا آهن. ان ۾ وڏو جهٽڪو تہ ٻہ سال اَڳ وارو، پوءِ بہ جڻ تازو ئي آهي. هن هڪ ئي وقت پنهنجو ماءُ پيءُ وڃايا آهن.

قدرت قهر بہ اِئين ڪندي آهي. اَڪيون ٻوٽي. ان کان اَڳ هن جي ماءُ پيءُ جي ايگو ڪِليش سبب ٿيندڙ اڻ بڻت بہ هوُ سهن ڪندو رهيو هو.

اَنوُراڳ جي جيون مان جڻ راڳ ئي گم ٿي ويو هو. ڪافي ملڪيت، ڪلا جي پرمپرا ۽ ذهين سوُجهہ ٻوُجهہ باوجود هو جڻ وئراڳي بڻجي ويو هو! اَڄ هن وٽ وري اَنوُراڳ موٽي آيو آهي. پنهنجو پاڻ ۾!

قدرت جي گود ۾ بہ هن کي قدرت تي گهڻو ڀروسو نہ ٿي رهيو هو!

هو ڪيترن دوستن کي اَڪثر چوندو هو- ’ميڊ فار ايچ اَدر‘. اصل ۾ ’مئڊ فار ايچ اَدر‘ يعني ’هڪ ٻئي لاءِ نهيل‘ نہ پر ’هڪ ٻئي لاءِ پاڳل‘ هوندو آهي.

اَڄ هن کي پاڻ سان هنن مان ڪو بہ گفتو لاڳو ڪونہ ٿو پوي. اَجا تہ هو ان ڇوڪريءَ جي پير ۾ نہ ويو آهي!

ءِ اِئين هن هڪ ٿڌو ءِ ڊگهو ساهہ کڻي، دوُربيني رکي ڇڏي! هو ليٽي پيو ءِ سوچ ۾ پئجي ويو. هن تي ڇو ايترو سارو پرڀاءُ ٿي رهيو آهي؟ هن پنهنجو پاڻ کي ٽٽولڻ شروع ڪيو. هن کي جواب ملندا رهيا. هو اصل ۾ هڪ ڪلاڪار ساٿيءَ جو تصور ڪندو رهيو آهي. انڪري ئي ايترو متاثر ٿيو آهي. ورنہ ان ڇوڪريءَ جي پرسنلٽي هرويرو درلڀ چيز نہ آهي. من جي پرڀاوَ پنيان بہ سوچ جا سطح جوابدار هوندا آهن. ائين هن پنهنجو پاڻ کي پرکڻ جي ڪوشش ڪئي.

دير تائين سوچڻ تي هن کي مانسڪ طور ٿڪاوٽ محسوس ٿيڻ لڳي. ڪئفيٽيريا ۾ وڃي هن ٿوري ڪافي پيتي. پاڻ کي وڌيڪ نارمل ڪرڻ لاءِ ٻئي طرف پهاڙي علائقي جو ٿورو سئر ڪيائين. موٽي هو ڪمري ۾ اَچي سمهي پيو. هاڻ هن کي تراوٽ محسوس ٿيڻ لڳي. هن کي معلوم هو- من جي اَساڌارڻ حالتن ۾ سوچ جي دِشا صحيح نہ بہ هجي. من جي پڪ سوچ جي شڪتيءَ کي گهٽائي سگهي ٿي. هاڻ جڏهن هو ڪافي حد تائين من ۾ ساڌارڻ حالتون محسوس ڪري رهيو آهي، هن کي ان ڇوڪريءَ طرف ٿيل آسڪتي جڳياسا جو روپ وٺڻ لڳي! پر ان ۾ بي چئنيءَ بجاءِ آتم وشواس پريل هو. پوءِ بہ هو ڌيرج رکي سگهيو ءِ ڊِنر تائين ترسيو ءِ ڪي گهڙيون هو سڀ ڪجهہ پلجي ويو.

ڊِنر وقت هو ڊائننگ هال ۾ اَچي وينو. هن هڪ سوُپ گهرايو ءِ ڌيري ڌيري سِپ ڪرڻ لڳو. من ئي من ۾ هو ڪنهن سنجوڳ جو اِنتظار بہ ڪرڻ لڳو. هن کي هاڻ پاڻ تي پروسو وينو تہ هو سوڪالڊ ’لَوَ ائٽ فرسٽ سائيٽ‘ جو شڪار ضرور ٿيو آهي، پر بي هوش نہ ٿيو آهي. هو باهوش آهي. هن

پوري هوش حواس سان پاڻ کي سمجهايو- هن جا کي اَرمان هئا، جيون ۾ کي عمدا نظريا جڙيل هئا. هو سوچيندو هو- انسان پاڻ کي پيڙ کان اَلڳ تڏهن تو ڪري سگهي، جڏهن هو ڪا اَساڌارڻ ڳالهہ ڪري تو، رواجي واه واهيءَ کان هٽي. هن پنهنجي آرٽ کي عام طور پنهنجو پاڻ تائين محدود رکيو هو، ان جو بہ اهو ڪارڻ هو. هو فقط تڏهن پينٽنگ ڪندو هو، جڏهن اَندر جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ان لاءِ ڪا پريرڻا اُپرندي هئي. اِئين هن سوَ کان وڌيڪ چتر پنهنجي آرٽ گئلريءَ ۾ رکيا آهن. ڪي چتر گفٽ ڪرڻ کان سواءِ هن ڪو بہ چتر وڪڻڻ جو خيال نہ ڪيو آهي. هن وٽ سمپتي ڪافي آهي ۽ لوپ کان هو پري رهي سگهيو آهي.

رکي رکي سوُپ جو چمچو چمچو کڻي هو پاڻ کي ماحول ۾ مشغول رکي رهيو هو. اِئين توري وقت ۾ سنجوڳ ساڪار ٿيڻ لڳو. هوءَ ڇوڪري ۽ هن جي مميءَ جي عمر جي هڪ عورت هال ۾ ٻرينءَ ڪُنڊ ۾ اَچي ويٺيون. هو هاڻ اِطمينان سان هنن طرف نهاري رهيو هو. مڌم روشنيءَ ۾ هو جيترو ڏسي ٿي سگهيو، اُتساه ۽ جڳياسا سان ڏسي رهيو هو. هو ٻئي ڳالهائي نہ رهيون هيون، فقط وچ وچ ۾ هلڪو مُشڪي رهيون هيون. ڪڏهن ڪڏهن هٿ جي اِشارن ۽ آڱرين جي تڪڙي تڪڙي بدلجندڙ پوزيشن هلندي پئي رهي. ڇوڪري هر وقت يا تہ مشڪي رهي هئي يا ٿَهڪ ڏيئي کلي رهي هئي- يا دور کان اَهڙو آياس ٿي رهيو هو.

هوءَ هاڻ پاڻ وڌيڪ ڇهڪي ۽ مهڪي رهي هئي. هاڻ عورت ويٽر کي ڪجهہ چئي رهي هئي. ويٽر توري دير ۾ وٽن بہ بائول رکي ويو. ڇوڪري ڪڏهن وري بلڪل چپ ٿي ٿي وئي. ڏير - گنيير. ڇڻ پنهنجي آس پاس جو جائزو وٺڻ لاءِ سپ ڪجهہ غور سان ڏسي رهي هجي! وري ڪڏهن هائپر اَئڪٽوِ ٿي کل مستيءَ ۾ مشغول پئي نظر اَچي! هن جي چپ ٿي وڃڻ جو ڪارڻ سمجهڻ ۾ اَنوُراگ کي بلڪل دير نہ لڳي. هوءَ ڳالهائڻ کان لاچار هئي. آواز جي دنيا کان محروم هئي. پر هِن جي چست ڦڙت وهنوار

۽ بار بار ڪلڻ ۽ مشڪل جو ڪارڻ هو سمجهي نہ سگهيو. شايد هن جي باقي حواسن جو پاوَرفل هئڻ ان جو ڪارڻ هو يا ٻيو ڪجھ.

اَنوراگ کي هڪ ننڍڙو شاڪ لڳو. جڻ ٿوري دير لاءِ هن جي پنهنجي آواز جي دنيا چپ ٿي ويئي هجي. حيرت وچان هو قدرت جو ڪرشمو ڏسڻ ۽ پرکڻ لڳو.

ڇوڪريءَ جي پوري شخصيت اَلٽرا ماڊرن سوسائٽي گرل جي هئي. هن کي بلئڪ جينس تي نارنگي لڱندڙ ٽاپ پيل هو. هن جا چلڪندڙ ۽ کليل وار رکي رکي لهرائي رهيا هئا. گوگلس هن اکين کان مٿي وارن ۾ اَٽڪائي ڇڏيا هئا. هن جي ويڪرين اکين ۾ دنيا کي ڀرپور ڏسڻ جو چاھ ڀريل هئو. هوءَ جڻ اکين ۽ هٿن سان ڳالهائي رهي هئي. هن جو هر پل ڪو نہ ڪو ايڪسپريشن ان عورت کي ڪنهن نہ ڪنهن جوابي اِشاري لاءِ مشغول ڪري رهيو هو.

هونءَ هوءَ ٽوٽل پرسنلٽيءَ ۾ بي جوڙ هئي. سونهن ۽ جوانيءَ جو اَهڙو سنگم ۽ آواز کان محروم!

هن کان هلڪي آھ نڪري ويئي!

هاڻ هن کان رهيو نہ ٿيو. حالتون بنه بدلجي چڪيون هيون. هو هنن جي ڀر ۾ وڃي، اِجازت وٺي ويٺو ۽ ٿوري دير ڳالهيون ڪري واپس اَچي پنهنجي ٽيبل تي ويٺو.

هن سان گڏ آيل عورت هن جي ممي نہ پر آيا ڪم ٽيچر هئي. هوءَ هن کي اَڪثر اَهڙين جڳھين تي گهمائڻ وٺي ويندي آهي. ماءُ پيءُ جي هوءَ اَڪيلي سنتان آهي. هن جا ماءُ پيءُ ٻہ ڪڏهن گڏ ايندا آهن. جنم کان وٺي هوءَ آواز جي دنيا کان دور آهي. هن اسڪولي تعليم ٻہ پوري ڪئي آهي. فائين آرٽس جي اِسٽوڊنٽ آهي. چترڪلا هن جو سهارو آهي.

اَنوراگ بي خياليءَ مان پڇي ويٺو، ”ٻيو ڪو سهارو؟“

”ٻيو سهارو هن لاءِ اَڃا تہ سپنو آهي! پر اَسان کي وڏيون اُميدون آهن.“

اِئين اُن عورت ٿوري دير ۾ گھڻو ڪجھ ٻڌائي ڇڏيو. اِئين لڳي رهيو هو تہ هن اَڳيان اَهڙا سوال ڪٺي ويندڙ گھٽا ئي هوندا ۽ هوءَ سمجھدار عورت اهو سڀ ڪجھ پاڻ ئي ٻڌائي ٿي وئي، جيڪو سامهون واري کي عام طور جاڻڻو هوندو آهي.

هن کي ان جي ڳالهائڻ مان اِهو بہ محسوس ٿيو تہ ششتاچار وچان هنن وٽ سوال ڪٺي ويندڙ گھٽائي هوندا پر موٽ ڏيڻ وارو ڪوبہ نہ هوندو.

واپس اَچڻ لاءِ اُٿڻ تي ان ڇوڪريءَ سامهون ڪان اُٿي هن سان پاڻ مرادو هٿ ملايو ۽ دِل کولي مُشڪيو. ان عورت کي اهو ڏسي عجب لڳو ۽ هن کان هڪ لفظ ڇڻجي ويو- ”وندرفل!“

اَنوراگ کي لڳو، هن عورت جي ان لفظ مان اهو جهلڪي رهيو هو، تہ عام طور اها ڇوڪري اَهڙا رسپانس ڪانہ ڏيندي هوندي. اِئين اِها هڪ ننڍڙي غير رواجي ماجرا هوندي.

اَنوراگ بہ پنهنجي لرزش لڪائي نہ سگھيو ۽ هو واپس اِچي پنهنجي ٽيبل تي وينو.

اَنوراگ کي ٽيبل تي اَچي ويهڻ تي ان عورت جو اهو لفظ معنيٰ پريو لڳو- ”وندرفل“. هن عورت جو اهو جملو بہ من ۾ دُهرايو- ”هيو سهارو اَچا تہ هن لاءِ سپنو آهي!“

سپنو ۽ وندرفل.

اَنوراگ ٻنهي لفظن کي ملائي ڇڏيو-وندرفل سپنو!

رات اَچا جوان هئي. ٿڌي ٿڌي هوا لڳي رهي هئي. روشني ۽ اوندھ ملي هڪ ٿي ويون آهن. جڻ نہ روشني آهي نہ اوندھ! هو بہ جڻ ڪليل اَکين سان ڪو سپنو ڏسي رهيو آهي. هن جا دل ۽ دماغ ڪشمڪش ڪري رهيا هئا. دل چئي رهي هئي- موقعا بار بار نہ ايندا آهن. شايد هو ڪنهن کي تاري سگھي ٿو. دل ۾ روشنيءَ اَچڻ چاهيو پر دماغ اوندھ سان مقابل هو. مِشن ۽ ويزن جي ٽڪراهٽ! ۽ هو ٻُڌتر ۾ پئجي ويو!

(ڪونج-٢٠٠٩)

# هڪ خوبصورت ٻُڍي عورت

سڀ کان پهرين ھِن جي نظر سفيد چمڪندڙ چيز تي پيئي. اھا چانديءَ جي پازيب ھئي. ڻُنو اِنچ ويڪر چڱي ٿُلهي سائيز جي اُن چير سِجَ جي ڪرڻن کي وراڪو پئي ڏِنو. چير ۾ ھر ھڪ اِنچ ڊيگھہ ۾ اَٽڪل پنج سنھا خانا نھيل لڳي رھيا ھئا، جن جي ڪري ھڪ پوُر وِچوٽ ٻزائين جو آڪار چمڪات ڏيئي رھيو ھو. ٻنهي پيرن کي برابر گھيريل چير ڇڻ تہ ھن جي ڪُڙين جي آس پاس نچي رھي ھئي. چير نہ وڏي، ۽ نہ ننڍي. بلڪل پيرَ جي سائيز سان ٺُز نھڪيل ھئي. پر ھن کي وڌيڪ موھت تہ چير جي ھيٺان ڪير ڏوتل، صاف شفاف ڪُڙين ئي ڪيو. ائين لڳي رھيو ھو جيئن اُھي ڪُڙيون پڻ چانديءَ جا نوان نڪورا زيور ھجن. ڪڙين تي لالاڻ جي بہ چمڪ ھئي. شايد ھُن شھزاديءَ ڪڏھن عمر ڀر مٽيءَ تي پير ئي نہ رکيو ھجي. ھوءَ ھلندڙ چلندڙ پري نہ ھجي ھا، تہ اَنارڪليءَ جي آرس پٿر جي ٻُت جو ڀرم ٿئي ھا.

ھُن ورائي ورائي ٻنهي پيرن جو جائزو ورتو. ٻئي پير ھڪ ٻئي کان وڌيڪ خوبصورت لڳي رھيا ھئا. پيرن جي چيچ ۽ ٻاچ ۾ چانديءَ جي ڇَلن ڇڻ ھٿن جي منڊين جو آڀاس پئي ڪرايو. پيرن جي نَنهن تي واڱڻائي رنگ جي پالش ٿيل ھئي. نَنهن اڳيان بلڪل گول فائيلنگ ڪيل ھئا.

سوُنهن شايد ڪنهن چيز ۾ يا ڪنهن اِنسان ۾ نہ هوندي آهي، ڏسڻ واري جي نظر ۾ هوندي آهي. هن جي نظر جي پرک ۾ هوندي آهي. اَهڙي ڪنهن بہ نقطي کان بي خبر، هو هن جي پيرن طرف هِرکيل اکين سان نهاري رهيو هو. اُهي پير آهستي آهستي شِو جي هڪ وڏي شاهي مندر ڏانهن چُري رهيا هئا. هو هن شهر ۾ نئون هو. هن مندر ۾ پهريون دفعو گهمڻ آيو هو. پر هن کي تہ مندر ۾ اَندر اَچڻ کان اڳ ئي چمڪات نظر اَچي ويو. هن کي لڳو، اَهڙين ڪن اَڻ لپ گهڙين ۾ ئي هن جو ڪوي هرديہ هئڻ، ڪنهن حد تائين، معنائتو بڻجي تو.

اوچتو هن جي من ۾ هڪ خيال طوفان ڪري آيو. جن پيرن کي هن جو من سجدو ڪري رهيو هو، جن پيرن کي چمڻ جي چاهنا هڪ عبادت يا آرزو لڳي رهي هئي، اَهڙن پيرن جي مالڪڻ-- ان حوُر-پَريءَ ... کي تہ اَجا هن روبرو ڏٺو ئي ڪتي آهي!

هوُ سچ پچ گهڙي پَر پُڻجي ويو تہ اَهڙي چانديءَ جي چير ۽ اَنَاويهہ ڪئريٽ جي سون جهڙن پيرن ڌارڻ ڪرڻ واري حوُر کي ڏسڻ تہ اَجا باقي آهي!

۽ پوءِ هن جون اکيون اُن حور جي چهري تي اَچي جڻ هميشه لاءِ اٽڪي ويون!

چهري تي اَهڙو خدائي نوُر هن ڪڏهن نہ ڏٺو هو. مُنهن تي حياوَ جون لڪيرون جهلڪي رهيون هيون. اَکيون هُن جي جوانيءَ جي ياد تازي ڪرائڻ لاءِ ڪافي هيون. هنجي اکين جي ڇپرن تي اُهو ئي وايوليٽ شيڊ برابر مئچ ڪري رهيو هو، جيڪو هن جي پيرن جي ننهن جي پالش ۾ هو. هنجا ڳل پنهنجي لالاڻ برقرار رکي چهري جي رونق برابر سنڀالي رهيا هئا. هلڪي مشڪ ۾ چپن تي ڏيان ڇڪائيندڙ مئجينٽا راڻي رنگ جو شيڊ ڪشش ڪندڙ هو. ٿورا ٿورا نظر ايندڙ چمڪندڙ ڏند چانديءَ جي چمڪ جو ڀرم پيدا ڪري رهيا هئا. هن جي لوڪٽ بلائوز مٿان ڳلي ۾ پيل

چانديءَ جو هار ڏسي هن هيٺ نظر ڪئي. ڪٿي ڪنهن جادوءَ سان پازيب کي ته گلي ۾ نه پائي ڇڏيو هوا! ساڳي ڊزائين جو هار، پر ان ۾ سنها هيرا ٻهڪي رهيا هئا. هن جي هڪ هٿ ۾ ساڳي ڊزائين واري بيلٽ، جنهن ۾ سونهري ڊائل واري واچ وقت کي پنهنجي ضابطي ۾ رکيو هو، ۽ هن جي ٻئي هٿ ۾ سليوليس ڪوٽيءَ سبب کُليل ٻانهن سان مٺي ڏيندڙ ننڍڙا گول ڳاڙهن ٽبڪن وارا ٻه ڪنگڻ، سون جو شان وڌائي رهيا هئا. اُنهن تي هڪ سفيد چلڪندڙ چانديءَ جو ليڪو ٻه اُڪريل هئو.

هو هُن اڏيُت مورتيءَ کي ڏسي دنگ رهجي ويو. هن ائين ته پنهنجين جوان اکين سان لکين حسين هستين کي ڏٺو هو. پر هيءَ ته ڪا اڄر ماجرا هئي. هن جو ڪنڌ هن شخصيت اڳيان جڻ جُهڪي ويو! اگر ڪوئي اجازت ڏئي، ته هو پڳوان ڪان اول پڳوان جي هن ڪرشمي کي سجدو ڪرڻ چاهي. هن عورت جي خدائي نوُر طرف آسائتين اکين سان نهاريو. هن چاهيو- هڪ دفعو، فقط هڪ دفعو هو هُن نوُر-جهان سان هڪ کن لاءِ نظر ملائي سگهي! آهستي مندر جا ڏاڪا چڙهندي هوءَ آرس پٿر جي ٿڌي فرش تي ائين هلڻ لڳي جڻ ڪا پري هوا ۾ ڇُري پُري رهي آهي. مندر اڳيان اَچي هن رابيل جي گلن سان سجايل چانديءَ جو ڪير پريل هڪ لوٽو شرڌا سان پوڄاريءَ کي هٿن ۾ ڏنو.

واهه! ڇا پوڄاريءَ جي ڀاڳ سان گهڙي کن لاءِ ايرڪا ڪرڻ ڪو ڏوهه آهي؟ هن جي من ۾ سوال پيدا ٿيو. هوءَ اڪثر يا شايد روز هت ايندي هوندي! هو ٻه هت وري ايندو. وري وري ايندو. جيستائين هڪ ڀيرو هن جي اکين سان سامنو نه ٿيو آهي. اهو ڄڻ هن جي حياتيءَ جو مقصد بڻجي پيو هجي! مندر ۾ ماڻهو ته عام جام هئا. هن جيان ڪيترائي ان عورت طرف نگاهون وجهي رهيا هئا. پر هُن جي ڳالهه ٻي هئي.

هُن همت ڪري ڀر ۾ وڃي هن عورت جي چوٽي ۾ پيل رابيل جي گُلن جي خوشبوءِ جو لطف ماڻيو. هُن کي لڳو، اُنهن سفيد رابيل جي گلن

جي وچ مان ڪير جي ڏارا ڦٽڻ لڳندي. هُن عورت جي پوري پُني وزن جي پيٽ ۾ هن جي شخصيت بيشڪ ٺاهوڪي هئي. ائين محسوس ڪرڻ هن لاءِ ڏکيو نہ هو، تہ هن پنهنجي حياتيءَ جون سٺ پنجهٺ ڏياريون تہ واهہ جو ڏٺيون هونديون. چاهي ڀرپور ميڪ اَپ ساڻ بہ هُن جي منهن جون لڪيرون پنهنجو پارٽ ادا ڪري رهيون هيون. عورت جي عمر جي شاهدي هن جي چهري ۾ ڳلن جي ٿورو هيٺ، چپن جي ڀرسان، ننڍڙا ڪُبَ ڀري رهيا هئا. پر ان ڪري تہ پاڻ هُن جي خوبصورتي حيرت ۾ وجهندڙ ٿي پيئي هئي. هڪ خوبصورت ٻُڍي عورت!

سفيد سِلڪي ساڙهيءَ ۾ سنهي واڱڻائي چٽسالي هُن جي سوُنهن کي آسمان تي پهچائي رهي هئي. هن ڏٺو، با اَدب، اُن عورت شِوَ ڀڳوان طرف ٻئي هٿ جوڙي آداب ڪيو. هن جي هٿن جي آڱرين ۾ پڻ پيرن جيان ٿي چيچ ۽ ٻاچ جي آڱرين ۾ چانديءَ جا ڇلا پيل هئا! هٿن جا ننهن بہ ائين سنواريل سجايل، رنگ اهڙو اَڇو اُجرو، گورو، جو هٿ جا ٻئي طرف ڄڻ هڪ جهڙا هجن. هن جي چهري هٿن ۽ پير جي کُڙين جو اهو رنگ هن کي انسان مان فرشتو بڻائي رهيو هو. هن گهڙي پلڪ مندر کي پرڪرما ڏني ۽ ڪير وارو لوٽو پير ۾ پيل صندليءَ تان واپس ڪٽي تمام آهستي واپس ڏاڪڻ طرف وڌڻ لڳي.

هوءَ گوري ڪا ايليزابيٿ نہ هئي. هن ئي شهر جي نازنين هئي. اُن اڻ ڄاڻ عورت لاءِ هن جي من ۾ هڪ ئي وقت قرب ۽ فخر جو اَحساس ٿيڻ لڳو. پنهنجن ويچارن ۾ ڪوهيل هوندي هن کي سَمڪ ئي نہ رهي، بي خياليءَ ۾ هو هنجو رستو روڪي بيٺو هو. هوءَ اُتان شروع ٿيندڙ ڏاڪي لهڻ جو انتظار ڪرڻ لڳي. اَچانڪ هن ننڍو ڇرڪ ڀري نهاريو. هوءَ هن طرف نهاري تمام جهيڻو مشڪي رهي هئي. هن جي چپن مان هڪ سُريلو لفظ بہ هيٺ لهي آيو، ’ڀائي صاحب...‘ ۽ هن جي نظر ملي هڪ ٿي وئي. هو ڄڻ نهال ٿي ويو.

هن لڄي ٿيندي شرمائيندي سُري بيهي، هن کي رستو ڏنو. پاڻ مرادو هن جا ٻئي هٿ جُڙي ويا. نهايت خوبصورت ٻُڍي عورت هاڻ پُنيري هئي. هن جا جوڙيل هٿ اُن عورت جي سونهن جو سجدو ڪري رهيا هئا. هو شِوَ ڀڳوان ڏانهن بہ پُنيرو بيٺو هو. هن ڏٺو، هاڻ شِوَ ڀڳوان جي مندر ۾ اها رونق نہ رهي هئي، جڏهن پاروتي مندر جا ڏاڪا لهي رهي هئي.

هن جي اندر ۾ هڪ آهہ ڀرجي وئي. سُبحان الله!

هڪ خوبصورت ٻُڍي عورت!

(رچنا-٢٠١٠)

# صفائيءَ وارو انڪل

صفائيءَ وارو انڪل.

صفائيءَ واري آنٽي.

هنن جو اهو پريچيہ اَسان جي ننڍڙي ڇهن سالن جي ببلوءَ ٺاهيو آهي. هو ٻئي اَسان جي بنگلي جي آس پاس جي پڪي رستي تي اڪثر روز صفائي ڪندا نظر ايندا آهن. هڪ جوان مرد آهي انڪل ٽيهن پنجٽيهن سالن جو. سنهو پر مضبوط شرير. گهڻو نہ پر ٿورو ڊگهو لڳندڙ قد بت. چهرو ٺاهوڪو پر رنگ ڪُليل نہ ڇئي سگهجي نہ ئي وري گهڻو ڪارسرو. شڪل ۾ ائين نيڪ ناڪ، پر ڪا ڪشش ڪندڙ ڳالهہ هئي تہ هن جي معصوميت، سڀاجهائي. چُپ ايتري قدر جو مشڪل ڪڏهن ڪنهن سان ڳالهائيندو ڏسجي. گڏ صفائيءَ جو ڪم ڪندڙ پنهنجي پتنيءَ سان بہ نہ. نظر بلڪل هيٺ. پاسي ۾ لنگهندڙ طرف بہ نظر وراڻڻ هن کي ضروري ڪونہ لڳندو. نہ ئي وري سندس پتنيءَ طرف.

هن جي زال بہ هن ساڻ ئي ساڳيو ڪم ڪندي نظر ايندي آهي. وڏِي لنبِي بانس جي لٺ ۾ هيٺان ٻڌل ٿُلهين تيلين جي ٻهاريءَ سان صفائي ڪرڻ جي ڪم ۾ ٻئي ائين محو ٿي ويندا جو هنن کي اَڳيان پٺيان نهارڻ جو نہ وقت ملندو هو ۽ نہ ئي ڪا ضرورت محسوس ڪندا هوندا.

هن جي زال بہ هن جيان ساڳئي نموني جي لنبي بانس جي لٺ هيٺان ٻڌل ڦلهين تيلين جي ٻُهاريءَ سان ساڳئي نموني ڪالونيءَ جي وچ ۾ پڪي رستي تي صفائيءَ ۾ مشغول. هوءَ بہ ايتري ئي لنبي پر پنهنجي پتيءَ کان بدن ۾ ڀريل. مُنهن ڪجهہ وڏيڪ ڪارسرو ۽ وري منهن تي وڏي ماتا وارا نشان بہ چٽا. پنهنجي پتيءَ جي ڀيٽ ۾ هوءَ ڪجهہ ويچاري لڳندي آهي. پر ٻئي ساڻ ساڻ ساڳيو ڪم ڪرڻ ۾ ائين مشغول جڻ هو ٻئي هن ڪم جا ماهر هجن ۽ ڪالونيءَ جي ٻنهي پاسي ڦهيل بنگلن جي قطار اڳيان بيٺل ڪارين ۽ هلندڙ ماڻهن جو وجود هنن لاءِ ڪا بہ رنڊڪ پيدا نہ ڪندو آهي. البت ايندڙ ويندڙ ڪارين اِسڪوٽرن لاءِ هو وڏي ڌيرج ۽ نمرتا سان سُري جاءِ ڏيندا آهن ۽ ترسي بيهندا آهن. جڻ اِهو بہ هنن جي فرض جو اهم حصو آهي. پر ان وقت بہ هنن جي نظر ڪجهہ هيٺ ڀري ۽ چپ ساڳئي نموني بند. ڪُجهہ بہ ڪُڇڻ جي هنن کي ضرورت محسوس ئي ڪانہ ٿيندي هئي.

هنن جي نظر پنهنجي دائري ۾ رهندي آهي. بيني بيني يا تمام آهستي هلندي ٻئي چٽا هڪ ٻئي کي سات ڏيندا ڏيندا، هڪ هڪ پاسو ڪُنڊ صفا ڪندا ويندا. تڪڙ بلڪل نہ ڪندا. جڻ ڪالونيءَ ۾ وڏو فنڪشن ٿيڻ وارو هجي ۽ خاص طور هدايت ڏيئي ۽ پڻ ڪا لالچ ڏيئي هنن کي اهو ڪم سونپيو ويو هجي. هنن لاءِ اهو ڪم ائين تہ عام رواجي ۽ روز جو سڌو سادو، تن ۽ من کي هر طرح ٿڪائيندڙ ۽ مِٽي ڌوڙ ۽ اُڏامندڙ دز سبب اڻ وڻندڙ هئڻ گهرجي. پر اُن جي اُبتڙ هو جڻ اهو ڪم ڏاڍي چاهہ سان ڪندا نظر ايندا هئا. وڏي ڳالهہ تہ هو پاڻ ايترا ميرا ۽ گدلا تہ ڪڏهن نظر نہ ايندا هئا پر جيڪو سو ٿورا اَڇا اُجلا ۽ صاف سُٿرا نظر ايندا هئا. مرد کي سادو رنگين پينٽ ۽ شرٽ پاتل هوندو آهي ۽ عورت کي سادي رنگين ساڙهي. مرد کي پيرن ۾ جوراب ۽ سستو ڪئنواس جو اَڇو بوٽ پاتل هوندو آهي ۽ عورت کي ٿوري چڱي چمپل.

ڪالونيءَ جي گهٽيءَ جي رستن کان سواءِ هو بنگلي ۾ پيل ڪچري جي پلاسٽڪ جي وڏي ڊَسٽبِن مان ڪارِي وڏِي پنِي ڪڍي پنهنجي ڪچري جي گاڏيءَ ۾ وجهي گاڏي هلائي وڃڻ جو ڪم بہ هو ڪندا ويندا هئا. اهو هنن جو روزگار جو سامان هو. هڪ ٻن ڦيٿن ۽ هڪ ڏنڊي ۽ هئنڊل وارو ڪچري کڻي وڃڻ جو گاڏو ۽ ٻنهي جا الڳ الڳ بہ وڏا ٻهارا- جئن هو هيٺ نِوڙي صفائي ڪرڻ بجاءِ هلندي يا بيٺي بيٺي صفائي ڪري سگهن. اَڃا هنن کي ميٽرو سِٽيءَ جيان اُس ۾ پائڻ جي ٽوپي يا ڪارا چشما يا وڪاس ٿيل ديشن جي اُسريل فضا جيان منهن تي ماسڪ پائڻ جي ترقي ڪرڻ باقي هئي. پر ڪين اَهڙي ڪا سُڌ يا درڪار نہ هوندي، نہ تہ اها سڀ ڪا وڏي ڳالهہ نہ هئي.

اَسان جو ڇهن سالن جو ببلو هن مرد کي صفائيءَ وارو انڪل ۽ هن جي پتنيءَ کي صفائيءَ واري آنٽي چوندو آهي. سياري جي سيءَ کان لڪي اسان ڪمري ۾ در ڏيئي اندر هُجون ۽ هو ڪڏهن ڪچري جي دٻي مان ٿيلهي بدلائڻ اَچن تہ ببلو چوندو-شايد صفائيءَ وارو اَنڪل هوندو. اَسان کي هن جو ائين پاڻ مُرادو صفائيءَ وارو انڪل چوڻ وڻندو آهي. جئن ٻار اَڪثر ڊاڪٽر اَنڪل، فروٽ وارو انڪل يا ڪوُريئر انڪل چوندا آهن، ۽ ائين ئي ڪڏهن پوُٽ جي ڪهاڻي ٻڌندي چوندا آهن- پوءِ پوُٽ انڪل جو ڇا ٿيو! تئن هو هن کي صفائيءَ وارو انڪل چوندو آهي. اهو اسان کي ڪڏهن بہ اَڻ وڻندڙ نہ لڳندو آهي. ڇو جو هو ٻئي چڱا صاف سُٿرا ۽ ڪافي سڀيہ وهنوار ڪندڙ پنهنجو ڪم ڏاڍي ڌيرج ۽ ايمانداريءَ سان ۽ اهو بہ بنا ڪنهن بہ قسم جي لالچ جي ۽ ڪنهن بہ واڌو شاباس جي درڪار کان سواءِ ڪندا آهن. ٻنهي جو وهنوار ڏاڍو مانيٺو ۽ شانت هوندو آهي. اَهڙي هلڪي لڳندڙ ڪم ڪرڻ وارن کي سماج ۾ ڌِڪار ۽ ڌُتڪار سان ڏسڻ بجاءِ اَحسان جي نظر سان ڏسڻ گهرجي- اُهو ڀائيچاري جو وهنوار هنن بہ لهڻو جيڪو ٻيا وائيٽ ڪالر ڪم ڪندڙ هڪ ٻئي سان ڪندا آهيون. گهٽ ۾

گھڻ هنن ٻن صفائيءَ وارن کي ڏسي اَسان کي تہ ائين ئي ٿيندو آهي تہ پنهنجي پنهنجي روزگار کي ايتري ئي اَهميت آهي، چاهي اهو روزگار گند ڪچرو کڻڻ جو بہ ڇو نہ هجي. هنن جو تہ سماج تي اَحسان آهي. اهو ڪم جي هو نہ ڪن تہ اَسان مان ئي ڪن کي ڪرڻو پوي. ڪنهن خاص جاتي برادريءَ جي لاءِ اَهڙا ڪم ڪرڻ جي ذميواري مَنوُسُمرتيءَ ۾ يا گيتا ۾ پل چيل هجي، ٻين ديشن ۾ اَهڙن ڪمن کي گهٽ نظر سان ڏسڻ جو رواج گهٽجي چُڪو آهي. هاڻ تہ اَهڙن ڪمن جون وڏيون انٽرنئشنل ايجنسيون بہ آهن. اَسان وٽ صفائيءَ وارا اَنڪل ۽ آنٽي اَجا بہ گهٽو پنتي پيل آهن. اَڇي اُجري سماج پنهنجي ڀلائيءَ لاءِ هنن کي دَلت يا پنتي رهيل جاتيءَ ۾ رهڻ لاءِ مانسڪ واڙا ٻَڌي ڇڏيا آهن ۽ اُهي اَجا پيا هلن. ورڻ ويوستا جو ماڊرنائيزيشن ٿيڻ کان اسين ڊِڄوُن ٿا.

اَسان وارو صفائيءَ وارو اَنڪل هميشه ڪلين شيو رهندو آهي. اِهو شايد ئي ڪڏهن ڪنهن نوٽ ڪيو هجي، نہ ئي ڪڏهن ميرو گدلو نظر ايندو. ممڪن آهي هنن جو چُپ رهڻ هنن جي اَهڙي روزگار جي اَحساس-ڪمتريءَ جو نتيجو هجي. پر هنن جي پنهنجي نجي خاصيت نظر ايندي آهي. شايد اهو ئي سبب آهي جو ڪالونيءَ ۾ ڪڏهن ڪو بہ هنن طرف حقارت جي نظر سان ڪونہ ڏسندو آهي ۽ نہ ئي ڇڙٻ ڏيئي يا ڏاڍيان حڪم جي انداز ۾ ڳالهائيندو آهي.

هنن جي هڪ قسم جي شخصيت جي اَثر هيٺ هنن کي ڪو بہ جونو راتوڪو بچيل کاڌو ڪونہ آڇيندو آهي. شايد هو پنهنجو روزگار ڪمائيندڙ عزتدار لوڪ لڳندا آهن، ان ڪري هنن کي ڪيترن گهرن مان پيئڻ لاءِ پاڻي آڇيندا آهن.

صفائيءَ وارو اَنڪل يا آنٽي هيڏي وڏي ڪالونيءَ ۾ روز ٻئي پاسي ڪم ڪندا آهن ان ڪري هو ڪڏهن ڪٿي ڪڏهن ڪٿي نظر ايندا آهن. هو پنهنجو ڪچري جو گاڏو ڪٿي پوءِ ڪيڏانهن ويندا آهن يا هنن جو گهر

ڪتي آهي يا ڪھڙو آهي- اهو سڀ ڄاڻڻ جي اُتسڪتا ٿيندي آهي پر هنن طرف اسان جي صدين جي لاپرواهي اسان کي بہ روڪي رکندي آهي شايد. پر جڏهن کان اسان جي ڇئن سالن جو ببلو هن کي صفائيءَ وارو انڪل چوڻ لڳو اَسان جي پنهنجي درشٽي هنن طرف بدلجڻ لڳي ۽ اَسان پاڻ بہ هنن کي همدرديءَ يا حقارت بجاءِ پنهنجائپ جي ڀاونا سان ڏسڻ لڳاسين.

اَسان هڪ ڏينهن گھر ۾ پنهنجي ببلوءَ جي غير حاضريءَ ۾ صفائيءَ واري اَنڪل بابت سوچڻ ويٺاسين. اَسان کي لڳو تہ هنن کي پنهنجي ڪم ۾ هڪ قسم جو سنتوش آهي. هنن جي چھري تي گيتا جي اَن آسڪتيءَ جو ڀاوُ نظر ايندو آهي. نروڪار ڀاونا واري هنن جي معصوميت سان هنن جو چھرو ائين نظر ايندو آهي جڻ چوندا هجن-اسان ڀلا- اَسان جو ڪم ڀلو.

پر هڪ ڏينهن اَسان ڪجھہ ٻيو بہ ڏٺو.

آرتوار جو ڏينهن هو. موڪل سبب اسان سڀ گھر جي اڳيان ننڍڙي باغيچي ۾ پينگھي تي ۽ ڪرسين تي اخبار پڙهي يا ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين تہ اوچتو ببلوءَ جو آواز ٻڌي اَسان جو ڌيان هن طرف ڇڪجي ويو.

پاپا- پاپا وو ديکو... صفائي والي اَنڪل اؤر آنٽي کي ساٿ ڀئيا ڀي جا رها هئہ!

اَڄ هنن جو ڳاڏو هنن جو ڏهن ٻارهن سالن جو پُٽ هلائي رهيو هو. اها ئي معصوميت. اها ئي مانيٺي نظر. اهو ئي آتم سنتوش. اَسان ببلوءَ جي ڳالھہ تي ٿورو مشڪياسين، پر منهنجي اندر ۾ هڪ سُڏڪو نڪري آيو. ماءُ پيءُ کان بہ وڌيڪ اَڇو اُجرو ۽ صاف سُٿرا ڪپڙا پاتل وٽندڙ ٻار.

منهنجي دل چيو-

هنن کي سُپنن ڏسڻ جو حق آهي. پر هنن کي شايد اُها خبر نہ آهي. هن ننڍڙي ٻار کان اهو حق کسڻ جو ڪنهن کي بہ حقُ نہ آهي. هن جي

پيءُ صفائيءَ واري اَنڪل کي بہ نہ! مون کي لڳو مهاتما گانڌي ۽ آمبيڊڪر
جي مليل روپ جو ڪو ڊڪٽيٽر پيدا ٿيڻ گهرجي.
اَسين ڏسندا رهياسين.
هو ٿيئي تمام آهستي ڌيرج سان وچي رهيا آهن.
اَڳيان صفائيءَ واري آنٽي.
پٺيان هنن جو ببلو گاڏو هلائيندي.
هن جي پٺيان صفائيءَ وارو اَنڪل.
شايد هنن ٿنهي جون اَکيوُن بوٽيل هيون.

(رچنا- ٢٠١١)

# منيءَ پر ممتا

**ماءُ:**

هوش جا ترنگ موٽڻ تي شرير وري ياد پوي ٿو. درد کي بہ هوش اَچي ٿو وڃي چڻ، درد ايترو جو جيئڻ تي افسوس ٿيڻ لڳي. موت مِٺو لڳي. وري ٻار جي ياد پوَيس ٿي. ھُن کي ٻُڌڻ ۾ آيو- پُٽ ڄائو آهي. پڻ پڻ ڪن تي پيئي هئي. هڪ پل درد بيهوش ٿي ٿو وڃي چڻ. هوءَ من ۾ ٿورو سَرهي ٿئي ٿي. وري سوچ ۾ وڪلي ٿي. خبر ناهہ ڇا ٿي رهيو آهي. سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. لفظ ھِن جي ڪن تي پيا. ھِن سامت جو ساهہ کنيو. وري هوش جا ترنگ گُم ٿيڻ لڳا. وري مدهوشي. مدهوشيءَ کان بي هوشي! لنبي خاموشي! ڪوبہ آواز نہ! پٽڪو بہ نہ! هوءَ پوريءَ طرح بي خبر آهي تہ ھن تي گھڻا دفعا رت چاڙهيو ويو آهي. تہ ھِن جو ٻار بہ ٺيڪ ٺاڪ نہ آهي تہ هوءَ خود بہ ٺيڪ ٺاڪ نہ آهي، تہ ڪيس وڏي علاج لاءِ ايمبولنس ۾ پري وچٽو آهي. تہ هوءَ خود بہ آءِ.سي.يوُ. ۾ آهي تہ ھِن جو تازو ڄاوَل ٻار بہ آءِ.سي.يوُ. ۾ آهي.

**پيءُ:**

بيوَسيءَ جو ايترو تِکو احساس! اِنسان ڪيترو نہ بيوَس آهي! سوچ جو بہ پورو ساٿ نہ آهي. ڪڏهن ڪيئن ٿو لڳي، ڪڏهن ڪيئن. ڪڏهن اُميد

سهارو ڏٺجي تي ڪڏهن پاڇو ڏٺجي تي وڃي. آخر به ڪير ڪنهن جو ڪيترو ساٿ ڏيئي سگهندو.

جذبات ۽ ٻُڌيءَ جي لڙائي! اَندر جي ميدان تي! ڪڏهن هوُ ٻُڌيءَ جي ڳالهه ٻُڌي ٿو، ڪڏهن وري جذبات جي! هو بيحد فِڪر ۾ آهي. مِٽ مائٽ، يار دوست به هِن جيان فِڪر ۾ آهن. ڊاڪٽر حيلا هلائي رهيا آهن. هِن کي ٻڌايو اَٿائون ماءُ ۽ ٻار ٻنهي کي خطرو آهي. ٻار بچيو به ته سنئون سِڌو نه هوندو. ٻُريءَ طرح اَپنگ هوندو. هِن جي دماغ تائين رَت برابر نه پهتو آهي. هوُ دماغي طرح بيحد اَپنگ ٿي سگهي ٿو. وڌيڪ ممڪن آهي هِن کي بچائڻ جا اُپاءَ گهٽو جڻاءُ ئي نه ڪن. هوُ شايد ڪي ڪلاڪ ڪي ڏينهن يا ڪي سال ئي ڪڍي سگهي.

پر هِن جو من مُنجهيل آهي. ڊاڪٽر هِن کي سيني جي سامهون چئي رهيو آهي. ''اهڙو ٻار 'پالڻ' خود ۾ هڪ چئلينج آهي. اَسان ڊاڪٽر هاڻ اهڙي ڪنڊيشن ۾ ٻار کي زوريءَ بچائڻ جي صلاح نه ڏيندا آهيون. توهان ٻئي ڊاڪٽر جي صلاح ضرور وٺو. اَسان پاڻ به اِئين ڪندا آهيون. اُن سان من مضبوط ٿيندو آهي.'' ٻيو ڊاڪٽر به ساڳي ڳالهه ٻئي نموني چئي ويو. ''ٻار جي دماغ جو پورو وڪاس نه ٿيو آهي. هلندڙ علاج خود ئي ٻار تي ڀاري پئجي سگهي ٿو. وري به فيصلو توهان کي جلد ڪرڻو پوندو. ماءُ کي ته علاج لاءِ ٻاهر موڪلڻو ئي پوندو. ٻار لاءِ الڳ ايمبولنس ڪرڻ بهتر ٿيندو. نه ته ماءُ اِهو برداشت نه ڪري سگهندي. چار ڪلاڪ وڏو سفر آهي هِن کي وچ وچ ۾ هوش ايندو هوندو.''

**مائٽ:**

پهرين ايمبولنس رواني ٿي آهي. ماءُ سان گڏ ڪي ويجها مائٽ به ويٺا آهن. هڪ ڊاڪٽر به ويٺو آهي. ٻاٽلا چالو رکٽا آهن. آڪسيجن به چالو رکٽي آهي. ايڪسٽرا سلينڊر به کنيو ويو آهي. مائٽ چُست آهن. مجبوريون اِنسان کي چست بڻائين ٿيون. ماءُ کي ٻار جي خاص خبر نه آهي. مائٽ

بہ سياڻا ٻڍيا آهن. ماءُ کي سچ ٻڌائڻ نہ سؤلو آهي ۽ نہ ضروري. مائٽ فقط محنت ڪري رهيا آهن. مدد ڪري رهيا آهن. دُعا ڪري رهيا آهن. ٻنهي کي بهتر ٻڍائي گهر وٺي اچڻ جا سپنا دهرائي رهيا آهن.

ٻي ايمبولنس اڌ ڪلاڪ پوءِ هلي آهي. ٻيا مائٽ اُن ۾ ٻار کي سنڀالي رهيا آهن. ٻار نرس جي حوالي آهي. آڪسيجن جي حوالي آهي. ڀڳوان ڀروسي آهي. ڊاڪٽرن جو رايو ڪين بہ معلوم آهي. هوُ بہ ٻُڌتر ۾ آهن. ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ ڀيءُ خود علاج بند ڪرائڻ جي اِجازت ڏئي. ڪيئن ٿو ڏيئي سگهي؟ مائٽن ۾ ڪي ماڊرن آهن. ڪي روايتي آهن. ڪي ڏارمڪ آهن. ڪي شرڌالو آهن. هوُ من ۾ باسون باسي رهيا آهن. ڪي ايشوَر کي ياد ڪري رهيا آهن. ڪي عجب ۾ خاموش آهن. هڪ مائٽ ٻئي کان آهستي پڇڻ ٿو چاهي، اَسان تہ ڪڏهن اِئين ڪونہ ٻڌو آهي تہ ٻار کي بچائڻ جو علاج بند ڪرائڻ جي صلاح ڏني وڃي.

ٻيو مائٽ خاموشيءَ سان پنهنجي بيوَسي جتائي ٿو. ٿيون بہ چپ آهي. ڊاڪٽرن جي سمجهہ ۾ ٻار دماغي طور بيحد ڪمزور آهي. پنهنجو پاڻ ڪو نہ جي سگهندو. هر پل هن کي سهارو کپندو. عمر ڀر، اِهو بہ ڪي سال. پر ڊاڪٽرن کي اِها پڪ ڪيئن ٿي ٿي سگهي؟ هوُ غلط هجن تہ؟ پر مائٽن جو من ڊاڪٽر لاءِ ڪابہ نفرت ڪانہ ٿو ڪري. هوُ تہ پاڻ ڪمائڻ لاءِ علاج جاري رکڻ چاهيندا هجن. هي تہ هِنن جي ڪمائي بند ڪري رهيا آهن. اِئين تہ ڪونهي. ٻين ڊاڪٽرن وٽ وڃڻو آهي، اِنڪري مائٽن جو من گهُمندو ٿو رهي. ڏسون ٻئي هنڌ وڏي شهر جا وڏا ڊاڪٽر ڇا ٿا چون. اِهي تہ ضرور علاج جاري رکندا. هِنن جو فرض آهي علاج ڪرڻ. آخر تائين، پوءِ مريض جو جيڪو ڀاڳ.

**ماءُ:**

هوءَ سُجاڳ آهي. ٻئي پيشنٽ الڳ الڳ ڪمرن ۾ داخل آهن. ماءُ ايترو ڀڪو جهٽي ٿي وٺي. يعني هِن جو ٻار بہ ٺيڪ ٺاڪ نہ آهي. هو بہ

هِت علاج لاءِ آيل آهي. هِن جو من مايوس ٿي وڃي ٿو. آخر هِن ڪهڙو گناهہ ڪيو آهي؟ هِن جي ٻار ڪهڙو گناهہ ڪيو آهي. ڪرمن جو ڦل آهي. پر ٻار تہ اڃا ڪوئي ڪرم ئي ڪونہ ڪيو آهي. تہ پوءِ پڪ ئي پڪ گذريل جنمن جي ڪرمن جو ڦل هوندو. پر اُن سان منهنجو ميل ڪيئن ٿو ٿئي؟ ضرور اَسان جا ڪرم اهڙا هوندا. بي اَنت مايا آهي. هي ڀڳوان!

تنهن ڪان تہ موت ڀلو. هي دک سهڻ ڪان ٻاهر آهن. مان نہ بچندس تہ ٻار کي سهارو ڪير ڏيندو. ماءُ تہ ماءُ آهي. ٻار نہ بچيو تہ مان ڪيئن سهندس. ۽ٻئي.... هِن جي سوچ جو سلسلو وڏيڪ ڪونہ هلي سگهيو. جيڪو ڪجهہ هوءَ پڙ پڙ ۾ ٻُڌندي رهي هئي، هن جي من ۾ دهرائجي رهيو هو. هن جي پنهنجي سمجهہ سالم ڪانہ رهي هئي. ڪِن پلن جي سُڃاڻپَءَ جو وقفو. وري لنبي خاموشي. ڊاڪٽر هِن جي علاج ۾ وڏيڪ آشاوادي آهن. هِن جو سُڃاڻ تيڻ اُن جو سبب هو. پر هو وري ٻار تيڻ جو اِمڪان بچائي نہ سگهيا آهن. اِهو اڳ ئي وڃائي چڪا آهن. هِنن وٽ تمام ٿورا آپشن ئي بچيا هئا. ماءُ کي بچائڻ جا حيلا هلائڻ ۾ هِنن ڪان ٻئي ٻار جو اِمڪان ڪونہ بچيو. ٻچي داني ڪڍڻي پيئي. سهمتي ڏيڻي پيئي!

**پيءُ:**

شانت چت ۽ دوُر درشٽيءَ سان سوچيو. اَسان کي خبر آهي اَسان ڇا چئون. پر هن دنيا ۾ هڪ اهڙو اپاهج ٻار توهان کي ڇو کپي، جو دماغ سان تہ پڪ ئي پڪ اَپاهج هوندو پر تن سان بہ بيحد ڪمزور هوندو. هِن جي عمر بہ گهڻي رهڻي نہ آهي. مشڪل سان هوُ ڪجهہ سال جي سگهي. برابر اَسان کي اِهو پروسو ڏيڻ جو ڪو ٻيو اُپاءُ نہ آهي. پر لنبو اَنيوَ اَوس آهي. اَسان آڪسيجن هلائي رهيا آهيون. شايد ٻار ڪجهہ ڪلاڪن ۾ ڪلينيڪل فائيٽ سهي نہ سگهي. اِن حالت ۾ توهان ۽ اَسان کي ڪو فيصلو ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بچيو نہ آهي. پر جي فائيٽ ڪري وڃي ۽ بچي

وجي تہ توهان کي علاج جاري رکڻ لاءِ سوچڻ گھرجي. اَسان اُن جي فائدي ۾ نہ آهيون.

هتان جا ڊاڪٽر بہ ساڳي ڳالهہ چئي رهيا آهن. ڪلڻ ڳالهائڻ ڪونہ ٿا. بلڪل گنڀير آهن. هنن کي پڪ آهي تہ بابا جي دماغي حالت ٺيڪ نہ رهڻي آهي. علاج صلاح پريو نہ آهي. مائٽ ڪا راءِ ڪانہ ٿا ڏين. ماءُ کي تہ خاص ڪا خبر بہ نہ آهي. پيءُ من سان منجھيل آهي. اڄ ٽيون ڏينهن آهي. هوُ هڪ عجيب ڳالهہ ٻڌي رهيو آهي. هوُ ڪيئن فيصلو ڪري. ڪنهن کان پڇي؟ ماءُ کان ؟ هوءَ تہ بيهوش آهي. پر هوءَ ڪيئن فيصلو ڪري سگھندي، جيڪا خود خطري کان ٻاهر بہ آهي الائي نہ. ڪنهن سان صلاح ڪري ٿو سگھي. وڏو ڀاءُ فون تي لڳاتار پُڇ پُڇ ڪري رهيو آهي. هن کي بہ ڪو سِڌو جواب ڪونہ ٿو ملي. ڪيس سُڃاتل قابل وڏن عهدن تي رهيل بہ ڪا صلاح ڏيڻ کان ڪيٻائين ٿا. چون ٿا ڊاڪٽر جيئن چون!

**مائٽ:**

سُس پُس وڌي ويئي آهي. شايد بابا سنڪٽ مان نڪري ويو آهي يا شايد بچڻ جي اُميد نہ رهي آهي. يا شايد... ڪجھہ پتو نٿو پوي. ڊاڪٽر ۽ نرسون اچ وڃ ڪن ٿا. هوُ سڃاڻجي نہ رهيا آهن. پر پھرين کان وڌيڪ هلچل آهي. مائٽ پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا آهن. ڊاڪٽر ماءُ لاءِ آشاوادي آهن. پر بابا جي اُلجھن جو ڇا ڪجي؟ برابر مَند ٻُڌي بابا جو جيئڻ ڪيترو نہ ڏکيو آهي. هن لاءِ بہ، گھر وارن لاءِ بہ. پر اِئين ڪير ڪيئن ٿو چئي سگھي تہ علاج بند ڪريو. آڪسيجن بند ڪريو. اَسان اهڙو اپاهج بابا پالڻ ڪونہ ٿا چاهيون. ماءُ ڇا چوندي؟ پيءُ ڇا چوندو؟ جي سچ پڇ اِهو مڃجي تہ ڊاڪٽرن جي ڳالهہ برابر آهي. اڳ اَسان کي اِئين پئي لڳو تہ شايد ڊاڪٽر ٻاهر موڪلي رهيا آهن اِنڪري جو هوُ علاج جاري رکڻ جي فائدي ۾ نہ آهن! پر هت تہ اِها ڳالهہ نہ آهي. هت جيڪڏهن علاج جاري رکندا تہ هنن جي ڏنڌي جي لحاظ کان تہ هوُ چاهيندا. لنبو علاج تہ گھڻو لنبو بہ هلي سگھي ٿو. هيءَ ڪا سرڪاري اِسپتال تہ ڪانہ آهي. هت تہ هر

ڪنهن کي پنهنجي ڪم جا پئسا ملندا آهن. پوءِ بہ هوُ علاج نہ ڪرائڻ جي صلاح ڏيئي رهيا آهن. اَپاهج ٻار دنيا تي ٻار، مائٽن تي ٻار، پنهنجو ٻار بہ نہ سنڀالي سگهي. هِن کي خود بہ جيئڻ مان ڪهڙو آنند ملندو؟ هميشه ٻين جي سهاري لاءِ هٿ کڻي نهاريندو. اهڙو جيون ڏيئي اَسان ٻار سان ڀلائي ڪري رهيا آهيون يا.... پر.... مائٽ بہ منجهي رهيا آهن. پيءُ کي ڪا صلاح ڏيڻ ۾ سهمت ڪانہ ٿي رهيا آهن. يا همٿ ڪانہ ڪري سگهيا آهن. همٿ تہ پيءُ کي ڪرڻي پوندي. اَسان ڪيئن ڪريون. ڪيئن چئون.

**ماءُ:**

ٻار کي بچائڻ جا حيلا هلائيندا رهيا. پر سڀ نصيب جي ٻلهاري آهي. ڊاڪٽرن جي وس ۾ بہ ڪيترو هوندو! هِنن تہ ڪائي ڪثر ڪانہ ڇڏي. ڏاڍو اُدم ڪيائون. اڌ رات جو ڪيترا ڊاڪٽر گڏ ٿي ويا. هوُ جيڪي ليڊيز آهن اُهي بہ نرسون نہ آهن. اِهي بہ ڊاڪٽرياڻيون آهن. پر ڪنهن جو وس ڪونہ هليو. آخر ڊاڪٽرن جواب ڏنو. ٻار کي ڪونہ بچائي سگهياسين.

ماءُ هاڻ هوش ۾ آئي. هن کي سمجهہ ۾ اچي رهيو آهي تہ هوءَ ڇا ٻڌي رهي آهي. هاڻ ڊاڪٽرن هِن سان مَلڻ جي اِجازت ڏني آهي. مائٽ پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا آهن جيئن هِن کي خبر پوي. آخر بہ تہ سهڻو هنکي پوندو ئي. پر هوءَ لنبي خاموشيءَ مان اڳ ئي سمجهي ويئي هئي. حالت گنڀير آهي. هِن کي بس ايتري خبر پيئي ٻار ڪونہ بچي سگهيو. هو ڇو ڪونہ بچي سگهيو يا حالت ڇو گنڀير هئي اِها خبر هن کي ڪانہ هئي. ڊاڪٽرن مائٽن کي ٻاهر گهرائي پيءُ کي موڪليو. پيءُ چپ چاپ ٻئي ٻانهون ٻڌي اَڳيان بيٺو رهيو. نرس هن کي ٻڌايو. هِن کي خبر آهي. هوءَ بهادر آهي. جيڪي ٿيو اُن کي قبول ڪرڻو آهي. جيڪا ايشوَر جي مرضي.

ماءُ ڏنو سڀ خاموش آهن. مائٽ خاموش آهن. پيءُ خاموش آهي. هِن کي سُڌ نہ هئي. پيءُ ڪيئن پنهنجي مُنيءَ پر ممتا کي ڪهڙي مجبوريءَ سان ۽ ڪهڙي من سان مٽيءَ کي سُپرد ڪيو هو.

(سِپوُن - ٢٠١٢)

# فَرَقُ

اَڄ هن کي پنهنجو پيپر پيش ڪرڻو آهي. ٽن هفتن جي هن رفريشر ڪورس ۾ هو اَٽڪل پنجاهه پروفيسرن مان هڪ هو. ٽن هفتن لاءِ هو سڀ ڄڻ شاگرد هئا ۽ بينچن تي وهندا هئا. جڏهن ڪنهن ٽيچرس ڊي جي پروگرام ۾ شاگرد پروفيسرس جي ڪرسين تي وهندا آهن.

بينچن تي وينل هنن وڏي عمر جي ’شاگردن‘ ساڻ ويٺي هو پنهنجي سڏ جو انتظار ڪري رهيو هو. هڪ ٻي بہ حقيقت هن جي ذهن ۾ چُر پُر ڪري رهي هئي. اَڄ هال ۾ ايندي هن کي ڪجهہ ائين ٻُڌڻ ۾ آيو-

’’مينڪا آنٽي! آج آپ ايڪ دِن کي ليئي هماري ساٿ سٽوڊنٽ بنڪر آگي کي گيسٽ لائين ۾ براجيئي. بڙا اَڇا لگتا هئہ.‘‘

هڪ جونيئر ليڊي ٽيچر ڪنهن ٻڍي لڳندڙ عورت کي چئي رهي هئي. ڇوڪري لڳندڙ ان ٽيچر هن کي هلڪو ڌاڪو بہ ڏاتو.

هن کي ڪجهہ عجيب لڳو.

مينڪا! وري آنٽي!

اهي لفظ ٻڌي هوءَ ٻُڍي عورت بہ هلڪو مُسڪرائڻ لڳي هئي. ضرور اها ڇوڪري شڪنتلا هوندي! هن کي مينڪا آنٽي لفظن تي ڄڻ اعتراض ٿيڻ لڳو. اَپسرا ڀلا ٻُڍي بہ ٿيندي آهي ڇا! ٻُڍا تہ اِنسان ٿيندا آهن. پر

اَصل ڳالهہ ڪا ٻي بہ هئي، جنهن هن کي اندر ئي اندر ڪٿي جو ڪٿي پهچائي ڇڏيو. ائين تہ هو بہ ڪنهن مينڪا کي سُڃاڻندو هو. چاليهہ سال اڳ. هوءَ تہ سچ پچ مينڪا هئي. اڃا بہ هن جي سونهن جي مهڪ هن جي من تي طاري آهي! هن جو نالو بہ مينڪا هو. مينڪا جوشي! هن جي شخصيت اَهڙي هئي جو هن جي پوڄا ڪرڻ تي دِل ٿئي!

يادن جي ان طرح تازي ٿيڻ سان هن جي من کي ڇڻ جهٽڪو لڳو. اَڙي! ڪٿي هوءَ اهائي مينڪا جوشي تہ نہ آهي! پر ائين پنيان نهارڻ يا پڇڻ بہ ٺيڪ نہ ٿيندو. هو شانت رهيو. البت هن جي اَندر جي آنڌ ماند وڌي وئي. هن ڪان پڇڻ وڻڻ ڪو ڏکيو ڪم تہ نہ هو. پر هوءُ اهڙا سولا ڏکيا ڪم بہ اڪثر ٽاري ڇڏيندو آهي. ڪنهن غير واقف شخص سان ۽ سوبہ عورت سان ڳالهائڻ هن لاءِ ايترو سولو نہ هو. ٽيهہ سال ڪاليج ۾ پڙهائڻ باوجود.

ان سوچ ۾ مَشغول هوندي، هن پنهنجو نالو ٻڌو. هن هلڪو ڇرڪُ پريو. پر پوءِ پاڻ سنڀاليندي، پرپور آتم وشواس سان، منچ تي اچي ويٺو.

پروگرام جي ڪو آرڊينيٽر ڊاڪٽر وياس مائيڪ تي پڌراٽي ڪندي چيو: دوستو، مهرباني ڪري اَڄُ جو پيپر ڏيان سان ٻڌندا. مونکي پڪو وشواس آهي، اَسان جي اَڏياپڪ برادريءَ ۾ ڪي مقبول سمالوچڪ بہ اوس آهن. شايد اڄ توهان کي ڪو خاص اَنڀَو ٿئي.

هو پنهنجو پيپر پڙهڻ لاءِ اُٿيو. اول تہ هو ڪن پل شانتيءَ سان ان حوُر پَرِيءَ کي ڏسندو رهيو. تُرت هن کي ان ڪرشمي جو احساس ٿي ويو. هنن جون نظرون مليون. ٻنهي مُسڪرايو. هوءَ اها ئي مينڪا جوشي هئي. هن کي لڳو- هن ٻُڍِي لڳندڙ عورت کي مينڪا چوڻ تہ گناهہ نہ بہ هجي، پر هن کي مينڪا آنٽي چوڻ تہ 'مينڪا' جي اِميج سان زيادتي آهي.

هن کي پنهنجي ياداشت تي فخر ٿيڻ لڳو. چاليهارو سالن جو سمو گهڙي پلڪ ۾ گذري ويو. هن کي سڀ ڪجهہ چٽو ياد اَچڻ لڳو. ياداشت

جي اِسڪرين تي هڪ وڊيو شروع ٿي ويو....

چاليهہ سال اڳ، هو ڇهہ مينڪا سان ئي مخاطب هو:

..... دوستو! هونءَ تہ مان هت فقط ٻُڌڻ ئي ايندو آهيان. پر اَڄ ڪنهن جي پنهنجائپ ڀرئي زور ڀرڻ تي پنهنجون ڪويتائون پيش ڪرڻ آيو آهيان.

هن ڏنو هو مينڪا برابر مُسڪرائي رهي هئي. هن جي ان طرح اڻ لکي مُسڪرائڻ ۾ هڪ اَڻ لکي ڪشِش هوندي هئي.

ساهتيڪ سڀائن ۾ يا ڪويتا پاٺ ۾، اَڪثر وڏي عُمر جا شخص وڌيڪ ايندا هئا. منچ تي رکيل ٻہ چار ڪرسيون هنن جي رهيل منزل هوندي. ڪي ذهين يا ذهين لڳندڙ شاگرد ڇوڪرا بہ اڪثر اهڙين سڀائن ۾ ايندا هئا. هو پاڻ بہ هنن مان هڪ شاگرد هو.

جڏهن کان هنن جي خُشڪُ سڀائن ۾ بہ چار جوان ڇوڪريون بہ شامل ٿيڻ لڳيون، هنن شاگردن جو اَڪثر اچڻ اٿر بڻجي ويو. پوءِ تہ هو هنن ساهتڪ سڀائن جي منچ تي ياڳ وٺڻ جا وجهہ بہ ڳولهي وٺندا هئا.

هنن جي اُنهن جُوان جماڻ ڇوڪرين ۾ دلچسپي سياويڪ هئي.

ڏيري ڏيري هنن جي ٿوري سُڃاڻپ بہ ٿيڻ لڳي.

اُنهن ڇوڪرين ۾ هڪ مينڪا بہ هئي.

مينڪا!

هوءَ هت ايندڙ ٻن چئن ڇوڪرين ۾ هر طرح نرالي هئي. اُهي هن کان عُمر ۾ بہ چار سال ننڍيون هُيون ۽ سوُنهن ۾ بہ چار صديون.

هوءَ پهرين قطار ۾ ڪُنڊ ۾ اَڪيلي وِهندي هئي. باقي ڇوڪرين سان هن جي خاص ڪا سُڃاڻپ نہ هوندي يا هنن جو ساٿس ڳڏ وهڻ ڪين ڪجهہ ڏکيو لڳندو هوندو.

مينڪا روپ رنگ، ويس وڳي ۽ ميڪ اَپ ۾ پنهنجو باقي سمورو وقت، ڌيان ۽ شڪتي خرچ ڪري پوءِ ئي ايندي هوندي. هُن جي ڪَنن ۾ وڏا وڏا

گول ايئرنگ لڏندا بہ هئا ۽ چمڪندا بہ هئا. ھُن طرف توهانکي نظر ڪرڻ تي دِل ٿئي تہ هوءَ بُرو نہ مڃيندي. توهان کي پنهنجي خاص اَڻ لکي مُسڪراهٽ سان ’هاءِ!‘ چوندي. آواز برابر ڪونہ ٿيندو، پر هن جي چپن جي لرزش سان توهان کي ٻڌڻ ۾ ضرور ايندو. ان جو اَثر ڪِنِ لاءِ اهو ٿيندو تہ هو وري، يا وري وري؛ هن طرف نهارڻ جي جريت نہ ڪندا. ڪن لاءِ وري اُهو پنهنجائپ جو سَڏُ ثابت ٿيندو.

هوءَ سنهي تہ هئي پر سنهڙي ڪانہ هئي. هن کي پاتَلُ پاردرشڪ ٽاپ ويئلن کي ان جو رنگ سُڃاڻڻ جو چئلينج ڪندو. هنن کي ڪڏهن لڳندو اُهو سُرمائي رنگ جو آهي. ڪڏهن لڳندو اُهو سُرمائي رنگ تہ هن جي بلائوز جو آهي.

هن جو پنهنجو روپ رنگ هن جي ڊريس کان وڌيڪ هن جي نالي سان مئچ ڪندو هو. سونهن ساڻ هن جي ڇهري تي وڇايل شالينتا جو پرياءُ، هن جي ٻين سيني زيورن کان الڳ ۽ اَهم هو. اُهو ئي هن جي شخصيت کي گنڀيرتا بخشيندو هو.

مينڪا کي ويجهائيءَ تان ڏسندي هن جي من ۾ بہ سوال پيدا ٿيندا هئا. هن جي سوُنهن جي مهڪ آخر ڪهڙي آهي؟ هن هڪ ڪويتا بہ لکي هئي. Flavour of Beauty هن کي اهو بہ سوال ٿيندو هو تہ هنکي وري ميڪ اَپ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي! ڪنهن کي بہ مات ڪرڻ لاءِ هن جي اُها اَڻ لکي مُسڪراهٽ ئي ڪافي آهي.

اَلبت اهو چَوڻ ڏُکيو هو تہ هن نردوش سُندريءَ کي پنهنجي سوُنهن جو اَحساس بہ آهي يا نہ!

هِن جي پير ۾ ويئل؛ هِن جي سوڙهي چوٽي ۽ پيرن کُڙين جي رنگ جي مئچنگ تي بہ عجب ڪائيندا هئا. ڪيترا وري هن جي ڪارن لنبن لساريل ڪليل وارن ۾ اَٽڪايل اَڇي موگري جي گُل جي ڪنٽراسٽ جي دِلڪَشِي محسوس ڪندي سرها ٿيندا هئا.

اِئين تہ هن جي هٿن جي آڱرين جي نيل پالش جي مَلٽي ڪَلَر شيڊ ۽ هن جي بلائوز مٿان پيل ٽرانسپرنٽ ٽاپ سان اُپرندڙ سُرمائي رنگ جي ڪڏهن هلڪي ۽ ڪڏهن گهاٽي شيڊ سان مئچنگ بہ دلچسپ هئي.

هن جي پيرن جي آڱرين جي نيل پئنٽ جي ڊارِڪ اِسڪن شيڊ ۽ هن جي پهريل لائيٽ اِسڪن شيڊ واري چوٽيءَ جي شيڊ جي مئچنگ ۾ بہ ڪلاتمڪ درشٽي- AESTHETIC SENSE نظر اَچڻ ڏکيو نہ هو.

هن جي اوٺهين ۽ وڏين اکين جي ڪارَن ڇَپرن جي ڇُرپُر بہ ڇڻ ڪنهن ننڍڙي پَکِڻ جي نازڪ پَرن جي ڦڙ ڦڙائڻ جو نظارو ياد ڏياريندي هئي.

هت وينل هن جي دلڪش موجودگيءَ کي ڇڻ ساڪيات ڪلاڪرتيءَ طور ماڻيندا هئا. پيش ٿيندڙ ڪلاتمڪ ڪويتائون ڇڻ نمت بڻجي ويندڀون هيون. اَڪثر ڪيترن جي پنهنجي ڪلا جي پرک جي سوُجهہ ٻوُجهہ هن جي سوُنهن جي مهڪ ماڻڻ ۾ محوُ ٿي ويندي هئي.

اِئين تہ هوءَ پاڻ ئي هڪ اَمُلهہ هيرو هئي. پر ڪيترا ٻيا بہ هيرا هن سان هليا ايندا هئا. نارنگيءَ جي ڦار جهڙي هن جي نَڪَ تي هڪ هيرو تہ ڇڻ بنا ڪنهن ڦُلي يا ڪوڪي جي سِڌوئي جَڙيلُ هو. هن جي گول گول لڏندڙ ٻنهي ايئرنگس ۾ گولائيءَ تي جَڙيل باريڪ هيرا بہ چمڪندا رهندا هئا. هن جي ڪرائيءَ ۾ هڪ طرف پيل ننڍڙي واچ ۾ لڳل ٻئي ڪانٽا بہ ڇڻ هيرن کي تراشي ٺاهيل هجن- اَهڙا لڳندا هئا. ٻي ڪرائيءَ ۾ اَڇي رنگ جي عاج مان ٺهيل ڊزائينرُ ڪنگڻ هن جي پنهنجي ڪرائيءَ سان ئي مئچ ڪندو نظر ايندو هو. پر اُنهن سيني هيرن کي هارائڻ وارو هن جي ڳلي جو سفيد مٽين جو هار نظر اَٽڪائڻ لاءِ يا نظر لڳڻ لاءِ ڪافي هو. پر هن کي تہ مينڪا جو اهو هار سينگار فضول لڳندو هو.

هن اڳيان تہ اهو بہ سوال ايندو هو تہ هڪ ساڪيات ڪويتا ڪامني پنهنجي سموري سُر تال ۽ ليہ سان هت ويهي ڇاتي ڪري! هن لاءِ هت

پيش ٿيندڙ ڪويتائون يا بحث ڪيترا لطيف هوندا؟ هوءَ تہ ڪنهن طرح جي سڌي اَڻ سِڌي تعريف جي بہ بلڪل محتاج ڪانہ هئي...... پر ڏيري ڏيري اهو سڀ ڪافي سهج ٿيندو ويو، هو بہ بين ساڻ ملي هنن مان هڪ ٿيڻ لڳو.

هاڻ تہ مينڪا سان هن جو پريچيہ پنهنجائپ طرف پنڌ ڪرڻ لڳو هو. پنهنجائپ جي اُن پنڌ ۾ هن کي مينڪا جي ان سوُنهن جي مهڪ کان سواءِ هن جي ساهتيہ جي انٽريسٽ ۽ ناليج جو بہ پتو پيو. هوءَ خود بہ ڪويتائون لکندي هئي. هنديءَ ۾ ايم.اي. ڪري چڪي هئي. ڪاليج ۾ ليڪچرارشپ شروع بہ ڪري چڪي هئي ۽ سَرڪاري نيمن تحت حال چڙي بہ چڪي هئي.

هوءَ شادي ڪري بہ چڪي هئي ۽ ٽوڙي بہ چڪي هئي. هوءَ هڪ لوڪل گجراتي اخبار ۾ ساهتيڪ ڪالم بہ سنڀاليندي هئي. ان ۾ مينڪا هن جو پريچيہ بہ پرڪاشت ڪري چڪي هئي. اهو ڪالم ئي هنن جي سُڃاڻپ جو نمت بڻيو هو.

مينڪا کيس فون ڪيو هو- تو پنهنجو پريچيہ ڏنو؟

-ها. پنهنجي باري ۾ ڪافي نئين ڄاڻ بہ ملي.

ٻئي گهڻو ڪليا هئا. پر عُمر جي ڪجهہ وڇوٽيءَ باوجوُد، وڌندڙ هيءَ پريچيہ کان پنهنجائپ جو پنڌ ڪنهن DEAD-END وٽ پهچي رڪجي ويو. هوءَ ڪنهن ٻئي شهر هلي ويئي. پنهنجائپ جي ايتري اوسر بہ ڪانہ ٿي هئي جو هو اها بدلجندڙ حالتن ۾ بہ قائم رهي. هن کي لڳو- CHANGE IS PERMANENT ۽ هن وٽ فقط مينڪا جي سوُنهن جي مهڪ رهجي ويئي.

اُها مَهڪ چاليهہ سال پوءِ بہ يادُنِ جي گلدستي ۾ قائم آهي.

۽ اَڄُ هوءَ مينڪا آنٽي هئي....

.... مائيڪ اڳيان اَچي هن چاليهن سالن جي سوُنهن جو سفر ڪِن پَلَ ۾

پورو ڪري ورتو. پاڻ سنڀاليندي هن پنهنجو پيپر پڙهڻ شروع ڪيو.... دوستو، مان هن مائيڪ تي هٿ رکي توهان سڀني کي حاضر ناضر ڄاڻي قسم ٿو کڻان تہ مان فقط اهو ئي چوندس-جيڪي لکي آيو آهيان. هي سڀئون بہ ان جو ئي حصو آهن...

هو بلڪل سَهَج نموني پيپر پڙهي رهيو هو. هنکي ڪجھہ سوچڻو ڪونہ هو ڇڻ ڪنهن ٻئي جو پيپر پڙهي رهيو هجي. هن جون جُهڪيل نظرون مينڪا آنٽيءَ کي بہ ڏسنديون رهيون. هن ڏنو- وچ وچ ۾ تاڙيون وڄي رهيون هيون. تاڙيون وڄائڻ وارن ۾ مينڪا آنٽي بہ شامل هئي. هو ٿورو خوش بہ ٿئي ٿو. چاليھہ سال اَڳ مينڪا جي زور پرڻ تي هن جڏهن ڪويتائون پيش ڪيون هيون. هن کي درشيہ ياد آيو- تاڙين وڄائڻ وارن ۾ مينڪا بہ شامل هئي.

ءَ اَڄُ هوءَ مينڪا آنٽي هئي.

اڄ هن جي چهري تي ڳلن ۾ کُبَ پئجي ويا هئا. پيشانيءَ تي وڏا گهنج هئا. ٿلهن ڪاچن وارو ڪاري رنگ جي پلاسٽڪ جي فريم وارو چشمو بہ هن جي عمر سان مئچ ڪري رهيو هو. هن جي ڪَنَنِ ۾ ايئرنگ تہ هئا پر نہ لڏي رهيا هئا ۽ نہ چمڪي رهيا هئا. نڪ ۾ پيل ڪوڪي ۾ هيرو تہ هئو، پر اهو بہ هاڻ چمڪي نہ رهيو هو.

هن جي روپ رنگ ساڻ ويس وڳي ۾ عمر جو اَثر شايد ضرورت کان وڌيڪ هو. هن جو شرير بہ وزندار ٿي ويو هو. ڪاڏيءَ جي لڳندڙ ڪاري ڪناريءَ واري سفيد ساڙهي بہ شايد عمر سان ئي مئچ ڪري رهي هئي. هن جي شرير جو گورو تجلا ڏيندڙ ڪاڄُنِ جهڙو رنگ هاڻ پَڪل بادامين جهڙو ٿي ويو هو. پيشانيءَ تي عمر جوُن لڪيروُن ڳاڙي تِلڪَ جي آس پاس ڦهليل هُيون- هن جو بلائوز بہ ڍلو ڍلو لڳي رهيو هو- گردن جي چمڙي بہ سُڪل ربڙ جهڙي ڪِرڀَچڙي لڳي رهي هئي. هن جي مَٿي جا وارئي نہ، اکين جا ڇپر بہ اَڇا تيڻ لڳا هئا. جڻن تئن ويڙهيل اَيوڳن اڇن وارن ۾

اتڪايل ڪارو پلاسٽڪ جو ٽڪل بلڪل بي ميل لڳي رهيو هو.

شايد عمر هن جي شرير تي پورو قبضو ڪري چڪي هئي.

اَچانڪ هڪ ويچارَ هن کي خوش ڪري ڇڏيو.

هن کي لڳو، مينڪا آنٽيءَ عمر کي هڪ ڳالهه ۾ هارايو آهي.

هن جي شڪل ڇهري باوجود، اُن تي هڪ اَڻ لکي مُسڪراهٽ بدستوُر قائم هئي. عمر هن کان اها مُشڪ کسي ڪانه سگهي هئي. هن کي ڇڻ هڪ پريرڻا ملي. هو به اَجايو مُسڪرائڻ ۾ ڪفايت ڪندو آهي. هن کي اَحساس ٿيڻ لڳو هن جي اها مُشڪ، سوُنهن جي مهڪ جو سگنيچر آهي.

اوچتو هن هاڻ پاڻ کي مينڪا جي نظرن سان ڏسڻ چاهيو. هو پاڻ به ته جوانيءَ کي وقت جي وهندڙ نديءَ جي هُن پار ڇڏي چڪو آهي. البت هن کي ان سوُنهن وڃائڻ جو افسوس ڪونه هو، جيڪا هن وٽ هئي ئي ڪانه. اها ته هونءَ به پرائي جائداد آهي. جنهن کي بيو ڪير نه ته عمر ته لُٽي ويندي. ان جو ساڪيات ۽ چٽو اَنيو هن کي هڪ درد جو اَحساس ڪرائي ٿو وڃي.

.... پيپر پورو ڪندي هن آخر ۾ ڇيو: اُميد ته مون پنهنجو قسم نبهايو هوندو. توهان سيني جي گهڻي مهرباني.

ڊاڪٽر وياس اُٿي هن کي ڀاڪر پاتو.

هال ۾ تاڙيون وڄي رهيون هيون.

تاڙين وڄائڻ وارن ۾ مينڪا آنٽي به شامل هئي.

هن مينڪا ۽ مينڪا آنٽيءَ جو فرق شِدّت سان محسوس ڪيو.

(’رچنا ۽ ڪٿ‘ پروگرام ۾ پيش ڪيل ۽ ڪونج-۲۰۱۴)

جي پنيان جماليتي احساس جي ڏور ۾ جڪڙيل انساني رشتا. ڪئنوس: هڪ پيڙهيءَ جي لڳ ڀڳ هڪ زندگيءَ جو داستان (’هنجي ۽ منهنجي وچ ۾‘)

٣. ڪاليجي ڇوڪريءَ جي سهج چنچلتا ۽ فطرتن ڪشادگيءَ جي چانئٺ جي پنيان وڪوڙجي ويندڙ پرش جي موقعي پرست منوورتيءَ جي ڦوڪ. تضاد: هجڻ ۽ ڏسجڻ جو ڀرم (’تفاوت‘)

۴. ناڪامياب شاديءَ ۾ زبون ٿي ويل ڪومل ڀاونائن کي موافق ماحول ۽ هڪ اڌ واقعي جي اڻ ’بڻت‘ جي ڪري ressurect ڪرڻ جو ارادو. بشڪريہ: ڏياري (ڦوڪٽي ۾ بند نئون تاجمحل)

۵. جو چاهجي ۽ جي اُهو نہ پائجي تہ بہ چاهجي يا نہ- جي جذباتي تڪليف کي ڍوئي لڪائجي يا لڪائي ڍوئجي جو ضميراڻو ضد. اتفاق: هلندڙ ٽرين ۾ اوچتو پيدا ٿي ويل پنهنجائپ (ٽرين هلندي رهي)

٦. پهلوان جيان لڳندڙ شخص کي ڏسي انجي جيت جو اندازو ڪوبہ انسان لڳائي سگهي ٿو. ائين نٿو ٿي سگهي تہ اُهو انسان صرف پنهنجي پهلوانيءَ جي ڪري ئي لڙڻ لاءِ مجبور ٿيو هجي ۽ هر بار هارائيندو رهيو هجي. صرف ڌاتوءَ تي ئي سون جو پاڻي چڙهي سگهيتو، انسان تي نہ؟ مثال: ’هڪ ڀڳو شخص‘.

٧. پر جي ڪو سون هئڻ جي باوجود پاڻتي ڌاتوءَ جو پاڻي چاڙهي گهمي تہ انجي پوشيدگيءَ جي اظهار تي ڪويتائي رد عمل ئي پيدا ٿيندو. اها لجلجاهٽ c/o ڪوتا.

٨. اهڙا اظهار شخصي سنبندن کان پبلڪ رليشنس ۾ وڌيڪ ڪارگر ثابت ٿيندا آهن. پبلڪ رليشن جو مطلب ڪهڙو آهي؟ پنهنجي سوارٿ مٿان ڍڪ رکي ٻين جي ڪمزورين جو ڍڪ لاهڻ. پر فن سان، انسان جي انگريزي fun بہ جڙي وڃي تہ سمجهو اتي ’پورو دم‘ اچي ويندو.

٩. پر ’فن‘ خود ۾ ڪو گهٽ نقاب آهي؟ ڪنهن کان لڪل آهي تہ

لکجندي، پڑهجندي، ٻڌندي ٻڌائيندي ڪهاڻي صرف هڪ ’مدرا‘ ئي رهجي ٿي وڃي. ثبوت: ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻي.

١٠. پر مدرا سان مٿيل سچائي جي لکل طور پيانک هجي يا سچائيءَ سان مٿيل مدرا جي لکل طور ڪوکلي هجي تہ ڇا ڪجي؟ ڪهاڻي / ڪهاڻيون نہ لکجن؟

۽ ائين نامديو ڪهاڻيون لکيون آهن. هاڻ ڪهاڻيون:

جنسيات. رومان تي سچ پچ ڪتاب پردو وجهي سگهن ٿا؟ (تعداد سان فرق نٿو پوي) انلاءِ ڪا Physiological malignancy psycho ذميدار هئڻ کپي، جا هتي عدم پيدا آهي. ڪافي ڪمزور بنياد آهي. باوجود، من جي چرپر جي پوروچوٽ شبد جي سپرش سان پيدا ڪيل ڪردار جو اندريہ بوڌ ڪافي چڪيندڙ آهي. ڪجهہ فئشنيبل انداز بہ ساڻ آهي.

٢. هڪ نالي جي اردگرد سنجيده راند ٿي سگهيتي. خاص ڪري تڏهن جڏهن انجي پنيان رانديگرن ۾ سنجيدگي هجي. نالو جي هڪ نشان جي روپ ۾ سويڪار ڪجي سنجيدگيءَ جي تقاضا اڃا بہ وڌي ٿي وڃي. نالي سان عزازت ۽ مناسبت سوال جون ڪي نئديون نشانيون ڪونہ آهن پر هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ناول لاءِ موزون ڪٿا جو وستار آهي انڪري ڪيترا خال اڻ پريل رهجي ويا آهن. ليڪ تي گويا هبڪندي هبڪندي بياني طرز جو غلبو وڌي ويو آهي. ’وقت‘ (time) جي هئنڊلنگ بہ ’اعتبار‘ پيدا نٿي ڪري. هڪ يونيفارم آخرت تائين پهچڻ لاءِ ڪردارن کي نهايت سچيت سفر ڪرڻو پيو آهي. پلاٽ (ها، هڪ باقاعدي پلاٽ) جي وسيع چيڙي جي ڪري پاترن جي ’زندگيءَ‘ لاءِ نهايت محدود يا غير موجود دائرو رهجي ٿو وڃي. هيءُ هڪ جديد لڳندڙ ’آئڊيا‘ جو داستان آهي زندگيءَ جي بي ترتيب حقيقتن ۾ ٻڌل ڪهاڻي ڪانهي.

٣. ڇڊو رومان ٻوڙهي داغ جي غلط فهميءَ ٻڌجڻ ڪان رڪجي ٿو وڃي. اروٽا جي اوچتي يا چندر جي اوچتي وهنوار جي ڪري هيءَ ڪهاڻي

پهرين ڪهاڻيءَ جي ضد ۾ آهي. گنڀير ڪتابن جي پنيان لڪل هڪ هرويرو گنڀير لڳندڙ چهرو فيصلاڪن حالتن ۾ ڪافي هلڪو يا ڪافي سرل ثابت ٿئي ٿو. انڪري ڪهاڻي وڏيڪ سپاويڪ ٿي لڳي. ڪاليجي زندگيءَ جو هڪ اڌ واقعو ضرور هڪ اڌ خاڪو آهي. ان زندگيءَ ۾ پاري جيان هڪ استرتا لڪل هوندي آهي جا وزندار هوندي به گهٽو ڪري بي وزنائتي ثابت ٿيندي آهي. يا بي وزنائتي لڳندي به پٿر جي ليڪ ۾ بدلجي ويندي آهي. آپاس جي چنچلتا جي اها ڪنڊ ڪهاڻي ۾ بخوبي اُڀري آهي.

۴. ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻيءَ کان وڏي رچنا آهي هڪ (آدرش-قدر-سنسڪار جي ماريندڙ پڪڙ کان) مڪت استري، جا من ۾، من کي، من دڻاران جيئڻ لاءِ راهه ڳولهي ٿي. ڪولڊڊرنڪ جي اُن بوتل جيان جيڪا هڪ دفعو خالي ٿيڻ بعد وري پرجڻ جو انتظار ڪري ٿي. پنهنجي پهرئين پتيءَ جي من ۾ ايرکا جو هڳاءُ پيدا ڪري ڳوڙو محسوس ڪري ٿي. آتم پيڙا کي اپراڌ ۾ نٿي بدلي. ڪنهن ٻنڌن جو بوجهه کڻي نٿي اچي. فاحش ناول جي فراريت کي برو نٿي سمجهي ۽ پاڻ پيچيده زندگيءَ کان فرار نٿي ٿيڻ چاهي. لفظي اُپٽار ڪانسواءِ جديد موڙ تي بيٺل هيءُ ڪردار ان ڳالهه جو ضامن آهي ته پيچيدگين جا اخلاقي (moral) خلاصا بي معنيٰ آهن. پر هن ڪهاڻيءَ ۾ آلائي چو 'تاجمحل' جو پرتيڪ نه صرف مونکي واڌو ۽ وپريت لڳو بلڪ ڪهاڻيءَ جي سپاٽ اٽت ۾ اُهو فني لحاظ کان به ڌهرم رسائيندڙ نظر آيو.

۵. حالات اندر ٿيندڙ سمجهوتن کي جيئندي، معقول فضا ۾ جاڳي اُٿيندڙ nostalgia جي هيءَ ڪهاڻي جي هرروز جي اَنيو نه ڪڏهن ڪڏهن جو انيو هر ڪنهن لاءِ آهي. ويدنا جي چاوي پئجي وڃي ته ڇا ائين نٿو ٿي سگهي ته ڪڏهن اسين دريءَ جي شيشن کي پڪڙي اندرئين پاسي ئي لٽڪندا نظر اچون؟ هن ڪهاڻيءَ ۾ به مونکي ”۽ ٽرين هلندي

رهي.... هلندي رهي`` جا جملا فاضل / فضول نظر آيا.

٦. هڪ ٻيو شخص سچو ’پختو‘ بينو آهي. سندس آتم هتيا ٻه ڪو خصوص شاڪ ڪانہ تي پيدا ڪري. پر پڇاڙيءَ ۾ خبر نہ آهي چو پنهنجي منووگيانڪ مايوسيءَ کي نپوڙي ليکڪ انمان ڪو فلسفائي رس تو ڪڍي؟ ڪردار جا پويان تاثرات ڪهاڻيءَ جي reflective طاقت کي ڪمزور ٿا بڻائين.

٧-٨. ’ڪويتا‘ ڪهاڻيءَ جي ڪويتا جو لطف ماڻيندي هڪ هلڪي مرڪ سان مان انڪان پوءِ ’پورو دم‘ تو ڏيان.

٩. ’ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻيءَ‘ ۾ ڪهاڻيءَ جي وڪاس جي انتر ياترا جي جهلڪ موجود آهي ان هڱاءَ سان تہ اُها ٻہ ڪيڏي بي وفا چيز تي سگهيتي. تجربي لاءِ تجربو-شايد. هپيزم ۽ زين سنسڪرتيءَ جا حوالا هرويرو ڪهاڻيءَ کي لفظ پرستيءَ ڏانهن چڪي ٿا وڃن.

١٠. هڪ ڏيان ڇڪائيندڙ ڪهاڻي آهي، ’فياني‘ ٻن عددن ۽ ٻن جنسن جي ٻک پياس جي سنسار جو دستور رشتي ۽ رسم جي هن پار ۽ هن پار جو هڪ مشابهتي اپياس. نامديو نهايت تکي اک سان ٻنهي طرفن جي non-reality کي پڪڙي احساس جي ڦڙن جي رستي اندر داخل ڪري ٻاهر ڪڍيو آهي. ٿارت جي تلخي سوڪيم هوندي ٻہ سچوت آهي ۽ هڪ موه-ينگ کي گهري انيوتيءَ ۾ بدلي تي وڃي.

انتخاب کي سڌا سنواٽا رد عمل پيدا ڪري ٿو:

- ڪهاڻيون جدت جي نعريبازي کان آجيون آهن. پيڙ جو شور، آتما جو موت، وجود جو بحران انهن جي ويجهو ڪونہ تو اچي.

- جاٺي ٻجهي اپنايل ڪنهن طرزي ٽوڙ ڦوڙ جو موهہ پڻ انهن ۾ ڪونهي.

- ڪهاڻين جو ڪيتر ’شخص‘ آهي. انڪري مسئلن جي پيشڪش ۽ انهن جي حل ڪرڻ جي ذميداريءَ کان ليکڪ نجات پائي ورتي آهي.

- منووگياني پيچيدگيون ليکڪ جو پسنديده مواد آهي. جيتوڻيڪ ڪن ڪهاڻين ۾ ٻنهي جي لنڪ ٽٽي ويل به نظر اچي ٿي. ڪٿي ڪو منووگيان ايترو پيچيده نظر نٿو اچي (پورو دم، ڪويتا، ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻي.) ڪٿي ڪي پيچيدگيون ايتريون منووگيانڪ نٿيون لڳن. (برف جو رڄڻ ۽ منهنجي وڇ ۾)

- سنڌي ڪهاڻيءَ جي پس منظر ۾ ڪهاڻين جي موضوعن ۾ آجيان لائق تازگي آهي. (هونءَ ٿيون حصو ڪهاڻين ۾ ڪاليجي زندگيءَ جا پاڇا ڪجهه پريشان ڪن تا.)

- نامديو ڪي شبد دڳاران اندرين جي سم ويدنا ڪي جاڳرت ڪرڻ جي ڪافي قوت آهي. جي هو ڪٿي ڪٿي 'اتيءَ' کان بچي ته انکي هڪ حاصلات ۾ بدلي سگهي ٿو.

- ڪهاڻين ۾ فريم ڪونهن پر فريم ورڪ آهي. پر اُهو شايد ٿي ڪنهن کي سقم لڳي. عموما اهو حاوي نه پٽجي ٻين عناصرن ۾ فنائتي نموني جذب ٿيل آهي.

پنهنجي هم عصر ڪهاڻيڪارن سان گڏ هلندي نامديو هڪ سوکيم فرق جي ريکا خلقي ٿو. اُصولي ideological دٻاون جي علاوه هو حوالائي (contextual) دٻاون جي بوجهه کان پڻ آجو آهي. تخليقي خارجيت (creative objectivity) جي اها هڪ واڌو سميت ٿي سگهي ٿي بشرطيڪ هو ٻوڏڪ intellectual دٻاو کان به مڪت ٿي سگهي جنهن جو هو ڪٿي ڪٿي شڪار ٿي ٿو پوي.